# لبرل ازم ءِ اسلام

ترتیب: امتیاز گل

# لبرل ازم او اسلام

ترتیب: امتیاز گل

فریډرک ناؤمن فائونډیشن
اسلام آباد

**فريدرڪ ناؤمن فائونڊيشن © ٢٠٠٦**

ترتيب: امتياز گل

ترجمو: خالد آزاد

تعداد: 3,000

پبلشر: فريدرڪ ناؤمن فائونڊيشن
پوسٽ باڪس نمبر ١٧٣٣، اسلام آباد

فون: +92_51_2278896

فئڪس: +92_51_2279951

اي ميل: officepakistan@pakistan.fnst.org

قيمت: 150/=

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پيش لفظ | پيتر اينڊ ريس بوخمين | 5 |
| تعارف | امتياز گل | 9 |
| آمريڪا: مسلمانن لاءِ نفرت جو مرڪز | امتياز گل | 13 |
| اسلام ۽ لبرل قدر | خالد رحمان | 27 |
| گورورنگ، نيريون اکيون ۽ انساني حق | ڊاڪٽر مراد ولفريڊ هافمين | 37 |
| مدرسا: اسلامي ۽ مذهبي تعليمي ادارا | ڊاڪٽر خالد رحمان | 45 |
| عورتن جا حق ۽ مغربي دنيا | ڊاڪٽر ماهه نذير رياض | 63 |
| اسلام ۽ حڪمراني | محمد اقبال | 79 |
| اسلام بابت اولهه جي خدشن جو جواب | ڊاڪٽر مراد ولفريڊ هافمين | 97 |
| اولهه ۾ اسلام جو تصور | ڊاڪٽر انيس احمد | 123 |
| ڇا انساني حق اسلام سان مطابقت رکن ٿا | ڊاڪٽر رفعت حسن | 139 |
| اجرت ڏيندڙ ۽ ڪارڪن جو لاڳاپو | حسن خان | 165 |

# پيش لفظ:

چند سال اڳ فريڊرڪ ناؤمن فائونڊيشن پاران جرمنيءَ جي هڪ فلسفي ڊيٽمارڊوئنگ جو هڪ ڪتاب "لبرلا ازم جو مطالعو" شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ گذريل ٽن صدين جي يورپي ۽ آمريڪي لبرل دانشورن جون تحريرون شامل آهن. هي ڪتاب، جيڪو پاڪستان ۽ افغانستان جي چئن ٻولين ۾ شايع ٿيو، سو تمام گهڻو پسند ڪيو ويو ۽ غير متوقع طور تي گهڻي گهرج جي ڪري ڪيترائي ڀيرا شايع ٿيو. هن ڪتاب جي ڪري هڪ ڀيرو وري اهو اهم بحث آڏو آيو ته ڇا لبرل ازم صرف هڪ اولهه جو تصور آهي ۽ ڇا اسلام ۽ لبرل ازم هڪٻئي سان تضاد ۾ آهن؟

اهو سوال يقينن وقتائتو آهي، ڇاڪاڻ ته مختلف حالتن ۽ مختلف فلسفيانه پسمنظرن هيٺ مروج ٿيندڙ اصطلاحن جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ نٿي ڪري سگهجي. ان مان مون کي "اسلام ۽ اولهه" بابت ٿيل بحث مباحثا ياد ايندا آهن. اوهان وڏي آسانيءَ سان اهو چئي سگهو ٿا ته "اولهه" هڪ جاگرافيائي اصطلاح آهي، پر اسلام هڪ خدا کي مڃڻ وارو عالمي مذهب آهي. اسلام هڪ عظيم مذهب آهي، جڏهن ته لبرل ازم هڪ سماجي ۽ سياسي فلسفو آهي- ۽ انهيءَ ئي سبب جي ڪري اسلام ۽ لبرل ازم هڪ ٻئي سان مطابقت پڻ رکندڙ آهن. "اسلام ۽ لبرل قدر" جي مصنف خالد رحمان بلڪل صحيح چيو آهي ته اسلام جو بنياد الهامي علم تي آهي، جڏهن ته لبرل ازم عقليت تي زور ڏيندڙ آهي. صرف ان ئي سبب جي ڪري اسان اسلام ۽ لبرل ازم جي وچ ۾ ڪنهن به ٽڪراءَ جي ڳالهه نٿا ڪريون.

لبرل ازم جو تصور صرف ٻن قدرن تي ٻڌل آهي: شخصي آزادي ۽ سماجي ذميواري. جيڪڏهن اوهان اسلام ۽ لبرل ازم جي وچ ۾ لاڳاپي کي ڏسندؤ ۽ اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندؤ ته ڇا هڪ لبرل، مسلمان ٿي سگهي ٿو ته، اسان کي اهو ڏسڻو پوندو ته ڇا شخصي آزادي ۽ ذميواريءَ جا قدر لبرل ازم ۽ اسلام – ٻنهيءَ ۾ آهن يا نه!

هن سوال تي صرف اولهه جي لکڻين جي روشنيءَ ۾ بحث نٿو ٿي سگهي. اسان کي اهو تجزيو ڪرڻو پوندو ته مسلمان ۽ لبرل ڪهڙيءَ ريت اهو طئي ڪندا آهن ته انهن جي وچ ۾ هڪجهڙائي ۽ لاڳاپن جا ڪي گڏيل بنياد آهن يا نه؟

هيءَ ڪتاب ان پهلوءَ کي واضح ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي، ان ڪري هن ڪتاب ۾ موجود مضمونن کي لبرل ازم ۽ اسلام وچ ۾ بحث جي سلسلي ۾ آخري نه سمجهڻ گهرجي، ان جي بجاءِ هن ڪتاب مان ماضيءَ جي بحث مباحثن جي ڪري پيدا ٿيندڙ غلط فهمين ۽ گڏيل اختلافن کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهندي. هاڻي به پڙهندڙ هن ڪتاب ۾ موجود مضمونن ۾ پيش ڪيل خيالن سان متفق نه ٿي سگهندا. هر فلسفي تي ڪيترائي ڀيرا نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي. جيڪڏهن اسان ارڙهين ۽ اوڻيهين صديءَ جي لبرل فلسفي کي پڙهنداسين ته اسان کي پتو پوندو ته اسان ان جي ٻوليءَ به پوري طرح نٿا سمجهي سگهون، گذريل ٻن سو سالن ۾ سماجي ماحول سان گڏ ٻولين جي هئيت، اصطلاحن ۽ لفظي ذخيرن ۾ پڻ وڏي تبديلي آئي آهي. ۽ بلاشڪ گهٽيون تبديليون گذريل ڏيڍ سو سالن ۾ آيون آهن. ان جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته اسان جي ابن ڏاڏن جي سوچ غلط هئي، پر ان جو اهو مطلب سمجهڻ گهرجي ته اسان کي انهن خيالن کي ان دور جي ماحول، خاص طور تي ايڪيهين صديءَ جي فلسفيانه ماحول جي حوالي سان سمجهڻ

ڪپي. اسان کي انهن خيالن کي ڪنهن به سماج جي روايتن ۽ حقيقي تجربن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ گهرجي. لبرل ازم مغربي، عربي يا ايشيائي مسئلو نه آهي، نه ئي اسلام، عربي، مغربي يا ايشيائي مسئلو آهي، گهٽ ۾ گهٽ جيڪو ڪجهه ان سلسلي ۾ چيو ويندو آهي. اهو هي آهي ته اسلام هڪ عالمگير مذهب جي حيثيت سان ۽ لبرل ازم هڪ نقطئه نظر جي حيثيت سان هڪ ٻئي سان ويجهڙائي ۽ لاڳاپا پيدا ڪري سگهن ٿا.

آئون امتياز گل نهايت شڪر گذار آهيان، جنهن لبرل ازم ۽ اسلام جي موضوع تي ان قسم جو ڪتاب تيار ڪيو جيڪو لبرل ازم ۽ اسلام جي قدرن بابت تفصيلي بحث کي اڳتي وڌائيندو. مون کي هن ڪتاب ۾ لکيل سمورن مضمونن جي مصنفن جو شڪريو ادا ڪرڻو آهي، جو سندن قابل قدر ڪوشش سان اهو بحث اڳتي وڌندو جيڪو اڄ جي دنيا ۾، خاص طور تي ١١ سيپٽمبر ٢٠٠١ع کان پوءِ ورهائجي ويو آهي. مون کي يقين آهي ته ان قسم جي بحث مباحثن ۾ اسان ۾ هڪٻئي کي سمجهڻ ۽ هڪٻئي جو گهڻو احترام ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي.

لبرل ازم ۽ اسلام جو ٻيو ڇاپو ۽ هي سنڌي ترجمو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ان ڪتاب جي وڏي گهرج آهي، ۽ هي ڪتاب ان موضوع تي جاندار بحث ۾ معاون حوالو آهي.

**پيٽر اينڊريس بوخمين**

ريزيڊنٽ ريپريزنٽيٽو

فريڊرڪ ناؤمن فائونڊيشن، پاڪستان

Peter-Andreas Bochmann
Residen t Representative
Fri edrich Naumann Stiftung, Pakistan

## تعارف:

هن علمي بحث جو مقصد انساني عقيدن ۽ سماجي معاملن بابت عوامي سطح تي ٿيندڙ ڳالهہ ٻولهہ جي سلسلي ۾ ايندڙ خطرن کي واضح ڪرڻ آهي. دهشتگرديءَ جي خلاف جنگ، جيڪا ١١ سيپٽمبر ٢٠٠١ع جي تباهہ ڪن آپگهاتي حملن کان پوءِ شروع ٿي هئي، ان آمريڪا ۽ دنيا جي ٻين وڏن ملڪن ۾ اسلام جي مڃيندڙن بابت هڪ ٺي تصور قائم ڪيو آهي تہ اهو مذهبي جنگجوئن جو هڪ اهڙو گروهہ آهي، جيڪو مارڻ ۽ مرڻ جي لاءِ هر وقت تيار رهندو آهي. ان سان سموري دنيا ۾ مسلمان دشمن جذبا حد کان وڌيڪ وڌي ويا آهن. ان جوش ۾ اسلام جون گهڻيون خوبيون، مثال طور هڪ روشن خيال مذهب هجڻ، جيڪو علم جي ڳولا، ڀائيچاري، ٻين انسانن ۽ عقيدن سان رواداري ۽ برداشت جا قدر رکي ٿو- ختم ٿينديون پيون وڃن، جڏهن تہ جهاد ۽ انساني حقن جو هڪ فرسوده تصور اسلام جي سڃاڻپ بڻجندا پيا وڃن.

اها خود اسلامي دنيا جي ذميواري آهي، تہ اها پنهنجي اهڙن ماڻهن جي اصلاح ڪري، جن جهاد جي معنيٰ اسلام جي نالي تي ” ڪافرن جو قتل ڪرڻ“ ٻڌائي ڇڏي آهي- جيڪي اهو پڻ سمجهن ٿا تہ “ڪافرن” جي موت جو اعلان ڪرڻ اسلامي شريعت جي تقاضا آهي ۽ چورن جا هٿ ڀير وڍڻ خدا جو حڪم آهي، اهو ڏسڻ بنا تہ ان چور وٽ کائڻ جي لاءِ ڪجهہ هو يا نہ! جيڪو ڪجهہ جهادي، طالبان، القائده جا ڪارڪن ۽ وسيع معنيٰ ۾ پان اسلام ازم جا حامي چون ٿا، ۽ ڪندا رهن ٿا، اهو اڄ جي سماجي ۽ معاشي حقيقتن سان ٺيڪ نٿو ڪري. اهي اولهہ ۽ خاص طور تي آمريڪا

خلاف پنهنجي دشمنيءَ کي صحيح ثابت ڪرڻ جي لاءِ فلسطين، چيچينيا، افغانستان ۽ ڪشمير جي مسلمانن سان ٿيندڙ ڏاڍاين جو حوالو ڏين ٿا.

پر ڇا اسلام ان ڳالهہ جي اجازت ڏئي ٿو تہ انهن ڏاڍاين جو بدلو وٺڻ جي لاءِ معصوم انسانن کي ماريو وڃي؟ ڇا جهاد جو اهو مطلب آهي تہ ڪو هوائي جهاز ٽڪرائي ٢٥٠٠ کان وڌيڪ انسانن کي ماريو وڃي (ورلڊ ٽريڊ سينٽر)؟

ڇا اسلام، بنيادي انساني آزادين جي خلاف آهي؟

ڇا قرآن، عورتن جي حقن تي پابندي هڻئي آهي؟

ڇا اسلام، تنگ نظريءَ تي ٻڌل فلسفئہ حيات آهي؟

ڇا اسلام جو بنياد صرف ملائيت تي آهي؟

هي اهي چند سوال آهن، جن جا جواب هن مجموعي ۾ موجود مضمونن ۾ نامورن مفڪرن ۽ دانشورن پاران ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. پهريون مضمون ”نفرت جو مرڪز“ انهن سوالن ۽ اسلام جي مختلف پهلوئن مان اٿندڙ علمي بحث لاءِ خاڪو تيار ڪري ٿو. هي مضمون بنيادي طور تي ١١ سيپٽمبر جي الميي کان پوءِ آمريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان ۾ پيدا ٿيندڙ واقعن ۽ رونما ٿيل تبديلين جو هڪ مجموعي جائزو آهي.

پاڪستان جي، دهشتگرديءَ جي خلاف افغانستان ۾ ٿيل بين الاقوامي جنگ ۾ اهم حيثيت رهي آهي، جتي اسلامي انقلابين، طالبان ۽ القائده جي فرار ٿيلن جي ڳولا ۾ مصروف ٩٠٠٠ کان وڌيڪ آمريڪي فوجي، عالمي ميڊيا، خاص طور تي آمريڪي ميڊيا دلچسپ خبرن جو ذريعو بڻيل آهي. وڌيڪ اهم ڳالهہ اها آهي تہ

واشنگٽن دهشتگرديءَ جي خلاف مهم ۾ پاليسي سازي، راءِ ۽ ڄاڻ جي لحاظ کان مرڪزي حيثيت رکي ٿو. ان جو سڏوسنئون واسطو افغانستان ۾ ٿيندڙ واقعن سان آهي، ۽ سموري دنيا ۾ اسلام بابت موجود راءِ تي ان گهرو اثر پيو ٿو.

اهو سڀ ڪجهه آهستي آهستي اسلام ۽ مسلمانن بابت ماڻهن جي راين کي وڌيڪ زهريلو ڪري رهيو آهي. دهشگرديءَ جي خلاف جنگ کي اسلام جي خلاف جنگ سمجهيو پيو وڃي، ائين لڳي ٿو جيئن هڪ قدامت پسند آمريڪي ليکڪ پنهنجي ڪتاب ”اسلام بي نقاب“ ۾ چيو آهي ته، مذهب ۾ ”تيل، لاشن ۽ دهشت گردن“ کان سواءِ ڪجهه به نه هوندو آهي.

ڊاڪٽر مراد ولفريڊ هافمين ۽ ڊاڪٽر رفعت حسن جا مضمون، خاص طور تي انهن سوالن جا جواب ڏين ٿا، جيڪي اولهه جي ماڻهن جي ذهنن ۾ اڀي رهيا آهي، آئون انهن ٻنهي ليکڪن جو نهايت شڪرگذار آهيان، جو انهن هن ڪتاب لاءِ پنهنجا مضمون ڏنا، سندن ۽ ٻين قابل قدر ليکڪن جا خيال ان ڳالهه کي پڌرو ڪرڻ جي ڪوشش آهن ته اسلام هڪ روشن خيال مذهب آهي، جيڪو مُلائيت تي يقين نٿو رکي. اسلام، انسان جي احترام جي وڪالت ڪري ٿو ۽ ٻائيچاري جي تعليم ڏئي ٿو ۽ ذات پات جي فرق جي خلاف آهي. ممڪن آهي ته ڪيترن ئي مسئلن بابت مسلمان ليکڪن جي تشريح ۽ وضاحت سان ڪيترن ئي دانشورن کي اختلاف هجي، پر پوءِ به اسلام ۽ ان جا قدرن جي آفاقيت تي ڪابه اختلاف راءِ نه آهي.

پيٽر اينڊ ريس بوخمين پڻ، جيڪو هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ روح روان رهيو آهي، گھڻي گھڻي شڪريي جو حقدار آهي، جنھن بين الثقافتي مڪالمي ۽ مباحثي کي اڳتي وڌايو. هي مڪالما ۽ مباحثا سماجي قدرن ۽ سياسي فلسفن سان گڏ مذھبي عقيدن کي سمجھڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿيندا آهن.

**امتياز گل**

اسلام آباد

# آمريڪا: مسلمانن لاءِ نفرت جو مرڪز

## امتياز گل

[ امتياز گل، اسلام آباد ۾ رهندڙ هڪ صحافي آهي. جيڪو وائيس آف جرمنيءَ لاءِ ڪم ڪري ٿو. امتياز گل The Unholy Nexus: Pak_Afghan Relation Under the Taliban جو ليکڪ پڻ آهي]

۱۱ سيپٽمبر ۲۰۰۱ع تي ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ پينٽاگون تي ٿيل حملي جي ٽن ڏينهن کان پوءِ آمريڪي صدر جارج بش، وڏي سادگيءَ سان آمريڪا پاران دهشتگرديءَ جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. هن واشنگٽن جي قومي گرجا گهر ۾ اعلان ڪيو ته "انساني آزاديءَ جي دشمنن" آمريڪا تي حملو ڪري ڇڏيو آهي.

"تاريخي طور تي اسان جي ذميواري بلڪل واضح آهي ته انهن حملن جو جواب ڏنو وڃي ۽ دنيا کي بديءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي". دنيا جي ڪيترين ئي قومن جي حمايت ۽ همدرديءَ جي ٻل تي آمريڪا جي جنگ تيزيءَ سان وڌڻ لڳي. افغانستان ۾ حڪمران طالبان، ۽ انهن سان گڏ اسامه بن لادن جي تنظيم القائده کي ڇيپاڻ ۾ مشڪل سان ٽن مهينن جو عرصو لڳو. ان کان پوءِ سگهو ئي حڪومتن پاران ۱۱۲ ملين ڊالر جا اثاثا منجمند ڪيا ويا، جن بابت خيال هو ته اهي القائده جا آهن. سموري دنيا مان القائده سان لاڳاپن جي شڪ ۾ هزارين ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو جن مان ڪيترائي القائده جي اهم ڪارڪنن ۾ شامل هئا.

جارج بش ۽ ان جي ساٿين، ڊڪ چيني ۽ بچاءُ واري وزير ڊونلڊ رمزفيلڊ، آمريڪا ۽ آمريڪا کان ٻاهر ”مسلمان دهشتگردن جي نرسري“ کي تباهہ ڪرڻ جي لاءِ جيڪو جنگي جنون پيدا ڪيو جنهن کي ”صليبي جنگ“ ۽ ”برائيءَ جو مرڪز“ جهڙن اصطلاحن اچا بہ وڌيڪ هوا ڏني۔ اهڙين حالت ۾ آمريڪا جا پنهنجين يورپي اتحادين، مثال طور: فرانس، جرمني ۽ روس سان لاڳاپا پڻ متاثر ٿيا، چاڪاڻ تہ انهن ملڪن ايران ۽ شام جهڙن ملڪن کي افغانستان سان جوڙڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

ڪروڙين اعتدال پسند مسلمانن کي چند بي دماغ شدت پسندن سان جوڙڻ جي نتيجي ۾ آمريڪا پاڻ بہ ”مسلمان دشمن جذبن جو مرڪز“ بڻجي ويو.

اي بي سي نيوز (نيويارڪ) ۽ بليف نيٽ (واشنگٽن ۾ قائم هڪ ايڊوڪيسي تنظيم) ٻاران يارهن سيپٽمبر جي حملن کي هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي عام راءِ جي هڪ سروي ڪئي وئي، جنهن مان پتو پيو تہ صدر بش ۽ سندن ساٿين پاران آمريڪي مسلمانن ۽ اسلامي دنيا بابت گهڻن ئي تعريفي بيانن ۽ حمايت جي باوجود، آمريڪي عوام جي ذهنن ۾ اسلام بابت منفي راءِ ۾ واڌارو آيو آهي. آمريڪي عوام ۾ اسلام بابت منفي خيال رکندڙن جي شرح جنوري ٢٠٠٢ع ۾ ٢٤ سيڪڙو هئي، اها سيپٽمبر ٢٠٠٢ع ۾ ٣٣ سيڪڙو تائين وڃي پهتي. اهڙن آمريڪين جو تعداد، جيڪي اهو چوندا آهن تہ اسلام ٻين مذهبن جي احترام نٿو ڪري، ٢٢ سيڪڙو کان وڌي ٣٥ سيڪڙو تائين پهچي ويو.

ايسوسيئيٽيڊ پريس جي ٢٥ نومبر ٢٠٠٢ع تي شايع ٿيل رپورٽ مطابق اسلامي عقيدي جي حامل ۽ نسلي اعتبار کان وچ اوير سان

واسطو رکندڙن جي خلاف ڏوهن ۾ گذريل سال يارهن سيپٽمبر جي دهشت گرد حملن کان پوءِ غير معمولي واڌارو آيو آهي.

ايف بي آءِ جو حوالو ڏيندي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ مسلمانن کي نشانو بنائڻ جا واقعا، جيڪي ماضيءَ ۾ بلڪل عام نہ هئا، ان جو تعداد ٢٠٠٠ع ۾ صرف ٢٨ هو پر ٢٠٠١ع ۾ اهڙا ٤٨١ واقعا ٿي، جيڪو ١٦٠٠ سيڪڙي جو واڌارو آهي. ماڻهن، نسل ۽ قوميت جي لحاظ کان ٿيندڙ نفرت جي بنياد تي ڏوهن جو تعداد، جن ۾ هسپانوي يا ڪارا ماڻهو شامل نہ هئا، ٢٠٠٠ع ۾ ٣٥٤ هو جيڪو ٢٠٠١ع ۾ وڌي ١٥٠١ تائين پهچي ويو. ايف بي آءِ جو چوڻ آهي تہ ان ۾ وچ اوڀر جي ماڪن سان واسطو رکندڙ ماڻهو شامل آهن. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ "خيال آهي تہ اهو واڌارو سيپٽمبر ٢٠٠١ ۾ ٿيل واقعن جي نتيجي ۾ ٿيو آهي......"

مسلمانن ۽ وچ اوڀر سان واسطو رکندڙ ماڻهن خلاف ڏوهن ۾ حملا ۽ ڏيڄارڻ – ڌمڪائڻ جا واقعا شامل آهن، جڏهن تہ ٽي واقعا قتل جا ۽ ٢٥ واقعا باھ ڏيڻ جا ٿيا.

دهشتگرديءَ جي معمولي شڪ ۾ وڏي پئماني تي گرفتارين ۽ آمريڪا بدر ڪرڻ جي ڪري بہ آمريڪا ۾ رهندڙ عرب- ايشيائي مسلمان آبادي پريشان ۽ خوفزده آهي. وال اسٽريٽ جرنل ۾ ١٣ نومبر 2002ع تي شايع ٿيل هڪ رپورٽ جي مطابق ١٣٥٠ کان وڌيڪ پاڪستاني، مصري ۽ سعودي عرب جي رهاڪن کي ١١ سيپٽمبر جي حملن کان پوءِ ٣١ آگسٽ ٢٠٠٢ع تائين جي عرصي ۾ آمريڪا بدر ڪيو ويو آهي. آگسٽ کان پوءِ آمريڪا بدر ڪيل پاڪستانين کي ملائي هيستائين (٢٠٠٢) ١١٠٠ پاڪستانين کي واپس پنهنجي ملڪ موڪليو ويو آهي.

سينيءَ کان وڌيڪ نقصان ۽ تڪليف ده مهم، انتهائي قدامت پسند فوڪس نيوز ٽيليويزن چينل ۽ سي بي ايس ۾ چند عيسائيت پسند دانشورن پاران هلائي وئي آهي، جنهن ۾ ١١ سيپٽمبر جي واقعن کي نہ صرف مسلمانن کي بدنام ڪرڻ بلڪ اسلام جو تصور بگاڙڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي.

ان سلسلي ۾ چند مثال يقينن قابل ذڪر آهن، تہ جيئن ان ماحول کي واضح ڪيو وڃي، جنهن کي نمايان سياستدانن ۽ آمريڪي ميڊيا جي هڪ خاص حصي پاران خراب ڪيو ويو آهي.

سيپٽمبر ٢٠٠٢ع ۾ پادري جيري فالويل، جيڪو سائوڊرن باپٽسٽ ڪنوينشن جو هڪ اهم رڪن آهي، ۽ آمريڪا جي "اخلاقي اڪثريت" جو ترجمان آهي، سي بي ايس نيوز ٽي جي هڪ پروگرام ٦٠ منٽ ۾ (جنهن جي رپورٽ واشنگٽن پوسٽ ۾ پڻ شايع ٿي) رسول ڪريم ﷺ جي باري انتهائي دل شڪن لفظ استعمال ڪيا، جنهن سان مسلمانن ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ جي لهر اٿي. اهي تذليل ڪُن لفظ گذريل صدين دوران پهريون پيرو نهايت بي ڏڙڪ انداز سان، هڪ اهڙي انسان جي باري ۾ چيا ويا آهن، جنهن جي حيثيت پيغمبر ۽ سماجي مصلح جي طور تي تسليمَ ٿيل آهي. ان لاءِ مسلمانن ۾ شديد ردعمل پيدا ٿيو اڪبر احمد، جيڪو آمريڪن يونيورسٽي واشنگٽن ۾ اسلامڪ اسٽڊيز جو چيئرمئن آهي، چيو:

"جيري فالويل هڪ بيان ڏنو ۽ پنهنجي حامين کي خوش ڪري ڇڏيو پوءِ وري هن معافي پڻ گهري. سندس خيال آهي تہ ڳالهہ ختم ٿي وئي. جيڪا ڳالهہ آمريڪي نٿا سمجهي سگهن، اها هي آهي تہ ان قسم جا بيان، پوري مسلم دنيا ۾ نمايان طور تي پيش ڪيا ويندا آهن- ۽ ان سان آمريڪا جي مفادن کي شديد نقصان رسي رهيو آهي....."

فاڪس نيوز جي ٽاڪس شو جي ميزبان بل اوريلي پڻ آمريڪي مسلمانن ۾ هڪ اهڙي قسم جو بحث ڇيڙي ڇڏيو جڏهن هن هڪ رسالي اسٽف (stuff) جي آڪٽوبر ٢٠٠٢ع جي هڪ شماري کي انٽرويو ڏيندي چيو ته: " دنيا جون سڀنيءَ کان بدصورت عورتون مسلمان ملڪن جون آهن".

اوريلي کان، جيڪو هلندڙ حالتن جي پروگرام "اوريلي فيڪٽر" جو ميزبان آهي، ان جي ذاتي پسند يا ناپسند جي باري ۾ سوال ڪيا ويا هئا. جنهن ۾ هن راسخ العقيده مسلمان عورتن کي خارج ڪري ڇڏيو جيڪي روايتي لباس پائڻ پسند ڪنديون آهن: "اوهان انهن عورتن کي ڏسي نٿا سگهو اهي ننهن کان چوٽيءَ تائين ڪاري لباس ۾ ويڙهيل هونديون آهن، ۽ اوهان کي صرف انهن جا پيرون ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ان ڪري اوهان اهو فرض ڪري سگهندا آهيو ته ڪا ڳالهه آهي" اوريلي ڪلندي، ان رسالي کي ٻڌايو. ان کان اڳ اوريلي قرآن پاڪ کي، جيڪو هڪ الهامي ڪتاب آهي، هٽلر جي ڪتاب سان ڀيٽيو (واشنگٽن ۾ قائم ڪائونسل فار آمريڪن اسلامڪ رليشنز جو جاري ڪيل پريس رليز ١٠ نومبر ٢٠٠٢ع)

ايونجلسٽ مبلغ پيٽ رابرٽ سن پاران پڻ فاڪس نيوز جي هڪ پروگرام ۾ اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو ويو. جڏهن هو ١٨ سيپٽمبر تي هڪ پروگرام ۾ شريڪ هو، ان پيغمبر اسلام ﷺ جي باري ۾ نهايت گستاخ آميز لفظ استعمال ڪيا.

سي اين ايس نيوز ڊاٽ ڪام جي ١٣ نومبر ٢٠٠٢ تي شايع ٿيل هڪ رپورٽ مطابق "اسلام بي نقاب" جي ليکڪ ۽ قدامت پسند ٿنڪ ٽئنڪ فري ڪانگريس فائونڊيشن جي رڪن رابرٽ اسپنسر جو خيال آهي ته اڄ جي دور ۾ ايرندڙ دهشت گرد اسلام جي بنيادي عقيدن جي پيداوار آهن، ۽ انهيءَ جي عقيدي جي بنا تي ٻيا به

دهشگرد پيدا ٿيندا رهندا، اسپنسر جي ڪتاب ۾ مذهب اسلام، ان جي پاڪ ڪتاب قرآن، ۽ ان جي پيغمبر جو تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي، ۽ اهو نتيجو اخذ ڪيو ويو آهي ته هي مذهب پنهنجي مڃيندڙن ۾ پُر تشدد رويا پيدا ڪري رهيو آهي. اسپنسر جو خيال آهي ته آمريڪا دهشتگرديءَ جي خلاف جنگ جي لاءِ تيار نه آهي، ڇاڪاڻ ته آمريڪي قوم اسلام جي اصل خاصيتن کي سمجهڻ کان قاصر آهي.

آمريڪا ۾ سندس اهڙن خيالن جي سخت مذمت پڻ ڪئي وئي، ۽ ڪيترن ئي ماڻهن اهڙن خيالن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو ڪائونسل آف اسلامڪ رليشنز چيو ته، "هر شخص کي اهو حق حاصل آهي ته اهو بي دين ٿي وڃي پر ڳڻتيءَ جي ڳالهه آهي ته اهم سياسي ۽ مذهبي رهنما انهن بي دين حملن جي خلاف نٿا ڳالهائين."

روزاني ڪاڪس نيوز جي الزبيٿ شويٺ، ١٤ آڪٽوبر جي ايڊيٽوريل ۾ لکي ٿو:
"مسٽر فالويل جي اجاين ڳالهين ۽ پيٽ رابرٽسن جي فاڪس نيوز جي پروگرام ۾ شموليت، جنهن ۾ هن چيو ته حضرت محمد ﷺ انتهائي شدت پسند هئا (نعوذبالله)، قرآن پاڪ جي تصور کي بگاڙڻ جي ڪوشش آهي." شيويٺ، اسپنسر جي ڪتاب "اسلام بي نقاب" کي "لعنت – ملامت" سان ڀرپور ڪتاب ڪوٺيو جنهن ۾ قرآن پاڪ جي اقتباسات کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو ويو آهي، مثال طور "جڏهن اوهان ڪافرن سان وڙهو ته انهن جا سر ڪپي ڇڏيو ۽ جڏهن اوهان انهن کي شڪست ڏيئي ڇڏيو ته پنهنجن قيدين کي چڱيءَ ريت ٻڌي ڇڏيو." قدامت پرست عيسائي، جيڪي اسلام کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، ان جي پويان هڪ

خاص ايجنڊا آهي، پادري فالويل ان پاسي اشارو ڪيو آهي تہ" وچ اوير ۾ ان وقت تائين امن ممڪن نہ آهي جيستائين، حضرت عيسيٰ عليہ سلام يروشلم جي تخت دائود تي نٿو ويهي."

ان ڪان سوءِ مسلمان ۽ اسلام جي موضوع تي اولهہ جا ماهر چون ٿا تہ وچ اوير ۾ آمريڪي پاليسيون، خاص طور تي عراق سان دشمني ۽ فلسطينين جي جذبن جي خلاف بي شرميءَ سان اسرائيل جي حمايت، ايندڙ سالن ۾ القائده يا اهڙن ئي ٻين گروهن جي 'لاءِ نون ماڻهن جي ڀرتيءَ جي لاءِ ميدان صاف ڪري رهيون آهن.

"اسان انهن بنيادي سببن جي باري ۾، خاص طور تي اسرائيل-فلسطين معاملي جي سلسلي ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪري رهيا آهيون، جنهن جي ڪري سموري دنيا جا مسلمان ۽ عرب، انقلابي ٿيندا وڃن" - اها ڳالهہ غازي ڪنڪان چوي ٿو جيڪو آمريڪا ۾ قائم ڪائونسل آف آمريڪن اسلامڪ رليشنز جي نيويارڪ واري آفيس جو سربراهہ آهي. جارج ٽائون يونيورسٽيءَ ۾ عرب اسٽڊيز ۽ انٽرنيشنل رليشنز جو هڪ پروفيسر مائيڪل هڊسن ان سان اتفاق ڪندي چوي ٿو:" آئون ان خطي (وچ اوير) جو مطالعو ١٩٦٠ع ڪان ڪري رهيو آهيان، مون محسوس ڪيو آهي تہ گذريل چند سالن ۾ آمريڪا مخالف جذبن ۾ تمام گهڻو واڌرو ٿيو آهي. هاڻي اهي وري بگڙي رهيا آهن....... آئون سخت نااميديءَ جو شڪار آهيان. "

بش انتظاميہ ۽ ڪيترن ئي قدامت پرست مبصرن پاران ١١ سيپٽمبر جي واقعن ڪان پوءِ اهو دليل ڏنو پئي ويو آهي تہ القائده جي حملن جا ڪارڻ "مسلمان معاشرن ۾ پيدا ٿيندڙ سماجي بحران ۽ ذهني افراتفري" آهن. نيويارڪ يونيورسٽيءَ ۾ اسلامي دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ معاملن بابت چارڻ رڪندڙ هڪ ماهر بارنيٽ ربين

مطابق: ”اهڙن ڳالهين ۾ ڪجهہ حقيقت پڻ ٿي سگهي ٿي، پر اهي اصل سياسي ٽڪراءُ کان نظرون چورائي رهيا آهن. ماڻهن جي آمريڪا مخالف تيڻ جو هڪ وڏو ڪارڻ اهو آهي تہ ماڻهو اهو سمجهندا آهن تہ آمريڪي پاليسيون انهن کي نقصان پهچائي رهيون آهن.“ بوسٽن ڪاليج ۾ اسلامڪ اسٽڊيز ۽ ڪمپيريٽو پيٽالاجيءَ جي اسسٽنٽ پروفيسر قمرالهدي، ١٥ نومبر تي بوسٽن ۾ لکيو: ”حيراني انهن ڳالهين تي ٿئي ٿي تہ شهري حقن جي تنظيمن، سرڪاري عملدارن ۽ مذهبي رهنمائن، مذهبي عنصرن جي نفرت خلاف ڳالهائڻ کي ڇو وساري ڇڏيو آهي ۽ اسلام کان خوف جي رواج کي، جيڪڏهن ان جي حمايت نہ بہ آهي، قبول ڪيو ويو آهي؟ جيري فالويل جهڙا بنياد پرست جمهوريت جي لاءِ هڪ خطرو آهن، ان لاءِ نہ تہ اهي پنهنجي ڳالهہ کي صرف سچو ثابت تا ڪن، پر ان لاءِ تہ اهي مذهبن جي وچ ۾ جنگيون ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. بلڪل اسامہ بن لادن وانگر، جنهن وٽ اسلام جو هڪ ڏار تصور آهي، ڪيئي بنياد پرست عيسائي پڻ پنهنجي مذهب کي ناپسنديده بنائڻ جي لاءِ شدت کان ڪم وٺي رهيا آهن.“

جيڪي ماڻهو مسلمان معاشرن ۽ ان جي سماجي ۽ معاشي صورتحال کان واقف آهن، اهي ان ڳالهہ تي زور ڏئي رهيا آهن تہ آمريڪا ۾ هيٺ کان مٿي تائين جي ماڻهن ۾، مسلمانن جي سمجهہ جي مڪمل فقدان جي ڪري مسلمان آباديءَ جي مسئلن ۽ ڏکيائين ۾ واڌارو اچي رهيو آهي. انهن جو چوڻ آهي تہ مسلمانن ۽ مغربي دنيا جي وچ ۾ موجود ٽڪراءُ جي بحث ۾، جنهن کي اڪثر ”تهذيبن جو ٽڪراءُ“ چيو ويندو آهي، اسلام جي باري ۾ شديد ابهام پايو وڃي ٿو.پرنسٽن يونيورسٽي نيو جرسيءَ ۾ نيئر ايسٽ اسٽڊيز جي هڪ پروفيسر برنارڊ ليوس جو چوڻ آهي تہ ”بدقسمتيءَ سان

لفظ ”اسلام“ کي اسان ٻن مختف شين جي لاءِ استعمال ڪندا آهيون“. ١٨ آڪٽوبر تي، نيشنل پريس ڪلب ۾ ليوس چيو تہ ”اسان ان کي عيسائيت جي برابر بہ استعمال ڪندا آهيون. يعني خالص مذهب جي معنيٰ ۾، ۽ اسان ان کي عيسائي تهذيب جي برابر بہ استعمال ڪندا آهيون، يعني اها تهذيب، جيڪا مذهب جي سائي هيٺ پروان چڙهي هجي، جنهن ۾ گهڻا ئي اهڙا عنصر شامل هجن، جيڪي ان مذهب جا نہ آهن، بلڪ ان مان ڪي تہ مذهب جي بلڪل خلاف آهن.“ ”اهو چوڻ تہ دشتگردن جي هٿي وٺڻ جي ذميواري اسلام تي عائد ٿئي ٿي، بلڪل اهڙو ئي غلط بيان آهي، جيئن اهو چوڻ تہ نازي، عيسائيت جي ڪري پيدا ٿيا.“ پريس ڪلب ۾ خطاب ڪندي ليوس چيو.

ليوس ڪيترن ئي سالن کان مختلف مذهبن ۽ انهن ۾ موجود صلاحيتن جي وچ ۾ فرق جي پاسي ڌيان ڇڪائيندو رهيو آهي. ١٩٩٠ع ۾ ماهوار اٽلانٽڪ ۾ شايع ٿيل هڪ مضمون ۾، جنهن جو عنوان هو ”مسلمانن ۾ ڪاوڙ جا ڪارڻ“، هن چيو:
”اسلام دنيا جي عظيم مذهبن مان هڪ آهي، ۽ حقيقت آهي تہ ان جي مڃيندڙن مان ڪي ماڻهو ”نفرت ۽ تشدد جو“ جو مزج رکندا آهن. مسلم دنيا ۾ ڪا بہ نئين ڳالهہ ناهي، ائين تہ عيسائي دنيا ۾ بہ ٿيندو آهي.“

ليوس چيو تہ سمورا مسلمان اولهہ کي خراب نہ سمجهندا آهن. ۽ هن مسلم دنيا کي هڪ وحداني ثقافت جي طور تي ڏسڻ کي خطرناڪ قرار ڏنو. ”هن وقت بہ مسلمانن ۾ اهڙن ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد آهي، ۽ ڪن حلقن ۾ اهي اڪثريت سان آهن، جن سان اسان جا بنيادي معاشرتي ۽ اخلاقي عقيدا ۽ امنگون گڏيل آهن. ياد رکو تہ اسان هڪ وسيع ۽ عريض سماجي نظام جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون. جيڪو

هڪ بلين ماڻهن تي ٻڌل آهي، ۽ جنهن جي تاريخ چوڏهن صدين کان وڌيڪ طويل آهي. ان ۾ ڪيئي صورتون آهن، هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ ايندڙ روايتون پڻ مليون آهن“

ان موقعي تي ليوس سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي لاس اينجلس جي يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا ۾ اسلامڪ لا جي پروفيسر خالد ابوالفضل چيو: ”اسلامي ۽ مغربي تهذيبن وچ ۾ ٽڪراءُ جو بحث جذبن، خوف ۽ مفروضن سان ڀريل آهي. جڏهن اسان تهذيبن جي ٽڪراءُ جي حوالي سان اسلام جي ڳالهه ڪندا آهيون...... يا مغرب جي ڳالهه ڪندا آهيون...... ته اسان ڪنهن هڪ نوعيت جي تهذيب جي ڳالهه نه ڪندا آهيون، جنهن کي سائنسي درستگيءَ سان گڏ بيان ڪيو وڃي.“ هن چيو.

”آئون اهو نه چئي رهيو آهيان ته تهذيبن جي وچ ۾ ٽڪراءُ جا سموارا بحث بنيادي طور تي ناقص آهن، پر اهي بحث هڪ نظرياتي ڪردار ضرور ادا ڪندا آهن، ۽ ان خواهش جي خلاف، اسان کي گهڻو محتاط رهڻ جي هدايت پڻ ڪندا آهن، جنهن تحت ٻين تهذيبن کي گهڻو خوفناڪ ڪري پيش ڪرڻ ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته پاڻ کي بي ضرر قرار ڏنو ويندو رهيو آهي“: هن چيو:

الفضل پاران، آمريڪي ۽ بين الاقوامي قانون ۽ انساني حقن جي باري ۾ گهڻو لکيو ويو آهي، ۽ آمريڪا ۾ اسلامي قانون بابت ڪيس مستند سمجهيو ويندو آهي. ”اسلام ۽ طاقت جو مذهبي نظريو“ جي عنوان سان هڪ مضمون، جيڪو ٢٠٠١ع ۾ مڊل ايسٽ رپورٽ ۾ شايع ٿيو الفضل پاران سموري دنيا جي مسلمانن جي اڪثريت کي هڪ مختصر اقليت (القائده يا طالبان) سان جوڙڻ خلاف خبردار ڪيو ويو:

”گهڻا ئي مسلمان رواداري ۽ امن جي نظريي تي يقين رکندا آهن، پر اسلام جا ڪي فرقہ ”بالادستي“ تي پڻ يقين رکندا آهن، جيڪي صرف پنهنجي عقيدن کي صحيح سمجهڻ ۽ اولهہ خلاف، عام طور تي لامذهبن خلاف، ايستائين جو مختلف فرقن جي مسلمانن ۽ مسلمان عورتن خلاف ”مغروريت“ جو رويو رکندا آهن.“

فرانس جي نيشنل سينٽر فار سائينٽيفڪ ريسرچ ۾ افغانستان ۽ وچ ايشيا جو ماهر ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ اوليوير روئي پڻ انهن ماڻهن بابت اهڙا ئي خيال رکندو آهي، جن جي افعالن ۽ لفظن سان اسلام بابت نقصانده تصور ۽ خيال جنم وٺي رهيا آهن.

يارنهن سيپٽمبر ٢٠٠٢ تي ريڊيو فري يورپ تان هڪ انٽرويو ۾ روئي چيو تہ ”هڪ پاسي تہ اهڙا گروهہ آهن، جيڪي قومي دائري ۾ ڪم ڪندا رهيا آهن ۽ آهستي آهستي، برابر، قدامت پسند سياسي جماعتن ۾ تبديل ٿيندا رهيا آهن. اهڙي صورتحال ترڪي رفاہ پارٽي، اخوان المسلمين، الجيريا جي اسلامڪ سولوشن فرنٽ، ايران جي اسلامي انقلاب جي آهي. ٻئي پاسي اهڙا (بنياد پرست) گروهہ آهن جن جا ڪي بہ قومي بنياد نہ آهن. مثال طور اسامہ بن لادن جو نيٽ ورڪ يا هندستان ۽ پاڪستان ۾ (۽ لنڊن ۾ ان جي قائم ٿيل ان جي شاخ) جماعت المهاجرون يا حزب التحرير، اهي تنظيمون منهنجي خيال ۾ هڪ خيالي امت جو تنظيمون آهن، جن جي ڪا بہ فورس (جاگرافيائي حقيقت) نہ آهي ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ اهي وچ اوير سان واسطو نٿيون رکن.“

ميڊيا جي با اثر حلقن پاران اسلام جي سرعام مذمت، بد اعتمادي ۽ ان سان گڏوگڏ سمورن مسلمانن کي بنياد پرست يا دهشت گرد چوڻ جو اهو ئي پسمنظر هو جنهن کان پوءِ صدر بش ۽ سيڪريٽري آف

استيٽ ڪولن پاول پاران آمريڪي مسلمانن کي ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته جيئن اسلام ۽ مسلمانن بابت خراب تاثر کي تبديل ڪيو وڃي. ١٣ نومبر تي وائيٽ هائوس ۾ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ڪوفي عنان سان گڏ اخباري نمائندن سان ڳالهائيندي صدر بش پاران ڪيترن ئي عيسائي اڳواڻن جي هلندڙ تبصرن کي رد ڪيو ويو.

"اسلام بابت پيش ٿيندڙ ڪي تاثر گهٽ آمريڪين جي جذبن جي عڪاسي نٿا ڪن. اسلام، جيئن ته ماڻهن جي هڪ وڏي اڪثريت ان تي عمل ڪندي آهي، امن پسند مذهب آهي، هڪ اهڙو مذهب، جيڪو ٻين جو احترام ڪري ٿو" بش چيو.

پاول پاران پڻ پنهنجي طور تي مسلم مخالف بيانن جي شديد مخالفت ڪئي وئي ۽ اهڙن بيان ڏيندڙن کي آمريڪا جا مذهبي بنياد پرست قرار ڏنو ويو. هن ١٥ نومبر تي اوورسيز سيڪريٽري ايڊوائيزري ڪائونسل جي ١٧ هين سالانه اجلاس ۾ چيو ته "هي هڪ اهڙو ملڪ آهي، جنهن بابت خيال آهي ته اهو ملڪ ٻين ماڻهن کان نفرت ڪندو آهي. هي اهڙو ملڪ آهي، جيڪو ٻين مذهبن جي خلاف آهي، بڪواس، بلڪل بڪواس. اسان وٽ دنيا جي نقشي تي موجود هر مذهب، هر عقيدي، هر ثقافت، هر نسل، ۽ هر رنگ جا مليل جليل قدر آهن. اهي ٻئي آمريڪا جي خصوصيت آهي. مان هن دروازي مان ٻاهر نڪران ته پنجن منٽن ۾ ڪنهن مندر ۾، ڪنهن مسجد ۾ يا ڪنهن فرقي جي گرجا گهر ۾ پهچي سگهان ٿو. سمورا هتان کان پنجن منٽن جي پنڌ تي آهن ۽ هڪ ٻئي سان گڏ امن سان رهندا پيا اچن. اسان جو سماج ان قسم جو آهي."

سي آءِ اي ۾ ٻين تنظيمن پاران، جن ۾ يهودين جون تنظيمون پڻ شامل آهن، اهڙن بيانن کي پليکار ڪيو ويو ۽ وڏيڪ چيو ويو تہ آمريڪا جي اڳواڻن کي اهو احساس هئڻ گهرجي تہ ان ڪوشش کي لڳاتار جاري رکڻ جي ضرورت آهي. پوءِ بہ اتر آمريڪا ۽ يورپ جي ڪن حصن مان شايع ٿيندڙ مضمونن جو مسلمانن تي منفي اثر پيو. هوائي اڏن تي سخت حفاظتي انتظامن ۽ ملڪ نيڪالي جي قانونن ۾ سختي، مسلمانن جي زندگيءَ کي اڳ کان وڌ مشڪل بڻائي ڇڏيو.

مستقبل جي باري ۾ آثار ڪجهہ چڱا نظر نٿا اچن. اولهہ جي اهم قومن کي مقامي روشن خيال تنظيمن جي مدد سان صبر وارو ڪم ڪرڻو آهي، يعني مسمانن جي اميج کي پهتل نقصان کي دور ڪرڻ ۽ عام طور تي ان کي بهتر ڪرڻ تہ جيئن اهي هڪ دفعو وري انهن معاشرن ۾ باعزت ۽ پرامن ماڻهن وانگر رهي سگهن. هن ننڍي ڪوشش جو مقصد پڻ اهو آهي.

# اسلام ۽ لبرل قدر

## خالد رحمان

انسائيڪلو پيڊيا آف سوشل سائنسز جي مطابق "لبرل ازم" جبر مان آزادي تي زور ڏئي ٿو. اهو ضمير جي آزادي ۽ مذهبي رواداريءَ جو مطالبو ڪري ٿو. لبرل، گهٽ ڪري مذهب جا پابند نہ هوندا آهن، سيڪيولر خيال رکندڙ هوندا آهن، بلڪ ڪي تہ مذهب جا مخالف پڻ ٿيندا آهن. روائتي اٿارٽيءَ جي مقابلي ۾ اهي عقل جي بالادستيءَ جي حمايت ڪندا آهن ۽ اهڙي سچ کي مڃيندا آهن، جيڪو مشاهدي سان ثابت ٿئي، بسنبت ان جي جيڪو الهامي ٿئي. جيڪڏهن لبرازم جي تشريح جي پيٽ اسلام جي ان دعوي سان ڪئي وڃي تہ اهو سچو ۽ الهامي مذهب آهي تہ اهو تاثر ابرندو آهي، تہ اسلام ۽ لبرل ازم ٻہ بلڪل مختلف ۽ ڌار ڌار شيون آهن. اسلام جو بنياد الهامي علم تي آهي، جڏهن تہ لبرل ازم الهامي علم ۽ دانش جي مقابلي ۾ عقل کي اهم ترين قرار ڏئي ٿو تہ ڇا اسلام ۽ لبرل ازم ٻہ بلڪل مختلف فلسفا آهن، جن ۾ ڪا بہ شيءِ مشترڪ نہ آهي؟

يعني تہ ڳالهہ صحيح نظر اچي ٿي، پر ائين نہ آهي! بلاشڪ اسلام غيب تي ايمان جي تقاضا ڪندو آهي، پر اهو انڌي تقليد جي هدايت نٿو ڪري. بلڪ اسلام ماڻهن کي اها هدايت ڪري ٿو تہ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جي باري ۾ ڪا بہ راءِ قائم ڪرڻ کان اڳ چڱيءَ طرح تحقيق ڪري عقل ۽ منطق جي بنياد تي فيصلو

ڪريو. قرآن پاڪ ۾ ڪيترين ئي جاين تي چيو ويو آهي تہ دنيا ۾ هر جاءِ تي پکڙيل قدرت جي بي شمار مظهرن تي غور ڪريو.

زمين ۽ آسمان جي تخليق ۾ ۽ ڏينهن ۽ رات جي تغير ۾ انسانن جي سمجهڻ جي لاءِ نشانيون آهن. لبرل ازم جي سينيءَ کان وڌيڪ نمايان ۽ اهم خاصيت، سوچ ۽ عمل جي آزادي ۽ تنوع کي تسليم ڪرڻ آهي- سوچ ۽ عمل جي آزاديءَ جي باري ۾ قرآن ۽ حديث گهڻو واضح ڪن ٿا، ان ۾ هر شيءِ کي حلال قرار ڏنو ويو آهي-سواءِ انهن شين جي، جن جا نقصان انهن جي فائدن کان وڌيڪ هجن. ڪن نقصانده شين کي واضح طور تي حرام قرار ڏنو ويو آهي. حقيقت اها آهي تہ اسلام صرف چند رسمن ۽ عبادتن يا زندگيءَ جي بي لچڪ قاعدن جو مجموعو نہ آهي، بلڪ اهو هڪ زندگيءَ جو گهڻ پاسائون طريقو آهي. اسلام ماڻهن کي پنهنجي زندگيءَ جا بنيادي اصول فراهم ڪري ٿو. ان کان پوءِ ماڻهن کي آزادي آهي تہ اهي انهن اصولن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي وقت، مقام ۽ حالتن مطابق زندگي گذارين.

قرآن، حديث ۽ اصحابن سڀني جي اجماع کان علاوه اسلام ۾ اجتهاد جو رستو پڻ کليو رکيو ويو آهي. اجتهاد، مسئلن تي غور ڪرڻ ۽ بحث ڪرڻ کان پوءِ موجوده صورتحال ۾ بهترين حل ڳولهڻ جو نالو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي تہ اسلام جي دعوي آهي تہ اهو هڪ مڪمل مذهب آهي ۽ ان سان گڏ اهو بہ تہ هي مذهب آفاقي ۽ سمورن ايندڙ زمانن جي لاءِ قابل عمل مذهب آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي تہ دعوي ڪئي ويندي آهي تہ اسلام، حياتيءَ جو هڪ مڪمل ضابطو آهي ۽ ان دعوي جي تائيد ان ڳالهہ مان ٿيندي آهي تہ اسلام ۾ اجتهاد جو دروازو کليو رکيو ويو آهي تہ جيئن اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾ نين حالتن سان مطابقت پيدا ڪري سگهجي.

اسلام ۾ تحقيق ۽ غور فڪر کي اهميت ڏني وئي آهي. پاڻ سڳورن ﷺ جي هڪ حديث ۾ چيو ويو آهي تہ ”مجاهد کي ٻيڻو ثواب ملي ٿو جيڪڏهن ان جي سوچ ۽ فڪر کيس صحيح نتيجن تائين پهچائي. جيڪڏهن اهو صحيح نتيجن تائين نہ بہ پهچي، تڏهن بہ کيس ثواب ملندو آهي“ ان حديث ۾ اها ڳالهہ واضح آهي تہ ماڻهو پنهنجي پنهنجي انداز فڪر ۽ وقت، ۽ حالتن جي ڪارڻ مختلف نتيجن تي پهچي سگهن ٿا.

ان مان اهو پڻ واضح ٿي وڃي ٿو تہ جتي مسلمانن ۾ ان ڳالهہ تي اتفاق راءِ آهي، تہ قرآن الله تعاليٰ ڪتاب آهي، اتي مسلمان عالمن پاران هر زماني ۾ ان جي تشريح ۽ توضيح جي ذميواري ڪنئي وئي آهي. اهي تفسيرون، هڪٻئي کان مختلف آهن، محض ان ڪري تہ اهي مختلف دورن ۾ لکيون ويون آهن. انهن کي مختلف عالمن پاران لکيو ويو (جن مان هر هڪ جو علم تمام وسيع هو پر انهن پنهنجي پنهنجي پسمنظر جي مطابق ۽ مختلف پهلوئن سان تفسير ڪئي)، ۽ انهن جو پيرايو پڻ مختلف هو ان جي باوجود ان نقطہ نظر کي نہ صرف تسليم ڪيو ويو آهي، پر سمورا پويان ايندڙ پنهنجن پيروي ڪندڙن کان پڻ رهنمائي وٺي سگهن ٿا. اها ڳالهہ واضح آهي تہ ڪو جامد فلسفو جيڪو ماڻهن جي زندگيءَ تي چند مخصوص پابنديون عائد ڪري ڇڏي، بدليل وقت ۽ حالتن ۾ قابل عمل نٿو ٿي سگهي.

اسلام فڪرن جي تنوع ۽ ڪثرت کي زندگيءَ جي اٽل حقيقت جي طور تي تسليم ڪري ٿو. اهريءَ طرح اسلام جي لاءِ ممڪن آهي تہ اهو سماجي ۽ انفرادي لاڳاپن جي باري ۾ پنهنجي تعليم کي برقرار رکي. اهو تنوع جي قسمن جي برابري، گڏيل احترام ۽ مشاورت، سماجي انصاف جو خوبصورت ميلاپ پيش ڪري ٿو.

”اي انسانو! اسان اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت جي جوڙيءَ مان پيدا ڪيو ۽ اوهان کي قومن ۽ قبيلن ۾ ورهائي ڇڏيو تہ جيئن اوهان هڪٻئي کي سڃاڻي سگهو (نہ تہ جيئن اوهان هڪٻئي کان نفرت ڪري سگهو). بيشڪ الله جي ويجهو اوهان سينيءَ مان وڌيڪ عزت وارو اهو ئي آهي، جيڪو سڀ کان وڌيڪ نيڪ هجي.“

انفرادي لاڳاپن جي حوالي سان اسلام جي تعليم جو هڪ واضح پهلو اهو آهي تہ ان ۾ حقوق العباد تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ اسلام جي تعليم جامع ۽ گهڻ پهلو آهي. اسلام جي تعليم ۽ ان جا انفرادي لاڳاپا، اجتماعي بهبود، ۽ ان لاءِ فرد جي ڪردار تي زور، ايتري قدر وسيع ۽ جامع آهي جو لبرل ازم ان ۾ پوئتي رهندڙ ڏٺو پيو وڃي. هتي اها ڳالهہ ڌيان جي قابل آهي تہ پاڙيسري، مسافر، بيمار، حاجت مند، غريب ۽ ماتحت جي حقن جي سلسلي ۾ اسلام مسلمان ۽ غير مسلم جي وچ ۾ ڪوبہ فرق نٿو رکي. اسلام ٻڍن، عورتن، ۽ ٻارن سان ڪنهن عقيدي ۽ خيالن جي فرق کان سواءِ سٺي ورتاءُ ۽ انهن جي مدد جي تعليم ڏئي ٿو.

اسلام جيڪا هدايت ڏئي ٿو اها نہ صرف اهڙن عملن بابت منع ڪندي آهي، جيڪي سماج يا فرد جي لاءِ نقصانده ٿين ٿا، بلڪ اها اهڙن عملن جي حوصلا افزائي ڪري ٿي، جيڪو فرد جي يا سماجي گروهہ جي ڀلائي جي لاءِ ڪري سگهجن ٿا. اسلام جو نقطئہ نظر اهو آهي تہ انسان کي پنهنجي مٽن، ڀين ڀاران عائد ٿيل فرض ۽ حق ادا ڪرڻ گهرجن. پوءِ اهي فرض انفرادي هجن يا، يا اجتماعي، بجاءِ ان جي تہ صرف پنهنجي حقن جو بچاءُ ڪيو وڃي. اهو نقطئہ نظر سمورن ماڻهن جي حقن جي بچاءُ جي انتهائي پرامن انداز ۾ ضمانت ڏئي ٿو. هي اهو انداز فڪر آهي، جيڪو ”بهترين جي بقا“ جي نظريي کي غلط قرار ڏئي ٿو ۽ ڪمزور ترين (فرد يا سماجي طبقن) کي

اهو ڪجهہ ڏئي ٿو، جيڪو انهن جو حق آهي. ان کان سواءِ، اسلام پين کي صرف انهن جا حقن کان وڌيڪ ڏيڻ جي تعليم ڏئي ٿو. پوءِ اسلام صرف مادي حقن، ملڪيت، ڪاروبار جي آزادي، عمل جي آزادي ۽ اظهار جي آزاديءَ کي تسليم نٿو ڪري، پر اهو پين جي عقيدن ۽ احساسن جي احترم جو پڻ حڪم ڏئي ٿو. پوءِ اهي انفرادي هجن يا اجتماعي. پين جي احساسن يا جذبن جو احترام تڏهن ممڪن آهي، جڏهن برداشت، روادي، فراخ دليءَ جي اصولن جي پابندي ڪئي وڃي ۽ انهن تي عمل ڪيو وڃي. پاڻ سڳورن، نہ صرف ڪاوڙ ڪرڻ کان سختيءَ سان منع ڪيو آهي، پر اهو مشورو پڻ ڏنو آهي تہ ڪاوڙ تي ڪيئن قابو پايو وڃي، ان سلسلي ۾ قرآن ۽ حديث جي تعليم گهڻي قابل قدر آهي.

”نيڪ اهي ماڻهو آهن، جيڪي ڪاوڙ تي قابو رکن ٿا ۽ پين کي معاف ڪري ٿا ڇڏين. جيڪڏهن اوهان مان ڪنهن کي ڪاوڙ اچي تہ ان کي کپي تہ اهو خاموش ٿي وڃي. جيڪڏهن اوهان مان ڪنهن کي ڪاوڙ اچي تہ جيڪڏهن اهو بيٺو هجي تہ کيس کپي تہ اهو ويهي رهي، اهڙيءَ ريت سندس ڪاوڙ ٿڌي ٿي ويندي. جيڪڏهن ان سان بہ ڪاوڙ گهٽجي نٿي تہ، کيس سمهي رهڻ گهرجي، (پاڻ سڳورن ﷺ ويهڻ ۽ سمهڻ لاءَ چيو تہ جيئن ڪاوڙ ۾ ماڻهو اهو ڪجهہ نہ ڪري ويهي، جنهن تي پوءِ کيس پڇتاءُ ٿئي.)“

پاڻ سڳورن ﷺ وٽ هڪ شخص آيو ۽ کائنن نصيحت طلب ڪيائين. پاڻ سڳورن ﷺ چيو: تہ ڪاوڙ نہ ڪندو ڪر. ان ماڻهو پنهنجو عرض ڪيترائي ڀيرا ڪيو ۽ پاڻ سڳورن هر واري اهو ئي جواب ڏنو تہ ”ڪاوڙ نہ ڪندو ڪر“- هڪ ٻي روايت جي مطابق ان ماڻهو چيو تہ ”مون غور ڪيو تہ پاڻ سڳورن ڇا چيو ۽ ان نتيجي تي پهتس تہ ڪاوڙ گهڻين ئي برائين جي جڙ آهي.“

”طاقتور اهي ناهن، جيڪي ٻين کان (پهلوانيءَ) ۾ قابو پائي سگهن، بلڪ اهو طاقتور آهي، جيڪو ڪاوڙ ۾ پنهنجي پاڻ تي قابو پائي سگهي. جيڪڏهن ڪو صبر جو مظاهرو ڪري ۽ معاف ڪري ڇڏي ته اها واقعي تمام سٺي ڳالهه آهي ۽ معاملن کي سلجهائڻ جي صلاحيت رکي.“

سماجي ۽ انفرادي لاڳاپن جي حوالي سان اسلام جي تعليم جي هڪ ٻي خصوصيت اها آهي ته ان ۾ خيرات ۽ رضاڪارانه خدمت تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي، معاشري ۾ جيڪي ماڻهو خوشحال آهن، انهن کي چيو ويو آهي ته اهي سماج جي ترقيءَ جي ڪمن ۾ حصو وٺن ۽ ضرورتمندن ۽ ڪمزورن جي مدد ڪن. اسلام چوي ٿو ته سندن سٺن اعمالن جي جزا انهن جي زندگيءَ ۾ ئي ختم نه ٿيندي، بلڪ ايندڙ دور انهن جي ڪمن مان فائدو وٺندو رهندو. ان لاءِ اهڙي ڊگهي مدت، پائيدار ڪم ۽ منصوبن جي حوصلاافزائي ڪئي ويندي آهي، جن جو فائدو ايندڙ نسلن کي پڻ پهچندو رهي.

هتي اها ڳالهه قابل ذڪر آهي ته زڪوات ڏيڻ ته فرض آهي، اها سموري سال جي حاضر دولت جو 2.5 فيصد مقرر ٿيل آهي. اهو هڪ پيمانو آهي ته اسلام نجي ملڪيت کي ڪهڙي اهميت ڏئي ٿو ۽ ان تي صرف معمولي ٽيڪس عائد ڪري ٿو جڏهن ته هدايت ڪري ٿو ته رضاڪارانه طور تي گهٽي کان گهٽي خود پنهجي مرضيءَ سان ۽ گنجائش مطابق خيرات ڪئي وڃي. ان کان سواءِ زڪوات جي ذريعي گڏ ٿيل رقم کي مسلمانن ۽ غير مسلمانن ـ ٻنهي تي استعمال ڪري سگهجي ٿو.

ان لاءِ سنو ائين ٿيندو ته پهرين اسلام جي تعليم ۽ سياسي نظام ۾ لبرل ازم جي سياسي تصورن جو جائزو ورتو وڃي.

لبرل ازم ڪا بہ جامد شيءِ ناهي، جنهن جي ڪا ڳالهہ هميشہ هميشہ جي لاءِ تشريح ڪئي وئي هجي. ١٧ هين صديءَ جو هڪ فلسفو زندگيءَ جي طور تي ظهور پذير ٿيڻ کان پوءِ ارتقاءَ جي عمل ۾ آهي، جيڪو ارتقا جي ڪيترن ئي مرحلن مان گذريو آهي. دنيا جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ڏکين حالتن جي ڪري ان فلسفي جي ارتقا پوري دنيا ۾ هڪجهڙي نہ ٿي آهي. جڏهن تہ لبرل ازم جو مطلب عمومي طور تي اهڙو نظام آهي، جنهن ۾ ماڻهو آزاديءَ سان هڪ آزاد سماج ۾ رهندا هجن، جتي انهن جا حق محفوظ هجن، ۽ سندن آزادين جو احترام ڪيو ويندو هجي. اهڙن حقن ۾ راءِ جي اظهار جي آزاديءَ جو حق، اختلاف راءِ جي آزاديءَ جو حق، نجي ملڪيت ۽ ڪاروبار جي آزاديءَ جو حق، معلومات تي رسائيءَ جو حق، ۽ هر فرد جي لاءِ تعليم ۽ ترقيءَ جي هڪجهڙن موقعن جا حق شامل آهن. ٻين لفظن ۾ لبرل ازم اهڙو نظام آهي، جنهن ۾ ماڻهن تي رياست ۽ ان جي ادارن پاران ڪوبہ جبر ۽ زبردستي نہ آهي.

آزاديءَ جي ان تصور جي پويان، جيڪو فلسفو ڪارفرما آهي، اهو هي آهي تہ انسان جي ترقي ۽ نشونما جي لاءِ ان کي پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻڻ جي آزادي ملڻ ضروري آهي. سوچ ۽ عمل جي آزاديءَ سان ئي علم، ثقافت، سياسي نظام، معيشت ۽ ٻين سمورن شعبن ۾ ترقي ممڪن آهي، جنهن سان انسانن جي مجموعي ترقي ٿي سگهندي آهي.

پنهنجي ظاهري ڪشش جي باوجود لبرل خيالن سان گڏ مسئلو اهو آهي تہ ڇا هر فرد واقعي ئي آزاديءَ سان رهي سگهي ٿو؟ اها ڳالهہ واضح آهي تہ ائين ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ فرد جي مڪمل آزادي ٻين جي آزاديءَ کي گهٽائي ڇڏي ٿي. پنهنجي حقن جي حفاظت ڪندي، طاقتور ماڻهو ڪمزورن کي انهن جي حقن کان

محروم ڪري ڇڏيندا. ان سان معاشري جو امن تباهہ ٿي ويندو ۽ اهڙي صورتحال جهنگ جي قانون جي حڪمراني کان گهٽي مختلف نہ هوندي. ان لاءِ ڇا اهو صحيح آهي تہ لبرل ازم جي تصورن تي اهڙي نظام ۾ عمل نٿو ڪري سگهجي، جيڪي مڪمل آزاديءَ جي اصول تي قائم هجي؟

انسان جي آزاديءَ تي ڪي پابنديون لبرل اززم ۾ قابل قبول آهن تہ جيئن هڪ فرد ڪي ٻئي جي آزاديءَ ۾ رخنو پيدا ڪرڻ کان روڪيو وڃي ۽ ان لاءِ لبرل ازم ماڻهن جي منظم ٿيڻ جي حق جي حمايت ڪري ٿو ۽ اهڙي سياسي نظام کي ضروري سمجهي ٿو جيڪو معاشري ۾ نظم وضبط قائم ڪري ۽ ان جي ڪارڪنن جي حقن جي بچاءُ کي يقيني بڻائي. اهڙو نظام جنهن ۾ سوچ ۽ عمل جي آزادي آهي، پر جتي سمورن ماڻهن تي قاعدن ۽ ضابطن جو اطلاق ٿيندو آهي. ان لاءِ لبرل سياست، جمهوريت جي لاءِ ڪوشش ڪري ٿي- اهڙي رياست جي قيام جي، جنهن ۾ قانون ۽ قاعدن جو احترام ڪيو وڃي، ۽ ماڻهن کي گهٽي کان گهٽي آزادي حاصل هجي، جنهن ۾ رياستي ادارا نظام جي ڪارڪردگيءَ تي نظر رکن پر معاشي ۽ سماجي ميدان ۾ ماڻهن کان الڳ نہ ٿين. لبرل ازم کي جاگرافيائي حدن ۾ قيد نٿو ڪري سگهجي، هي نظريو هڪ عالمگير معاشرو قائم ڪري چاهي ٿو ۽ اهڙو نظام چاهي ٿو جنهن ۾ مقامي ۽ غير ملڪيءَ جو فرق نہ هجي، جتي رابطن، تعاون، خيالن، مهارتن ۽ ڄاڻ جي تبادلي جي مڪمل آزادي هجي، جتي دنيا ۾ موجود سمورن ماڻهن جي وچ ۾ آزادانہ ۽ منصفانہ مسابقت جي فضا قائم ٿئي.

اهڙيءَ ريت بنيادي طور تي لبرل ازم جو تصور اسلام جي تعليم ۽ خيالن جي عڪاسي ڪري ٿو. دراصل اسلام اڄ کان ١٤ سو سال پهرين، اهي تصور پيش ڪري ڇڏيا هئا. اسلام جو اهو تصور تہ

انسان جي آزادي، فڪر ۽ عمل انفرادي ۽ اجتماعي آزاديءَ جو تسلسل آهي، پر شرط اهو آهي تہ ان ۾ ٻين جي آزاديءَ ۾ دخل نہ ڏنو وڃي. اسلام منصاڻو سماجي نظام قائم ڪري ماڻهن جي حقن جي ضمانت ڏئي ٿو ۽ ان سماجي نظام جي لاءِ اسلام بنيادي رهنما اصول طئي ڪري ڏنا آهن. هي اهو ئي مقام آهي، جتي اسلام ٻين مذهبن کان مختلف ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اسلام صرف رسمن ۽ رواجن جو مجموعو نہ آهي، بلڪہ زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ رهنمائي مهيا ڪري ٿو.

اسلام سياسي ميدان ۾ جيڪا آزادي ڏئي ٿو ۽ جنهن جي تحفظ جي ڳالهہ ڪري ٿو اها گهڻ پاسائين آهي. اسلام جو پيغام آفاقي آهي، سمورن ماڻهن جي لاءِ سمورن زمانن ۾ سچو آهي، پر پوءِ بہ ماڻهن کي آزادي آهي تہ اهي جيڪو وڻين، اهو عقيدو اختيار ڪن. قرآن پاڪ جي ڪيترن ئي آيتن ۾ چيو ويو آهي تہ انسان کي پنهنجو مذهب چونڊڻ جي آزادي آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪو بہ جبر ۽ زبردستي نہ آهي. دين ۾ ڪا بہ زبردستي نہ آهي، جيڪڏهن الله چاهي ها تہ اوهان سمورن کي هڪ ئي سماجي گروهہ ۾ ورهائي ڇڏي ها پر ان ائين نہ ڪيو تہ جيئن اهو اوهان کي آزمائي سگهي، ان مان جيڪو هن اوهان کي ڏنو آهي. اوهان لاءِ اوهان جو رستو ۽ منهنجي لاءِ منهنجو رستو. عقيدي ۾ هڪ ٻئي سان اختلاف جو حق سمورن ماڻهن جي لاءِ هڪجهڙو آهي. اها رياست جي ذميواري آهي تہ اها سمورن ماڻهن کي هڪجهڙا موقعا فراهم ڪري ۽ عقيدي، رنگ، نسل جي بنياد تي ڪو بہ فرق نہ ڪيو وڃي. هر شخص کي پنهنجي صلاحيتن جي مطابق اڳتي وڌڻ جو موقعو ملي. مذهب جي بنياد تي ڪو بہ فرق نہ آهي ۽ غير مسلمانن جي جان، مال، عزت، پڻ اوتري ئي قابل عزت آهي، جيتري مسلمانن جي.

جيڪو ماڻهو ٻئي کي قتل ڪري ٿو ان پوري انسانيت کي قتل ڪيو سواءِ ان جي تہ هن اهڙو قدم معاشري ۾ بدي يا قتل جي خاتمي جي لاءِ ڪيو هجي ۽ جيڪڏهن هن هڪ جان بچائي تہ ڄڻ هن سموري انسانيت کي بچائي ورتو.

# گورو رنگ، نيريون اکيون ۽ انساني حق

## ڊاڪٽر مراد ولفريڊ هافمين

[ اسان انساني حقن ۽ ان جي اهڙن پڌرنامن کي ڇو قبول ڪريون، جيڪي انهن ماڻهن ترتيب ڏني آهن، جن اسان جي ملڪن کي نوآبادياتي بڻايو ۽ لٽيو۔ شيرين سينار]

چوٽي آهي تہ دونهون اتي ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿو جتي باهہ ٻرندڙ هوندي آهي. اها روايتي دانش مسلمانن بابت هڪ منفي نڪتو ثابت ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي. مسلمانن کي اولهہ پاران لڳايل ٽن الزامن کي غلط ثابت ڪرڻو پوندو تہ (١) اسلام انهن کي انساني حقن جو احترام ڪرڻ کان منع ڪري ٿو (٢) خاص طور تي عورتن جي حقن جو احترام ڪرڻ سان منع ڪري ٿو ۽ (٣) مسلمانن کي اهو ثابت ڪرڻو آهي تہ اهي جمهوريت جي قابل آهن. بنيادي طور تي اهي اخلاقيات َجا سوال آهن، عقيدي جا نہ ! پر اڳي يا پوءِ، اهي اسلام ۽ عيسائيت جي وچ ۾ ٿيندڙ هر مڪالمي جو مرڪزي نڪتو بڻجندا رهيا آهن.

جيسائين اولهہ جو واسطو آهي، اها ڳالهہ بلڪل واضح آهي. جڏهن تہ اسلام سان معمول جيَ لاڳاپن قائم ڪرڻ جي لاءِ انهن ٽن موضوعن تي بحث هڪ لازمي شرط آهي، انهن ٽن شعبن ۾ جيڪو ڪجهہ ٿئي ٿو اهو خود مسلمانن جي لاءِ گهڻو اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ عالمي سطح تي اسلام جو مستقبل ان تي منحصر ٿي سگهي ٿو. ٻئي پاسي نيل هڪس ان کي اهڙيءَ طرح ڏسي ٿو تہ اها ڳالهہ گهٽي واضح آهي تہ اولهہ جي ڪن طاقتن جو مفاد ان ۾ آهي تہ اهي ان تصور کي قائم رکن تہ اسلام، انساني حقن ۽ جمهوريت سان

مطابقت نٿو رکي. ڪنهن منفي نڪتي کي ثابت ڪرڻ ڪڏهن بہ آسان نٿو ٿي سگهي، جڏهن تہ ان بحث سان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ مسلمان حقيقت ۾ انساني حقن کي تحفظ ڏيڻ جي ناقابل نہ آهن. ڇاڪاڻ تہ انساني حق نمايان طور تي اسلام جو هڪ لازمي موضوع آهن.

انساني حقن جي باري ۾ بحث ڪندي، مسلمان اڪثر اهو ڄاڻي حيران ٿين ٿا تہ انهن جا هم عصر اولهہ وارا اهو سمجهن ٿا تہ انساني حق انهن جي ئي ايجاد آهن ۽ اهي ئي انهن تي اجاراداري رکن ٿا. اولهہ جا رهندڙ واقعي ئي ٻين کان اها توقع ڪن ٿا تہ اهي ميجين تہ اصولي طور تي انساني حقن جو احترام صرف اولهہ ۾ ڪيو ويجي ٿو ۽ مسلم دنيا ۾ اصولي طور ۽ عام طور تي انهن جو احترام نٿو ڪيو ويجي.

ڀهريون الزام ڪافي حد تائين سمجهہ ۾ اچڻ وارو آهي، ڇاڪاڻ تہ اصل ۾ اهو اولهہ ئي هو خاص طور تي برطانيہ، جتي انساني حقن جو هڪ ضابطو آڏو آيو جيڪو شهرين کي انفرادي طور تي رياست جي زيادتين کان بچائڻ جي لاءِ هو. يعني لازمي طور تي اهو ڪنهن شيءِ کان دفاعي آزاديءَ جي طور تي وجود ۾ آيو. ان وقت ١٧ هين ۽ ١٨ هين صديءَ ۾ ڪنهن کي بہ اهو خيال نہ آيو هو تہ بادشاهن کان انهن شهري حقن جو مطالبو ڪن، جيڪي اڄ ايترا اهم ٿي ويا آهن. يعني ڪنهن شيءِ جي اثرائتي آزاديءَ جي طور تي.

انساني حقن جي مغربي تاريخ ۾ اهم سنگ ميل برطانوي آزادين جو ميگنا ڪارٽا (١٥١٢)، حبس بي جا جو قانون (١٩٧٩)، حقن جو بل (١٦٨٩) آمريڪا جو اعلان آزادي (١٧٧٦) جنهن ۾ خدا جو ذڪر آهي، ۽ فرانس جو شهري ۽ انساني حقنُ جو پڌرنامو ١٧٨٩

(جنهن ۾ خدا جو ذڪر ايترو واضح نہ آهي) —مشهور پر غير لازمي، انساني حقن جو پڌرنامو جنهن کي گڏيل قومن پاران ١٩٤٨ ۾ منظور ڪيو ويو. مڪمل طور تي اهڙن اولهہ جي نظارن جي بنياد تي تيار ڪيو ويو هو. اهي ١٩ ڊسمبر ١٩٦٦ جي شهري، سياسي، سماجي، معاشي، ۽ ثقافتي حقن جي لاءِ بين الاقوامي معاهدي ۽ يورپي ڪائونسل جي انساني حقن جي معاهدي کان مختلف نہ هئا. جڏهن تہ اهي قدم عيسائيت جي ڪري نہ کنيا ويا، پر ان جي باوجود بہ ٿيا. گذريل صديءَ ۾ پوپ جان XXIII جي زماني تائين انساني حقن جي تصور کي سيڪولر ۽ قدرت پرستانہ تصور جي طور تي نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. اها يارهن اپريل ١٩٦٣ جي ڳالهہ آهي تہ انساني حقن کي آخرڪار ويٽيڪن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ملي.

تاريخي حوالن مان اهو ثابت نٿو ٿئي تہ اسلام ۾ انساني حقن سان ملندڙ جلندڙ قرآني حڪمن تي ٻڌل قانوني تصور موجود نہ هئا. اولهہ جي انساني حقن جي ايجاد ۽ ملڪيت بابت اهڙي دعوي آهي، جيڪا ان حقيقت کي نظر انداز ڪري ڇڏي ٿي تہ تاريخ ۾ هميشہ هر جاءِ تي، خود عيسائي مذهب ۾ پڻ رياست پاران عام ماڻهن جي حقن جو احترام نہ ڪيو ويو. اڄ بہ سموري دنيا ۾ انساني حقن جي صورتحال افسوسناڪ آهي، صرف مسلمان ملڪن ۾ نہ پر جتي ڪٿي- ايمنسٽي انٽرنيشنل وٽ موجود حقيقتون مايوس ڪندڙ آهن.

انصاف جي تقاضا آهي تہ غير مسلم ان ڳالهہ جو اعتراف ڪن تہ مسلمان ملڪن جي نالي ۾ ٿيندڙ انساني حقن جون خلاف ورزيون، مثال طور اذيت ڏيڻ، پوليس جا ظلم، چونڊن ۾ ڌانڌليون، سنسر جون پابنديون ۽ مذهبي آزاديءِ تي بندش نہ تہ اسلام جي چوڻ تي

لڳائي وئي آهي ۽ نه ئي اسلام ان کي جائز قرار ڏئي ٿو. اها حقيقت آهي ته مسلمان ملڪن ۾ جيلون انهن مسلمان ڪارڪنن ۽سان پريون پيون آهن، جيڪي سخت مذهبي نظريا رکندڙ آهن. اهو عمل اهڙن خيالن کي غلط ثابت ڪري ٿو. اسان کي تسليم ڪرڻ گھرجي ته ترڪي جهڙو ملڪ، جنهن جي آبادي مسلمان آهي، لازمي نه آهي ته اسلامي رياست پڻ هجي، بلڪل اهڙي طرح جيئن اسپين جتي عيسائي آباد آهن، ان کي لازمي طور تي عيسائي رياست نٿو چئي سگهجي.

اولهه جي انساني حقن جي ماهرن کي باربار هيٺين سوالن جو جواب ڏيڻو پوندو آهي ته ڇا ڪڏهن انساني حقن جي خلاف ورزي جا ان کان وڌيڪ خراب ۽ ان کان وڌيڪ تعداد ۾ واقعا ٿيا آهن، جيترا ٻن عالمي جنگين دوران ٿيا، يا جيترا ڪيميائي ۽ ايٽمي هٿيارن جي استعمال سان ٿي سگهن ٿا. اهڙا واقعا اسٽالن جي دوري حڪومت ۾ ٿيا، ڏکڻ آفريڪا ۾ نسلي فرق هيٺ ٿيا ۽ بوسنيا ۽ ڪوسوو ۾ نسلي جهيڙن جي نالي تي ٿيا. مسلمانن هنن مان ڪي به ظلم نه ڪيا. ڪينيا جي نامور سوشل اينٿراپالاجسٽ پروفيسر علي مزروئي نيويارڪ ۾ قائم بنگھمٽن يونيورسٽي ۾ چيو ته جيڪڏهن اسلام ويهين صدي ۾ جمهوريت جي لاءِ سازگار ثابت نٿو ٿي ته اهو هن صدي جي ڪيترين ئي ٻين وڏين وڏين برائين نازي ازم، فسطائيت، ڪميونزم ۽ نسلي قتل عام جي لاءِ پڻ زرخيز نه رهيو آهي........ اڪثر مسلمانن تي تنقيد ڪئي ويجي ٿي ته انهن اعليٰ ترين ڪم نه ڪري ڏيکاريا آهن، پر انهن جي انّ ڳالهه تي تعريف نٿي ڪئي ويجي ته انهن اهڙن اصولن تي عمل ڪيو جنهن جي ڪري اهي بدترين شين کان ،بچيل رهيا. نازي ڪئمپن، آمريڪين جي هلندڙ نسلي امتياز هالينڊ ۾ اصلاح کان پوءِ ڪليسا جي اثر هيٺ نسلي فرق،

ٻي عالمي جنگ کان اڳ جپان ۾ نسل پرستي، اسٽالن ۽ پوٽ جي دورن ۾ نسل ڪشيءَ جي پيٽ ۾ ڪا بہ شيءِ اسان کي مسلمانن وٽ نٿي ملي. ان کان پوءِ بہ اولهہ جا همصعر اُخلاقي طور تي بلند حيثيت جي دعوي ڪندي مطالبو ڪن ٿا تہ دنيا ۾ يورپي - آمريڪي اخلاقيات جو نظام نافذ ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ انهن جي ترقياتي امداد بند ڪئي ويندي. اولهہ جا رهاڪو پاڻ کي ۽ ٻين کي ٻن بلڪل مختلف پئمانن سان ماپين ٿا، ان ڪري انهن کي بلڪل حيران نہ ٿيڻ گهرجي، جڏهن مسلمان نوجوان ظنزيہ ائين چون ٿا تہ انساني حق شايد" گوري رنگ ۽ نيرين اکين، وارا" آهن.

انساني حق پوءِ اهي پلي گوري رنگ ۽ نيرين اکين وارن جا هجن يا نہ، انهن کي هڪ قلب وانگر هلائي سگهجي ٿو ان لاءِ پرويز منصور پاران ١٩٩٤ع ۾ چيو هو تہ "انساني حقن جي ڳالهہ طاقت جي ڳالهہ آهي" — اهو ئي ڪارڻ آهي تہ اڄ بہ اهڙا آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ ٿا، جيڪي اسلام يا انساني حقن جي ڳالهہ ان ريت ڪن ٿا، ڄڻ اهي ٻہ متضاد ڳالهيون آهن. انهن جي خيال ۾ انساني حق "جديد دور جي مقدس ڳئون آهي...... جنهن جي انڌي پوڄا نٿي ڪري سگهجي، بلڪ انهن جو تنقيدي جائزو ورتو وڃي........ خاص طور تي ان لاءِ تہ شريعت هر مسئلي جي زمان ۽ مڪان جي حدن کان آزاد حل مهيا ڪري ٿي".

پر شڪايت ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو؟ مسلمانن کي هڪ موقف تي بيهڻو پوندو گهڻو ڪري مسلم ملڪ، ٽين دنيا جي ملڪن مان آهن، جن کي "ترقي پذير ملڪ" پڻ چيو ويندو آهي، جيتوڻيڪ انهن مان ڪيترن ئي ملڪن ۾ پيٽرول جي دولت برسات وانگر وسي رهي آهي. ٽين دنيا جا ملڪ، جن ۾ مسلم ملڪ پڻ شامل آهن، روايتي طور تي پنهنجي حقن جي بچاءُ ۾ اهو چوندا آيا آهن، تہ انساني حق هڪ

پاسي شهري حقن تي ۽ ٻئي پاسي سماجي، معاشي ۽ ثقافتي حقن تي گڏيل انحصار ڪن ٿا. اهي ملڪ وڏي اثرائتي انداز ۾ اهو دليل ڏين ٿا ته جيڪڏهن ووٽر اڻ پڙهيل آهن ته چونڊن جو مطلب قبائلي سردار جي اقتدار جي تصديق ڪان سواءِ ڪابه معنيٰ نٿو رکي. ٽئين دنيا جي دانشورن کي شايد اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، پر پانا جوتس ڪونڊليس جي لفظن ۾ اها ڳالهه گهٽي واضح آهي ته "انساني حق جيڪي هر ماڻهوءَ کي انفرادي خودمختياري ۽ برابر حق ڏيڻ جو واعدو ڪن ٿا، صرف اهڙي معاشري ۾ قائم رهي سگهن ٿا، جتي محنت جي گهٽي واضح ورهاست، اجتماعيت کي اڪائين ۾ ورهائي سگهي، ۽ جتي وڏي پئماني تي پيداوار ۽ کپت پنهنجي پوري رفتار سان هلي رهي هجي". ان ڳالهه کان پڻ انڪار نٿو ڪري سگهجي ته جمهوريت جا هڪ سول سوسائٽيءَ جي ضرروت هوندي، جيڪا غالبن صرف ان ئي صورت ۾ ممڪن آهي، جڏهن بنيادي غربت کان نجات حاصل ڪئي وڃي. انهن دليلن کي پيش ڪندي، ٽين دنيا جي ملڪن پاران پاڻ ئي پنهنجن انساني حقن جي قسمن کي مقرر ڪيو ويو آهي، جن کي انساني حقن جي تازن معاهدن جو حصو بڻايو ويو آهي، مثال طور تعليم جو حق، ڪم ۽ روزگار جو حق-انهن ملڪن جو خيال آهي ته اهي انساني حقن جي آفاقي حيثيت تي سوال اٿاري انهن کان جند ڇڏائي سگهن ٿا. (اها انهن جي ٻي دفاعي لائين آهي) دراصل، اهي انساني حقن جي موجوده معاهدن کي يورپي ۽ نسلي بنياد جو حامل ۽ اهڙيءَ ريٺ ٻين ثقافتن ، مثال طور ايشيائي يا سهارا پار آفريڪي ثقافت جي لاءِ اجنبي قرار ڏين ٿا. آفاقيت جي نظريي جي پويان، انهن فرانس فوڪو ياما جو اهو مفروضو پڻ ڳولي ورتو ته مغربي تهذيب جي ماڊل کي هميشه هميشه جي لاءِ قبول ڪري، تاريخ پنهنجي اختتام تي پهچي چڪي آهي.

انساني حقن جي باري ۾ اهو نقطئہ نظر ان حد تائين تہ صحيح ٿي سگهي ٿو تہ جيستائين شر انگيز قانوني موشگافين جو لاڳاپو آهي، مثال طور (سمورين نيو ڪلياٽي شين ڪان) " خوفزده ٿيڻ جو حق"، "نشو ڪرڻ جو حق" (سموري قانوني منشيات سان)، يا "هم جنسن جي شاديءَ جو حق"_ سمورن انساني حقن جي ثقافتي حدن جو خيال، بنيادي حقن، مثال طور جيئڻ جو حق، اذيت ڪان آزاديءَ جو حق، راءِ رکڻ، ضمير، اظهارخيال ۽ مذهب جي آزادي ۽ شخصي آزادين (لڏپلاڻ، گڏ ٿيڻ ۽ تنظيم سازيءَ جو حق) جي حوالي سان درست نہ آهي.

مسلمان خود پنهنجي ڪاز کي نقصان پهچائين ٿا، جڏهن اهي انهن بنيادي حقن تي سوال اٿارين ٿا، خاص طور تي انهن کي خود پنهنجي مقصدن جي لاءِ سيموئل هننگٽن جي نقطئہ نظر کي استعمال نہ ڪرڻ گهرجي تہ دنيا ۾ انساني حقن جي صرف هڪ نقطي تي اتفاق راءِ پايو وڃي ٿو ۽ اهو آهي اذيت رسائڻ ڪان مڪمل نفرت.

ان ڪان وڌيڪ بهتر حڪمت عملي اها ٿيندي تہ انساني حقن جي مسئلي کي اسلامي شريعت جي حوالي سان، يعني قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي. بلاشڪ انساني حقن جا اصطلاح يهوديت، اسلام، يا عيسائيت جي ايجاد نہ آهن، انساني حقن جهڙي اصطلاح جو الهامي ڪتابن ۾ نہ هجڻ جو ڪارڻ اهو تصور پڻ آهي انساني مخلوق جو سمورن حقن جو مالڪ ٿيڻ، ماڻهن جي بنيادي فطرت جي خلاف آهي. يهودي، عيسائي، ۽ مسلمان هڪ ئي طور تي اهو يقين رکندا آهن تہ سمورن حقن جو سرچشمو خالق ڪائنات خدا آهي. اها بلڪل منطقي ڳالهہ هئي تہ انساني حقن جو تصور تاريخ ڪان پوءِ جي دور، يعني ١٨ هين صديءَ جي روشن خياليءَ جي دور ۾، آڏو آيو. هي اهو ئي دور هو جڏهن انسان کي هر شيءِ جو واحد پئمانو

قرار ڏنو ويو. روحاني لاڳاپا رکڻ وارن ماڻهن جي لاءِ اها ڳالهہ اڄ بہ لاديني، دل آزاريءَ تي مبني ڪهاڻي آهي. مسلمان قانون دان ان سلسلي ۾ خاص طور تي مشڪلن جو شڪار آهن. جيئن تہ شريعت هڪ الهامي قانون آهي، مخصوص قاعدن، مثال انساني حقن کي بلند تر مقام ۽ گهٽي اهميت ڏيڻ ممڪن نہ آهي. مسلمان ڪنهن اهڙيءَ ترتيب جي مخالفت ڪندا آيا آهن، جنهن ۾ انساني سماج جي مطابق، الوهي حقن کي برتر يا ڪمتر درجو ڏنو وڃي. غير مذهبي قانوني نظام مثال طور رومن قانون، شهري ۽ عمومي قانون، فرانسيسي ۽ جرمن قانون، ان قسم جي قدرن تي مبني درجہ بندي ڪندا آهن، جنهن ۾ سينيءَ ڪان مٿي (الف) بين الاقوامي قانون (ب) آئيني قانون (ج) رياستي قانون (د) حڪم (ر) سرڪاري قاعدا، ۽ (س) انتظامي حڪم شامل هوندا آهن.

# مذهبي تعليمي ادارا

خالد رحمان

مذهبي تعليمي ادارا ڪهڙا آهن؟ انهن جو هڪ مسلمان معاشري ۾ ڪهڙو مقام ۽ ڪردار آهي؟ انهن ادارن ۾ ڪهڙي قسم جي تعليم ڏني وڃي ٿي؟ ڇا انهن جي ابتدا کان هيستائين انهن ۾ ڪا تبديلي آئي آهي، ڇا انهن جي نصاب، ۽ مضمونن جي "اصلاح" جي ضرورت آهي؟ ۽ ڇا اهڙي ڪا ڪوشش مذهبي قدرن جي خلاف ٿيندي؟

بين الاقوامي ۽ علائقي سطح تي ويجهڙائيءَ ۾ رونما ٿيل تبديلين ۾ انهن سوالن جي اهميت ۾ ڪيترا ڀيرا واڌارو ٿيو آهي، جڏهن ته ان کان اڳ اسان انهن سوالن جا جواب ڏيون، ضروري آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ جي زماني کان اڄ تائين اسلام جي علم جي باري ۾ تصور جو هڪ تاريخي جائزو وٺڻو پوندو.

## اسلام ۽ تعليم

اسلام انسانيت کي جيڪو زندگيءَ جو نظام سيکاري ٿو ان ۾ تعليم، تحقيق ۽ ڳولا جي اهميت، غير متنازعہ آهي. "پڙهه" اها پهرين هدايت هئي، جيڪا الله تعاليٰ پاران نبي ڪريم ﷺ کي ۽ ان جي صدقي پوري انسانيت کي موڪلي. پاڻ سڳورن ﷺ تي نازل ٿيڻ واري پهرين آيت، هيئين هئي:

”پڙهُ! پنهنجي رب جي نالي سان، جنهن توکي پيدا ڪيو. جنهن انسان کي (محض)رت جيءَ ڦڙي مان پيدا ڪيو. پڙهُ! ۽ تنهنجو رب وڏي برڪت وارو آهي. ان قلم سان (علم) سيکاريو. انسان کي اهو سيکاريو جيڪو اهو نہ ڄاڻندو هو. (سوره العلق ٥-١-٩٦)“

قرآن پاڪ ۾ اها ڳالهہ واضح ڪئي وئي آهي تہ تعليم يافتہ ۽ غير تعليم يافتہ، پڙهيل لکيل ۽ جاهل جو هڪ ٻئي سان ڪو بہ مقابلو نہ آهي: ”ڇا اهي، جيڪي ڄاڻين ٿا ۽ جيڪي نٿا ڄاڻين، اهي برابر آهي؟“ (سوره الزماڌ٣٩: ٩) قرآن ۾ چيو ويو آهي تہ ”الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي اعليٰ درجن تي اتاريندو جيڪي ايمان رکن ٿا، ۽ جن کي ايمان سان نوازيو ويو آهي.“ (سوره المجادلہ ١١: ٥٨)

رسول پاڪ ﷺ، تعليمَ ۽ علم جي حاصلات تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي، ۽ ان کي مسمان مردن ۽ عورتن تي، ٻنهي لاءِ، پينگهي کان قبر تائين لازمي قرار ڏنو. اسلام ۾ علم جي حاصلات جي ڪوشش عبادت جي برابر آهي، جنهن کي هر مسلمان مرد ۽ عورت جي لاءِ لازمي قرار ڏنو ويو آهي، اهو شرط تہ (جنگ بدر جي دوران پڪڙيل) هر جنگي قيدي ڏهن مسلمانن کي پڙهڻ لکڻ سيکاري، آزادي حاصل ڪري سگهي ٿو، ان بيان جي تائيد ڪري ٿو. پاڻ سڳورن ﷺ اهو پڻ حڪم ڏنو هو تہ قيدين کي لکڻ پڙهڻ سيکاريو وڃي. ان مان پڻ واضح ٿئي ٿو تہ اسلام علم جي حاصلات کي ڪيتري اهميت ڏئي ٿو.

## تعليم جي لاءِ ادارتي نظام

تعليمي نظام پاڻ سڳورن جي زندگيءَ ۾ ئي تشڪيل وٺڻ شروع ٿي ويو هو. مسلمانن جي مديني ڏانهن هجرت جي ٿوري ئي عرصي

۾ ”صفہ“ جي شڪل ۾ هڪ ہوتو لڳي ويو. صفہ، مسجد نبوي جي اڱڻ ۾ هڪ چبوترو هو جتي سمورا ماڻهو خاص ۽ عام، حڪمران ۽ رعايہ، اشراف ۽ غلام، عرب ۽ غير عرب، علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ گڏ ٿيندا هئا. صفہ پاڻ سڳورن ﷺ جي انهن اصحابن جي لاءِ هڪ رهائشي اسڪول هو جن پنهنجون زندگيون علم جي حاصلات جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيون هيون ۽ ان کي پنهنجو واحد پيشو قرار ڏئي ڇڏيو هو. پاڻ سڳورن ﷺ جي وفات کان پوءِ مديني ۾ نو(٩) تعليمي ادارا موجود هئا.

پاڻ سڳورن ﷺ الله جا نبي هئا، ۽ زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ مسلمانن جا رهنما هئا. پاڻ پيغمبر ﷺ جي حيثيت سان معلم پڻ هئا: ”مون کي هڪ معلم جي حيثيت سان موڪليو ويو آهي“ — هو پنهنجي اصحابن ۽ ٻين ماڻهن کي چوندا هئا. ان لاءِ علم جي حاصلات مذهب جو هڪ لازمي حصو بڻجي ويو هو ۽ معاشري جي رهنمائن جي لاءِ هڪ فرض جي حيثيت اختيار ڪري چڪو هو. مذهبي ۽ دنياوي جي ڪابہ ورهاست موجود نہ هئي.

ـ ۽ مسجد نبوي، رسول پاڪ ﷺ جي هر قسم جي سرگرمين جو مرڪز هئي: اها نہ صرف عبادت جي جاءِ هئي، بلڪ اها حڪومت جي ڪاروبار ۽ سماجي ۽ تعليمي سرگرمين جو پڻ مرڪز بڻجي وئي هئي ۽ اهڙيءَ ريت اسلام جي تاريخ ۾ مدرسا، مسجدن کان شروع ٿيا. مسجد نبويءَ جي اڱڻ کان ابتدا ٿيڻ کان پوءِ اها روايت رهي تہ شاگرد ۽ ڪن وقتن تي عام ماڻهو بہ، کليل جاءِ تي يا وڏي هال ۾ معلم جي چوڌاري دائرو بڻائيندا آهن. اهو مدرسي جو مخصوص ڪلاس روم ٿئي ٿو۔ جڏهن تہ شاگردن جي تعداد ۾ واڌاري ۽ علم جي مختلف شعبن جي ظهور سان مدرسن جي لاءِ ڌار عمارتن جو رواج پيو جيڪو پوءِ بہ ان وڏي ڪامپليڪس جو هڪ حصو ٿي

ويو. اهي مدرسا جيڪي سموري اسلامي دنيا ۾ پکڙجي ويا، نہ صرف رسمي تعليم جون ضرورتون پوريون ڪندا هئا، بلڪ اسلامي رياست جي انتظامي ۽ دفاعي مسئلن کي پڻ وڏي اهميت ڏيندا هئا. پنهنجن شاگردن کي سٺو شهري بنائڻ جي لاءِ، انهن کي ان قابل بنائڻ جي لاءِ تہ اهي پنهنجي سماج جي ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن، ان اسڪولن ۾ شاگردن جي تربيت ۽ ڪردار جي تعمير تي گهڻو زور ڏنو وڃڻ لڳو. شاگردن کي حق ۽ انصاف، صبر ۽ قناعت، رواداري ۽ فراخدلي، مهمانوازي ۽ ٻين جي احترام، سمورن ماڻهن جي برابري، عورتن جي عزت، ۽ پاڻ تي قابو وغيره جهڙين خوبين جي تربيت ڏني ويندي رهي.

اهو پنهنجي دور ۾ تعليم جو انتهائي جديد نظام هو ۽ اسلامي تاريخ کان اڳ هڪ هزار سال خاص طور تي اهو ثابت ڪن ٿا تہ مسلمان تعليم جي حاصلات تي گهرو يقين رکندڙ هئا. مسلمان حڪومتن ۾ هڪ نامور وزير نظام الملڪ طوسي (وفات ١٠٩٢ ) کي اهم قدم کنيا، جن جا گهرا اثر مرتب ٿيا. ١٠٦٥ ۾ هن بغداد ۾ مدرسا نظاميہ قائم ڪيو ان زماني ۾ هڪ اهم عالم امام غزالي کي گهرايو ۽ مختلف مڪتب فڪر جي عالمن جو هڪ وڏو اجتماع منعقد ڪيو. هن انهيءَ ڳالهہ کي يقيني بڻايو تہ انهن کي مناسب معاوضو ملي تہ جيئن اهي خوشحال ٿين ۽ پنهنجو وقت تعليم تي ڏين ۽ پنهنجي علم ۾ واڌارو ڪن.

بغداد کان پوءِ بلخ، اصفهان، هرات ۽ بصري ۾ مدرسا قائم ٿيا. انهن مدرسن کي هلائڻ لاءِ هن اوقاف ۽ ٽرسٽ قائم ڪيا، جيڪي انهن مدرسن جا خرچ پري سگهن. اهي مدرسا رهائشي اسڪولن وانگر ڪم ڪري رهيا هئا. اتي استادن ۽ شاگردن کي رهائش، کائڻ پيئڻ ۽ زندگيءَ جون ٻيون سهولتون فراهم ڪيون وينديون هيون. تعليم

جي سرپرستيءَ جو اهو نظام اوقاف جي انتظام هيٺ اڄ بہ هلي رهيو آهي. اسپين ۾ جيڪي مدرسا قائم ڪيا ويا، اهي ان ڳالهہ جو وڏو مثال آهن. جڏهن تہ سورهين صدي ۾ مسلم دنيا جو زوال شروع ٿيو ۽ ان کي سياسي ۽ تعليمي ميدان ۾ مسلسل گهوٽالن کي منهن ڏيڻو پيو. ان عرصي ۾ اولهہ ۾ نشات ثانيا جي لهر پکڙي، پر اوير پنهنجي مسئلن کان ٻاهر نڪري نہ سگهيو ۽ اولهہ جي واپاري ۽ فوجي طاقتن جي نئين آبادي بڻجي ويو.

## ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن جون تعليمي روايتون

ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن جي تعليمي روايتن جو جائزو وٺجي ٿو تہ پتو پوي ٿو تہ سڀ کان پهرين قطب الدين ايبڪ جي زماني ۾ (تيرهين صديءَ جي شروعات) تعليمي نظام کي قابل ذڪر ترقي ۽ توسيع ملي. سلطنت جي کنڊ ڪڙڇ ۾ مسجدون ئي تعليم جون مرڪز هيون، جتي مذهبي ۽ سائنسي مضمونن جي هڪجهڙي تدريس ڪئي ويندي هئي. ٻين مسلمان حڪمرانن، سلطان التمش (وفات ١٢٣٦) معز الدين غوريؒ (وفات ١٢٠٦) محمد بن تغلق (وفات ١٣٥١) ۽ فيروزشاهہ تغلق (وفات ١٣٨٨) اڳ ئي موجود ادارن کي ترقي ڏيڻ سان گڏوگڏ اعليٰ تعليم جي لاءِ ڪيترائي ادارا قائم ڪيا. خلجي حڪمرانن جي دور ۾ پڻ علم جو حصول ۽ ترقيءَ کي ترجيحي حيثيت ڏني ويندي هئي. خلجي حڪمرانن جي تاريخدانن کي علم ۽ تعليم جي وڏن سرپرستن ۾ شمار ڪيو ويندو هو.

اسلامي تعليمي ادارن ۾ ڪهڙي قسم جي تعليم ڏني ويندي هئي، ان سلسلي ۾ اسلامي تاريخ ڪيترن ئي مرحلن مان گذري آهي ۽ ان سوال جي جواب ۾ گهري مطالعي جي ضرورت آهي.

مذهبي تعليم جو نظام، (جنهن کي سرڪاري سطح تي هلايو ويندو هو) انتظامي ضرورتن جي تحت هلايو ويندو هو ته جيئن مختلف مڪتبئه فڪر جي ماڻهن کي جاءِ ڏني وڃي، جن ۾ شافعي، مالڪي، حنفي ۽ حنبلي شامل هئا. اهي مڪتبئه فڪر دنيا جي مختلف حصن ۾ حڪومتن جي رهنمائي ڪندا هئا. ۽ انهن عظيم عالمن، امام شافعي، امام ابو حنيفه، امام مالڪ، امام حنبل وغيره جي تعليم انهن مدرسن ۽ علمي مرڪزن جي نصاب ۾ شامل ڪئي وئي.

اسلامي تعليمي نظام ۾، ابتدا ۾ فقه ۽ ان سان لاڳاپيل مضمونن کي وڏيڪ اهميت ڏني ويندي هئي، فقه تي خاص توجه کي ضروري سمجهيو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته مذهبي تعليم ۽ ان جي اهميت کي سمجهڻ، نظام عدل (عدليه) کي هلائڻ لاءِ ضروري هو. وڏي عرصي تائين، نصابي تعليم ۾، فقه ۽ ان جي اصولن ۽ ان سان گڏوگڏ منطق ۽ مابعدالطبيعات کي اهميت ڏئي ويندي رهي. بين مضمونن جي تعليم جو پڻ اهو ئي مقصد هوندو هو ته فقهي مسئلن کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهجي.

ابتدائي مرحلن ۾ حديث ۽ تفسير، ڪتابن يا نصاب ۾ شامل ٿي نه ڪئي ويندي هئي، يا نصاب جو صرف معمولي حصو هوندي هئي، ٻين لفظن ۾ نصاب، اهڙو هوندو هو جنهن ۾ مذهبي علم ۾ اسپيشلائيزيشن جي حوصلا افزائي نه ڪئي ويندي هئي، بلڪ اهو نصاب اهڙا ماڻهو تيار ڪرڻ جي لاءِ ترتيب ڏنو ويندو رهيو هو، جيڪي انصاف، احتساب، ۽ ٻين سرڪاري ذميوارين جي لاءِ حڪومتي دفترن کي هلائي سگهن. اهي ماڻهو جيڪي واقعي اسپيشلائيزيشن ۽ اسلامي تعليم جي گهري مطالعي ۾ دلچسپي رکندا هئا، اهي پاڻ، پنهنجي پاران ائين ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت فقه ۽

ان جي اصولن جي تعليم تي توجہ انتظامي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ضروري هئي. منطق ۽ فلسفي جا ڪتاب. فقہ کي سمجهڻ جي صلاحيت کي وڌائڻ جي لاءِ پڙهايا ويندا هئا. ان قسم جو نصاب. ننڍي کنڊ ۾ هڪ هزار سالن تائين پڙهايو ويو.

تعليم جي فروغ جي لاءِ مغل حڪمرانن جون خدمتون، ۽ انهن جو عالمن جي لاءِ احترام ناقابل فراموش آهي، اڪبر (وفات ١٦٠٥)، نہ صرف مدرسہ قائم ڪيا، بلڪ عوامي ڪتب خانا ۽ مطالعي خانا پڻ ٺهرايا. هن اهم ڪتابن ۽ اهم معلوماتي دستاويزن کي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ تي پڻ زور ڏنو ۽ بين المذاهب مڪالمن جي سرپرستي ڪئي. مسلمانن کان سواءِ هن هندوئن جي لاءِ پڻ نوان ۽ الڳ اسڪول کولرايا. مغليہ سلطنت جي ٻين حاڪمن ۾ جهانگير (وفات ١٦٢٨)، شاه جهان (جهانگير جو پٽ) ۽ اورنگزيب (وفات ١٧٠٧) پاران پڻ ڪئي تعليمي ادارا قائم ڪيا ويا، ۽ انهن کي ترقي ڏني وئي. شاهجهان پاران فتح پور سيڪري ۾ هڪ مدرسو خاص طور تي عورتن جي لاءِ قائم ڪيو ويو. مثال طور اورنگزيب اڳ ئي مروج تعليمي نصاب ۾ سائنسي مضمونن کي شامل ڪيو ۽ تعليم جي حاصلات کي رواج ڏيڻ جي لاءِ شاگردن کي تعليمي وظيفن ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو. هن فرنگي محل ۾ هڪ ولنديزي واپاري جي تعمير ڪرايل عمارت کي خريدي، ان ۾ مدرسو قائم ڪيو ۽ ملا نظام الدين سهاوي (وفات ١٧٤٨) کي ان مدرسي جو اعليٰ اڳواڻ مقرر ڪيو. ملا نظام الدين سهاوي، مدرسي جي موجوده تعليمي نصاب ۾ اصلاح ڪئي، ان نئين نصاب کي ”درس نظامي“ چيو ويندو آهي، جيڪو اڄ بہ ننڍي کنڊ جي مدرسن ۾ پڙهايو ويندو آهي. ملا سهالويءَ جي پيش ڪيل نصاب ۾ ان دور جا سائنسي ۽ هنري ڪتاب شامل هئا، انهن اسڪولن ۾ جيڪي مضمون پڙهايا ويندا

هئا. انهن ۾ فقہ ۽ فقہ جا اصول، الجبرا، جاميٽري، گرامر ۽ خطابت، منطق ۽ مابعد الطبيعات شامل هئا.

ان نصاب ۾ علم جي سمورين شاخن کي شامل ڪيو ويو ان جو اهو مطلب هو تہ شاگرد پنهنجي دور جي ڪنهن بہ هنر يا علم کا بلڪل بي خبر نہ رهي. اهڙيءَ ريت شاگرد، فقہ، عربي ۽ فارسيءَ جي گرامر کان سواءِ سائنس، طب ۽ انجنيئرنگ جي ڪورسن، الجبر ۽ جاميٽري، منطق ۽ فلسفي جا مضمون پڙهندا هئا. طب جي تعليم سان سماج ۾ قابل عزت خدمت سرانجام ڏيڻ سان گڏ روزگار حاصل ڪرڻ جا موقعا ملندا هئا.

ان نصاب جي اهري نوعيت جي ڪري مذهبي تعليمي ادارن جا شاگرد سٺا ڊاڪٽر، انجنيئر، تعميرات جا ماهر ۽ استاد ٿيندا هئا. اهڙن مان ڪن تہ تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي. استاد احمد "معمار لاهوري" (وفات ١٦٤٩)، تاج محل تعمير ڪيو اهڙيءَ ريت اهي ماڻهو جيڪي رياست جي معاملن کي هلائيندا هئا، ۽ سماج جو نظم نسق برقرار رکندا هئا، اهي سمورا ديني مدرسن جي پيدا وار هئا. مختصر اهو تہ درس نظامي وقت جي ضرورتن کي پورو ڪندو هو.

## برطانوي راڄ: نئي تعليمي نظام جو آغاز

برطانوي راڄ جي قيام ۽ ان جي پاليسين، نئين ڪنڊ ۾ مذهبي تعليم جي روايت تي گهرا منفي اثر ڇڏيا. مسلمان حڪمرانن جي دور ۾ فارسي ذريعہ تعليم ۽ سرڪاري زبان هئي، پر برطانوي حڪومت پاران ١٨٣٧ع ۾ ان جي سرڪاري حيثيت کي ختم ڪري ڇڏيو.

نون حڪمرانن پاران مذهبي تعليمي ادارن جي معاشي امداد جو سلسلو پڻ بند ڪيو ويو ۽ اوقاف جو انتظام پنهنجي هٿ هيٺ رکي ڇڏيو ويو. مشهور تاريخدان ڊبليو ڊبليو هنٽر چوي ٿو ته برطانوي حڪمرانن "محسن فنڊ" جو انتظام پنهنجي هٿ هيٺ رکي ڇڏيو جيڪو بنگال جي هڪ خوشحال مسلمان پاران مسلمانن جي بهبود ۽ ترقيءَ جي لاءِ قائم ڪيو هو. ان کي بعد ۾ غير مسلم ڪاليج جي تعمير تي خرچ ڪيو ويو.

١٨٢٨ ۾ لارڊ وليم بينٽنگ سموري اوقاف جي ايراضي ضبط ڪري ڇڏي. ١٨٤٤ ۾ لارڊ هارڊنگ پاران هڪ حڪم جاري ڪيو ويو جنهن هيٺ عربي ۽ فارسي پڙهيل ماڻهو سرڪاري ملازمت جي لاءِ نااهل قرار ڏنا ويا. ١٨٦٠ع ۾ عدالتن ۾ پڻ انگريزي زبان استعمال ٿيڻ لڳي، ۽ پوءِ آخري ڌڪ اهو لڳو ته ١٨٦٤ع ۾ قاضي ايڪٽ کي پڻ ختم ڪيو ويو جنهن هيٺ مسلم قاضي، مسلمانن جا شخصي قانون تحت ڪيس ٻڌندا هئا. اهڙيءَ ريت مسلمان قاضيءَ جي ڪابه ضرورت نه رهي.

اهڙن منفي قدمن جو نتيجو اهو نڪتو ته مذهبي ادارن ۾ ڏني ويندڙ تعليم جي، اصل عملي زندگيءَ ۾ اهميت ۽ افاديت ختم ٿي وئي. مذهبي تعليم جي نظام مان هاڻي صرف پيش امام ۽ مدرسو نهي پئي سگهيو. رد عمل جي طور تي عالمن ۾ برطانوي ۽ تعليم ۽ انگريزي زبان سان نفرت پيدا ٿي. جيتوڻيڪ شاهه ولي الله جي پٽ شاهه عبدالعزيز، جيڪو پاڻ به هڪ عظيم عالم هو انگريزي سکڻ جي حق ۾ فتوي پڻ جاري ڪئي، پر مسلمان پنهنجي لاءِ برطانوي برطانوي قدرن ۽ طور طريقن خلاف جدوجهد کي ضروري سمجهندا هئا.

ان جي نتيجي ۾ ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي لاءِ صرف مدرسو ئي تعليم جو اهم مرڪز رهجي ويو. علامہ شبلي نعماني (وفات ١٩١٤) ۽ مولانا الطاف حسين حالي (وفات ١٩١٤) ۽ ٻين رهنمائن پاران ان ڳالهہ تي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ ماڻهو برطانوي حڪمرانن ۽ انهن جي نظام تعليم جي مخالفت ڪرڻ بند ڪن. انهن جو چوڻ هو تہ اسلام جهڙي عالمگير ۽ آفاقي مذهب ۾ ايتري لچڪ موجود آهي تہ اهي اسلامي اصولن تي هلندي بدلجندڙ وقت سان مطابقت پيدا ڪن، پر اهڙين ڪوششن سان ڪو گهڻو فائدو نہ پهتو.

ٻئي پاسي برطانوي حڪمرانن کي پنهنجي حڪومت هلائڻ جي لاءِ تعليم ۽ تربيت يافتہ ماڻهن جي ضرورت هئي، مسلمانن کي انگريزي سيکارڻ جي حوصلا افزائي ڪرڻ جي ڪري مسلمان ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙو مذهبي گروهہ ۽ ٻيو سيڪيولر.

پر سياسي اختيارن جي کسجي وڃڻ ۽ خوشحال مسلمانن پاران امداد ۾ گهٽتائي، مذهبي ادارن جي ڪارڪردگيءَ کي متاثر ڪيو. ان سان مدرسن جي ترقي تقريبن رڪجي وئي، گهٽجندڙ مالي وسيلن جي ڪري اهي ادارا پنهنجي پاڻ کي بچائڻ جي فڪر ۾ لڳي ويا ۽ پنهنجون ڪوششون، پنهنجي ڪتابن (قرآن، حديث، فقہ) کي بچائڻ ۽ پنهنجي شاگردن تائين پهچائڻ ۾ ۾ لڳائي ڇڏيون.

## ٻئي تعليمي نظام جو مذهبي ادارن تي اثر

مذهبي تعليمي ادارن جي وڌن سياسي ۽ سماجي انتظامي معاملن کان ڪٽجي وڃڻ جا سينيءَ کان اهم ۽ تڪڙا نتيجا اهي نڪتا تہ گهٽي قدر عالمن پاران مذهبي تعليم کي چند مخصوص ڪتاب

پڙهائڻ تائين محدود ڪري ڇڏيو ويو. اهي ڪتاب ڪنهن مخصوص فرقي جي نڪتئہ نظر مطابق، نظرياتي، قانوني، ۽ ٻين مسئلن بابت هئا. هاڻي حديث ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي صحابہ جي فيصلن جي تعليم حاصل ڪرڻ جو صرف هڪ ئي مقصد هو تہ لاڳاپيل فرقي جي حق ۾ دليل ڏئي سگهجن ۽ انهن جو بچاءُ ڪري سگهجي. قرآن کي صرف برڪت جي لاءِ پڙهيو ويندو هو اهو احساس تہ هي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ هدايت جو سينيءَ کان اهم سرچشمو آهي، جيڪو انساني سوچ ۽ عمل جي هر ميدان ۾ رهنمائي فراهم ڪري ٿو وقت سان گڏ گڏ ڪمزور ٿيندو ويو.

ترجيحن جي ترتيب جي بدلجي وڃڻ، (يعني قرآن کي مخصوص رسمي حيثيت ڏيڻ) جو نتيجو اهو ٿيو تہ اجتهاد پنهنجي حيثيت ۽ وقت جي چئلينجن ۾ رستو ڏيکارڻ جي صلاحيت وڃائي ويٺو.

مذهبي ادارن جي تعليم يافتہ ماڻهن پاران پنهنجي فرقي جو بچاءُ ڪرڻ ۽ ٻين فرقن کي خراب ثابت ڪرڻ کي ئي پنهنجو ڪم سمجهڻ شروع ڪيو.

## اصلاح جون ڪوششون

آزمائش جي ان وقت ۾، ڪن مسلمانن پاران اهڙا ماڻهو تيار ڪرڻ، جيڪي اسلام جا حقيقي محافظ هجن، کان سواءِ نون ادارن جي قيام ۽ بنيادي اسلامي قدرن ۽ تعليم کي پکيڙڻ جو ڪم پنهنجي سر تي کنيو. اهڙين ڪوششن جي نتيجي ۾ دارالعلوم ديوبند، ۽ ان کان پوءِ ڪئي ٻيا ادارا وجود ۾ آيا.

ديوبند مدرسي جو باني روحاني طور تي عظيم عالم ۽ فلسفي شاهہ ولي الله جي پيروي ڪندو هو. شاهہ ولي الله مسلمان مفڪرن ۾

سينيءَ ڪان اهم سمجهيو وڃي ٿو جنهن سمورن مسلمان مڪتبهٔ فڪر، حنفي، حنبلي، مالڪي، ۽ شافعي کي گڏ ڪرڻ جي لاءِ بي لوث ڪوششون ڪيون. هن ۾ قرآن جي تفسير ڪرڻ ۽ اسلامي شريعت جي مختلف حصن جي تشريح ڪرڻ جي صلاحيت ايتري قدر هئي جو هن پنهنجي پاڻ کي "قائم الزمان" قرار ڏئي ڇڏيو. يعني اهڙي هستي، جنهن کي رسول الله ﷺ پاران اهو مشن سونپيو ويو هجي تہ اهو دين جي اصلاح ڪري.

دارالعلوم ديوبند، مولانا محمد ابو القاسم نانوتوي پاران ١٨٥٧ع جي ناڪام جنگ آزاديءَ کان پوءِ قائم ڪيو. ان جنگ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ٿي اهم عالمن ۽ مذهبي رهنمائن کي موت جي سزا ڏني وئي هئي. ان قتل عام جي نتيجي ۾ مولانا نانوتوي پاران مسلمانن کي زيادتي کان بچائڻ ۽ اسلام تي ڪنيل اعتراضن جو سنڌو سنئون جواب ڏيڻ جي لاءِ هڪ مدسو قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. وقت گذرڻ سان گڏو گڏ اهو مدرسو ڪيترن ئي مذهبي معاملن کي سلجهائڻ جو ڪم ڪرڻ ڪرڻ لڳو ۽ مولانا عبدالعزيز مفتيءَ جو درجو ڏنو ويو تہ جيئن اهو مختلف مذهبي، سماجي ۽ سياسي معاملن تيٰ فتوي جاري ڪري سگهي.

دارالعلوم ديوبند جي عالمن پاران جاري ڪيل فتوائون هڪ هزار کان گهٽ ڊار ڊار جلدن ۾ شايع ٿيل آهن- هي مدرسو سموري دنيا جي مسلمانن جي لاءِ رهنمائيءَ جو ذريعو بڻجڻ کان سواءِ هر سال ٢٥ طالبن کي شعبهٔ افتا ۾ داخلہ پڻ ڏيندو هو. مفتي جو درجو حاصل ڪندڙ شاگرد کي ٽن سالن تائين تعليم حاصل ڪرڻي پوندي هئي.

درالعلوم ديوبند پاران ننڍي کنڊ جي تحريڪ آزاديءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ويو. جنهن جو مقصد برطانوي حڪمرانن جو تختو اونڌو ڪرڻ هو. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ بہ پاڪستان مان ڪيترائي مسلمان ديني تعليم جي لاءِ ديوبند ويندا هئا. هتان تعليم حاصل ڪندڙ عالمن پاران پاڪستان ۾ اهڙا ئي مدسا قائم ڪيا ويا.

ان دوران ئي تعليم جي ميدان ۾ اولهہ جي تجربن مان فائدو وٺندي، جديد تعليم جا ادارا پڻ قائم ڪيا ويا. انهن ادارن کي نئين روشنيءَ جو ذريعو سمجهيو ويندو هو. جڏهن تہ مذهبي تعليمي ادارن کي پراڻي رووشنيءَ جو ذريعو سمجهيو ويندو هو. تعليم جون اهي ٻئي ڌارائون تعليم يافتہ مسلمانن ۾ تفرقي جو باعث بڻجي ويون. ٻنهي نظامن جي تعليم يافتہ ماڻهن وچ ۾، علمي ۽ نظرياتي سطح تي هڪ ويڇو هو جيڪو وقت گذرڻ سان گڏوگڏ وسيع تر ٿيندو ويو. اهو ويڇو نو آبادياتي حڪمرانن جي فائدي ۾ ويو ۽ اهي اڄ بہ ان تفرقي مان فائدو وٺي رهيا آهن.

اسلامي عالمن ۽ دانشورن جو هڪ وڏو حصو جيڪو مذهبي تعليمي ادارن سان لاڳاپيل هو ان افسوسناڪ صورتحال تي خوش نہ هو جنهن ۾ مذهبي تعليمي نظام فرقيواراڻي بنيادن تي ورهائجي ويو هو ۽ تعليم کي مذهبي ۽ دنياوي بنيادن تي ورهايو ويو هو. مسلمانن جو ڌيان پنهنجي بهتريءَ ڏانهن ڏيارڻ کان سواءِ انهن شخصيتن پنهنجي پنهنجي علمي ميدانن ۾ ڪجهہ تجربا پڻ ڪيا. جنهن جو مقصد مذهبي نصاب تعليم جي تحت سمورن اصلي مضمونن جي بہ تعليم ڏيڻ هو انهن ۾ سينيءَ کان نمايان ۱۸۹۸ع ۾ لکنئوءَ ۾ ندوته العلماءَ جو قيام هو. جيڪو مولانا فضل الرحمان گنج مراد آبادي (۱۸۹۵-۱۷۹۳) جي مختلف فرقن جي عالمن کي گڏ ڪرڻ

۽ انهن سان گڏ مشاورتي بحث مباحثا ڪرڻ جي ڪوشش جي نتيجي ۾ قائم ٿيو. مولانا شبلي نعماني ان جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو جنهن نصاب ۽ تدريس جي طريقي ۾ انقلابي تبديليون ڪيون، پر ان لاءِ ڪيس برطانوي حڪمرانن سان شديد اختلافن ڪي. منهن ڏيڻو پيو ۽ ٻئي پاسي مسلمانن جي پڻ چند گروهن پاران شديد مخالفت ڪئي وئي. (ايستائين جو هڪ فتوي پڻ جاري ڪئي وئي، جنهن مطابق ان کي ڪافر، غير مسلم ۽ لادين قرار ڏنو ويو) ان ڪري سندس ڪوششون ڪجهه گهڻيون فائيديمند نہ ٿي سگهيون. ڪيتريون ئي اهڙيون ڪوششون اندروني خامين ۽ گڏيل رابطي جي گهٽتائيءَ جي ڪري اثرائتيون ثابت نہ ٿي سگهيون. وقت بوقت مخلصانہ مشورا ۽ آواز اٿندا رهيا پر گهڻو اڳتي نہ وڌي سگهيا ۽ صورتحالِ کي تبديل نہ ڪري سگهيا.

## پاڪستان جي صورتحال

نئين مسلمان مملڪت، پاڪستان جي قيام کان پوءِ بہ صورتحال ۾ ڪا خاص بهتري نہ آئي. حڪومت پاران ڪا بہ مدد نہ ڏني وئي ۽ سرڪاري ملازمتن جا دروازا بہ ديني مدرسن جي تعليم يافتہ ماڻهن تي بند هئا (ڇاڪاڻ تہ ملڪ تي جديد تعليمي ادارن جو غلبو هو) مذهبي اسڪولن جي حالت بهتر بنائڻ جي لاءِ ڪا بہ مخلصانہ ڪوشش نہ ڪئي وئي، صرف ايتري تبديلي ٿي تہ سالانہ اجتماع جي موقعن تي هر ڪو سرڪاري آفيسر ڪندو ۽ ڪنهن قدر چندي جي رقم ڏيڻ جو اعلان ڪندو يا ڪي عالم يا مذهبي شخصيتن کي خراج تحسين پيش ڪندو. عملي طور، جيتوڻيڪ مذهبي ادارن جا مقصد پاڪستان ۾ پڻ اهي ئي هئا، جيڪي ان کان اڳ برطانوي هندستان ۾ هئا. يعني نمازن جي امامت جي لاءِ امام، اسڪولن ۾

پڙهائڻ جي لاءِ استاد ۽ جمعي جي خطبي جي لاءِ خطيب تيار ڪرڻ. نتيجو اهو نڪتو ٿيو تہ وزارت داخلہ جي ۲۰۰۱ع جي انگن اکرن موجب ان وقت ملڪ ۾ ڏهن هزارن کان وڌيڪ مدرسہ قائم آهن. انهن کي هلائڻ جي لاءِ جيڪي قاعدا آهن، اهي پنج وفاق المدارس طئي ڪيا آهن. وفاق المدارس مان چار سني ۽ هڪ شيعہ فرقي سان لاڳاپيل آهن.

ماضيءَ جي ڪن حڪومتن پاران انهن مدرسن کي قومي ڌارا جي تعليمي ادارن جي سان گڏ منسلڪ ڪرڻ جي لاءِ ڪي سطحي قدم کنيا، پر مذهبي عالمن پاران منظوري نہ ملڻ جي ڪري ان سلسلي ۾ ڪا بہ اڳڀرائي نہ ٿي سگهي. هم آهنگيءَ جي ان گهٽتائيءَ جو ڪارڻ اهو هو تہ اول تہ اهي قدم بنا رابطي جي کنيا ويا هئا ۽ پوري مسئلي جو حل ڪڍڻ جي ڪوشش نہ پئي لڳا. ٻيو تہ مذهبي مدرسن، هميشہ پنهنجي آزادي ۽ مالي خودمختياريءَ کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٿيون تہ مذهبي حلقن ۽ گهٽو ڪري حڪومتن جي وچ ۾ گڏيل اعتماد جي کوٽ رهي آهي. مذهبي حلقا حڪومتي قدمن جي باري ۾ شڪ شبهن جو شڪار رهيا تہ اهي انهن جي آزادي ۽ سرگرمين تي پابنديون لڳائڻ، ويندي انهن کي منڍ کان ختم ڪرڻ جي لاءِ آهن.

افغانستان ۾ سوويت قبضي جي خلاف جهاد جي زماني ۾، ۱۹۸۰ع جي ڏهاڪي جي آغاز کان ئي انهن مدرسن مان ئي گهڻن افغان مجاهدن جي تربيت جا مرڪز بڻجي ويا ۽ ان سلسلي ۾ سرڪاري ادارن کان گهڻي مدد پڻ ملي. گذريل ويهن سالن ۾، خاص طور تي ضياءالحق جي دور ۾ (۱۹۷۷-۱۹۸۸) مذهبي ادارن جي تعليم يافتہ ماڻهن جي لاءِ سرڪاري ملازمت جا دروازا پڻ کولي ڇڏيا ويا. انهن جي ڊگرين کي اسلامڪ اسٽڊيز ۽ عربيءَ ۾ ايم اي جي برابر

قرار ڏنو ويو. ان مان شاگردن جي لاءِ نوان موقعا پيدا ٿيا، پر چاڪاڻ تہ انهن مدرسن ۾ تعليم فرقہ وارانہ بنيادن تي ورهايل هئي، ان لاءِ سرڪاري ملازمتن جي حاصلات جي ڊوڙ هڪ ٻئي قسم جي فرقيوارانہ دشمني پيدا ڪري ڇڏي. هر فرقو پنهنجي ميمبرن کي گهٽيون ڊگريون ڏيڻ لڳو. ديني مدرسن جي آرڊيننس ٢٠٠٢ ذريعي هزارين مدرسن کي قومي ڌارا ۾ وٺڻ جون ڪوششون بہ اجا تائين رولڙي جو شڪار آهن، چاڪاڻ تہ انهن جي شديد مخالفت ڪئي وئي آهي، جڏهن تہ آڪٽوبر ٢٠٠٢ جي عام چونڊن ۾ متحده مجلس عمل کي ٽين وڏي سياسي 'طاقت طور ابرڻ جو هڪ موقعو مليو تہ ڳالہ ٻولهہ ۽ مخلصانہ رابطن ذريعي تجويز ڪيل مقصدن ڏانهن اڳيرائي ڪئي وڃي.

جيڪڏهن ماضيءَ جون حڪومتون صاف نيت سان قرآن، حديث ۽ ٻين اسلامي علمن کي تعليمي نظام ۾ شامل ڪرڻ ۽ بهتر متبادل مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ها تہ اڄ غريبن جي ديني مدرسن ڏانهن رخ ڪرڻ جي شرح گهٽي گهٽ هجي ها. ڪيترن ئي ماڻهن ان ڪري بہ ديني مدرسن ڏانهن رخ ڪيو چاڪاڻ تہ عام خيال اهو پايو وڃي ٿو تہ ٻين تعليمي ادارن جي تعليم ڏينهون ڏينهن سيڪولر ٿيندي وڃي. پر سڀ کان اهم ڪارڻ اهو آهي تہ آبادي جي هڪ وڏي حصي تائين تعليم جون سهولتون پهچي نہ سگهيون آهن، جڏهن تہ ديني مدرسا غريب ترين ۽ انتهائي پنتي پيل علائقن ۾ بہ رهائشي اسڪولن وانگر هلي رهيا آهن. اهو ئي سبب آهي تہ انهن مدرسن ۾ شاگردن جي تعداد ۾ واڌاري جي شرح گهٽي آهي. ١٩٤٧ ۾ ديني مدرسن جو ڪل تعداد ٢٤٥ هو جيڪو ٢٠٠٠ ۾ ٦٧٦١ ٿي ويو جڏهن تہ ٢٠٠٢ ۾ اهو تعداد ١٠٠٠٠ تائين وڃي پهتو ۽ شاگردن جو تعداد ڏهن لکن کان مٿي هو.

ان پاليسي جا منفي اثر هاڻي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي سطح تي محسوس ڪيا پيا وڃن، جتي فرقيواريت شاگردن جي ذهنن کي پريشان ڪري رهي آهي. اهڙي ريت دين جا اخلاقي ۽ روحاني اثر گهڻي حد تائين فرقيواريت جي هٿان زائل ٿي ويندا آهن. پاڪستان ۽ ملائيشيا ۾ اسلامي يونيورسٽين جو قيام ۽ خانگي شعبي ۾ پڻ اهڙين ئي ڪوششن سان هڪ اهم پيش رفت آڌو آئي آهي. روايت ۽ جدت، ديني ۽ دنياوي علمن جي مليل جليل تعليم جي ڪري هتي جا شاگرد روايتي ۽ جديد ٻنهي علمن ۾ خاص تسلي بخش سمجهه رکن ٿا. اهڙي ريت اهي نه صرف سماج ۾ ديني ضرورتن کي پورو ڪري سگهن ٿا، پر انتظامي ۽ مالياتي شعبن ۾ پڻ پنهنجون ضرورتون پوريون ڪري سگهن ٿا. ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته ان تجربي کي وڌيڪ پکيڙيو وڃي ها، پر ان سلسلي ۾ اڄ تائين ڪا به سنجيده ڪوشش نه ڪئي وئي ۽ نه ئي ان جا امڪان آهن.

اميد ڪئي وڃي ٿي ته حڪومت مذهبي جماعتن ۽ ادارن سان رابطو جاري رکندي ته جيئن موجوده بحران مان نڪري سگهجي. گڏيل اعتماد جي فضا قائم ڪئي وڃي ته جيئن مذهبي تعليمي ادارن کي جديد علمن جي تعليم ڏانهن مائل ڪري سگهجي، نه انهن کي پٺ سان لڳائجي.

حوالا: هن مضمون جي تاريخي مواد جي لاءِ ليکڪ پاران انسٽيٽيوٽ آف پاليسي اسٽڊيز ۽ انٽرنيشنل انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ ٿاٽ جي شايع ڪيل "ديني مدرسن ۾ تعليم" (سال ٢٠٠٢ صفحا ٤٧٢) تان فائدو ورتو ويو آهي.

# اولهہ ۾ اسلام ۾ عورتن جا حق

## ڊاڪٽر ماه نذير رياض

اسلام هڪ الهامي مذهب آهي. هي زندگيءَ انهن جي قاعدن جو مجموعو آهي، جيڪي ڪائنات جي خالق خدا، انسان جي رهنمائيءَ جي لاءِ نازل ڪيا آهن. اهو ئي خدا تعاليٰ جي سمورن پيغمبرن جو مذهب آهي. قرآن ڪريم ۾ چيو ويو آهي:
"الله تعاليٰ، اوهان جي لاءِ اهو دين چونڊيو آهي، جيڪو هن نوح جي لاءِ چونڊيو ۽ جيڪو اسان اوهان تي نازل ڪيو ۽ جيڪو اسان حضرت ابراهيم، عيسيٰ ۽ موسيٰ کي ڏنو"۔ (٤٢-١٣)

قرآن واڪ جي هڪ ٻي آيت ۾ چيو ويو آهي:
"دراصل هن اوهان جي لاءِ اهو ڪتاب نازل ڪيو جيڪو اوهان کان اڳ ايندڙن جي تصديق ڪري ٿو" (٢:٣)

قرآن ڪريم جي ڪيترين ئي آيتن ۾ چيو ويو آهي تہ الله تعاليٰ جي سمورن پيغمبرن پاران هڪ ئي مذهب جي پرچار ڪئي وئي، هڪ ئي پيغام پهچايو ويو ۽ انهن جو هڪ ئي نصب العين هو اسلام۔ انهن ۾ آخري پيغمبر محمد ﷺ، جنهن اسلام کي ان جي حتمي شڪل ۾ پيش ڪيو ان کي سمورن ايندڙن زمانن جي لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو.

اسلام عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ "اطاعت، تسليم ۽ فرمانبرداري" آهي. اسلام جي هڪ ٻي معنيٰ "امن ۽ سلامتي" آهي. ان مان پتو پوي ٿو تہ الله جي اطاعت جسم ۽ دماغ کي سڪون ڏئي ٿي ۽ معاشري ۾ حقيقي امن قائم ڪري ٿي. اينميري شمل جو چوڻ

آهي تہ (١٩٩١) ”ڪيتريون ئي غلط فهميون، جيڪي هن وقت موجود آهن، اهي ان ڪري آهن، جو اسان هر شيءِ کي ويهين صديءَ جي مغربي معاشري جي تصورن جي حوالي سان ڏسڻ جا عادي آهيون.“ هوءَ وڌيڪ چوي ٿي تہ ”اصل ڏکيائي اها آهي تہ اسان تقريبن ”خدا کي نہ مڃيندڙ“ هن سماج جي قدرن کي مڪمل طور تي مڃي نٿا سگهون. خدا تي ڪامل ايمان اهو رويو آهي، جيڪو اولهہ جي جديد سماج ۾ ناپيد آهي، بلڪ سمجهڻ کان قاصرا آهي. باوجود ان جي تہ اهو تصور عيسائيت جي ابتدائي تصورن سان ويجهڙائي رکي ٿو. هي خدا تي ڪامل ايمان جو اهو رويو آهي، جيڪو خالق آهي، قائم رکڻ وارو آهي، ۽ منصف آهي، جيڪو رحمان ۽ رحيم آهي.“

اسلام هڪ آفاقي مذهب آهي، ۽ پنهنجي مڃيندڙن کي اها تعليم ڏئي ٿو تہ سمورا انسان برابر آهن. انهن ۾ صنفي فرق جي ڪا بہ گنجائش نہ آهي. قرآن پاڪ جي ڪل ١١٤ سورتن ۾ ڪا هڪ بہ مردن جي نالي سان نہ آهي، جڏهن تہ ان جي هڪ سورت (چوٿين سورت) جو نالو ”سورت النساءَ“ (عورت) آهي. ان سورت ۾ عورتن جا حق بيان ڪيا ويا آهن. هن سورت جي پهرين آيت ۾ ئي عورت ۽ مرد جي هڪجهڙي حيثيت ۽ مقام کي واضح ڪيو ويو آهي.

”اي انسانؤ ! پنهنجي رب ڏانهن، پنهنجن فرضن کان با خبر رهو جنهن اوهان کي هڪ هستيءَ مانِ پيدا ڪيو آهي ۽ ان مان ئي ان جو جوڙ پيدا ڪيو ۽ انهن ٻنهيءَ مان مرد ۽ عورتون پکڙيون“ (١: ٤)

اهڙيءَ ريت هڪ ٻي آيت ۾ چيو ويو آهي:

”هي اهو ئي آهي، جنهن اوهان کي ُهڪ روح مان پيدا ڪيو ۽ ان مان ان جو جوڙ بڻايو تہ جيئن اهو ان ۾ آرام ڪري سگهي. (ان مان سڪون ۽ آرام حاصل ڪري سگهي) (١٨٩-٧)

عورتن ۽ مردن جي تخليق جو مقصد جيئن تہ ڪيترن ئي آيتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي، انسانن جي تعداد وڌائڻ، انهن وچ ۾ ڪشش پيدا ڪرڻ، انهن کي هڪ ٻئي جو مددگار بنائڻ، ۽ پيار ۽ رحم جا جذبا پيدا ڪرڻ هو. انهن آيتن مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ، مرد ۽ عورتون هڪ ٻئي جي تڪميل ڪن ٿيون. قرآن ۾ چيو ويو آهي تہ:
”اهي اوهان جون لباس آهن ۽ اوهان انهن جا لباس آهيو“ (١٨٨-٢)

مٿي ڄاڻايل آيتون عورتن ۽ مردن جي برابر تصور کي تقوِيت ڏين ٿيون. انهن ۾ چيو ويو آهي تہ ٻئي صنفون هڪ ٻئي جي تڪميل ڪن ٿيون، ۽ ڪابہ هڪٻئي جي مقابلي ۾ رتبي يا احترام جي لحاظ کان گهٽ يا وڌيڪ نہ آهي، بلڪ هڪٻئي جي عزت ۽ خوبصورتيءَ ۾ واڌارو ڪري ٿي.

مغربي دنيا ۾ اسلام جي پکڙجڻ جي راهہ ۾ ان خيال کان وڏي رڪاوٽ ٻي ڪابہ نہ آهي تہ مسلمان عورت کي پنهنجي شخصي تعمير جي اجازت نہ آهي- ان کي رڌڻي ۾ ئي قيد رکيو ويندو آهي، ۽ ان کي ڏيڄاري، غلام ڪري رکيو ويندو رهيو آهي. (مراد هافمين- ١٩٩٣) ان لاءِ اهو تمام گهڻو ضوروري آهي تہ عورت جي حيثيت جي باري ۾ حقيقي تصوير اسلامي تعليم جي حوالي سان آڏو آندي وڃي. جيتوڻيڪ اهو ممڪن نہ آهي تہ هن مضمون ۾ اسلام ۾ عورتن جي حقن جي باري ۾ تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وڃي، پر ڪن بنيادي مسئلن جو هتي ذڪر ڪيو وڃي ٿو تہ جيئن اهو ڏسي سگهجي تہ اسلام ۾ طبعي جنسي فرق ۽ هڪ مستحڪم خاندان

جي ضرورتن کي نظر ۾ رکي حقن ۽ فرضن جو اهڙو نظام قائم ڪيل آهي، جنهن جو بنياد صنفي برابري تي آهي.

## اسلام ۾ صنفي برابريءَ جو تصور

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ انفرادي سطح تي ڪيترائي فرق ڏسڻ ۾ اچن ٿا، مثال طور رنگ، نسل، جسماني ساخت، شخصيت، زبان، ۽ ثقافت- پر انهن مان ڪا بہ شيءِ بحيثيت مخلوق، انسان جي مقام کي الله جي آڏو وڏائي يا گهٽائي نٿي سگهي. جيئن سورت ٤٩ ۾ واضح چيو ويو آهي:

”اي انسانئو! اسان اوهان ئي هڪ جوڙي، هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو اسان اوهان کي قبيلن ۽ قومن ۾ ورهايو تہ جيئن اوهان هڪٻئي جي سڃاڻپ ڪري سگهو. يقينن الله جي آڏو اوهان مان برتر اهو آهي، جيڪو نيڪ هجي.“ (١٣: ٤٩)

قرآن جي مٿي ڄاڻايل آيت واضح طور تي انسانن جي برابريءَ جو اعلان ڪري ٿي، ۽ جنس، نسل، رنگ قوميت، ذات يا قبيلي جي بنياد تي ڪنهن بہ فرق کي رد ڪري ٿي.

برابريءَ جي ان ئي تصور هيٺ پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجن اصحابن کي هميشہ اها ئي تلقين ڪئي تہ ڇوڪرين سان بلڪل اهڙو ئي ورتاءُ ڪيو وڃي، جهڙو ڇوڪرن سان. اسلام کان اڳ عرب ان ڳالهہ کي پنهنجي بيءِ عزتي سمجهندا هئا تہ انهن جي گهرن ۾ ڇوڪريون پيدا ٿين. ڇوڪرين کي پيدا ٿيندي ئي زمين ۾ دفنائي ڇڏيندا هئا. اسلام نہ صرف ڇوڪرين جي قتل جي مذمت ڪري ٿو پر صنفي فرق، ۽ ڇوڪرن کي ڇوڪرين تي ترجيح ڏيڻ جي رواج جي خاتمي جي

حوصلا افزائي ڪري ٿو. اسلام ۾ ڇوڪرين جي پرورش جو خاص انعام آهي. پاڻ سڳورن جي هڪ حديث آهي ته: "جيڪڏهن ڪنهن شخص وٽ ڪا ڇوڪري پيدا ٿئي ٿي ۽ اهو ان جي شفقت سان پرورش ڪري ٿو ان سان ڪنهن به قسم جي بدسلوڪي نٿو ڪري، ۽ ان سان اهو ئي سلوڪ ڪري ٿو جيڪو ڇوڪرن سان ڪيو ويندو آهي، ته الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جاءِ ڏيندو". (ﭬﻠﺬ إﻟﻠﻐﺎﻝ ﭙﺶ: ٢٧٧)

قرآن پاڪ جي ڪيترين ئي آيتن ۾ اهو چيو ويو آهي ته مردن ۽ عورتن کي روحاني ۽ اخلاقي بهتريءَ جا هڪجهڙا موقعا حاصل آهن، مثال طور هڪ آيت آهي ته:

"مردن کي ان جو اجر ملندو جيڪو انهن حاصل ڪيو ۽ عورتن کي اهو فائدو ملندو جيڪو انهن حاصل ڪيو" (٤:٣٢)

قرآن پاڪ جي حڪمن، ۽ رسول ڪريم ﷺ جي تعليم جي برعڪس، اڪثر مغربي دانشورن جو خيال آهي ته اسلام عورتن سان انصاف نٿو ڪري. اهو پروپيگنڊا ڪيو وڃي ٿو ته اسلامي معاشري ۾ عورتن کي بي عزت ڪيو ويندو آهي: انهن کي گهٽ سمجهيو ويندو آهي ۽ شادي طلاق، ورهاست، سياست جي معاملن ۾ فرق ڪيو ويندو آهي ۽ سينيءَ کان وڌيڪ ته اهو پردو ڪرائي انهن تي جبر ڪيو ويندو آهي. اسلام ۾ عورتن جي حيثيت بابت حقيقي صورتحال بيان ڪرڻ کان پهرين اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته مغربي معاشرن ۾ به صنفن جي اها برابري موجود نه آهي، جنهن جي باري ۾ اسلامي معاشرن جي ڳالهه ڪندي گهري تشويش جو آغاز ڪيو ويندو آهي. سچ ته اهو آهي ته اولهه جي عورت جيڪا هڪجهڙو ڪردار حاصل ڪرڻ جي لاءِ ايتري محنت ڪر رهي آهي، اها اڃا تائين عورت جي زبردستيءَ کي دور ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي

آهي. ( شليگل، ١٩٧٧، روسالڊ ووچوڊورو)

"جيتوڻيڪ ماڻهن جي وچ ۾ گهڻا ئي فرق پايا ويندا آهن، پر اسان ڏسون ٿا تہ گهڻن علائقن جي ڪيترن ئي معاشرن ۾ مختلف وقتن تي مرد ئي سياسي معاشي ۽ سماجي اختيارن تي حاوي رهيا آهن ۽ عورتن کي ڪڏهن ڪڏهن شامل ڪيو ويو آهي."

ڪيترن ئي سماجي عالمن جو چوڻ آهي تہ عورتون گهڻي حد تائين "مختلف" آهن ۽ ان ئي مختلف خاصيتن جي بنا تي عورتن جي حيثيت جو تعين ٿئي ٿو. رٿ جو چوڻ آهي تہ جيتوڻيڪ مغربي معاشري ۾ عورت جي حيثيت جي باري ۾ گهڻائي سوال موجود آهن، پر ڪو بہ واضح طور تي اهو نٿو چاهي تہ اسان جو سوال ڪهڙو آهي؟ مثال طور اسان رتبي جي لحاظ کان برابر نہ آهيون؟ يا اهو تہ اسان صرف مختلف آهيون، يعني الڳ پر برابر آهيون؟ ان کان علاوه جڏهن اسان اهو چئون ٿا تہ عورتون مردن جي تابع ڇو آهن تہ اسان جي تابع ٿيڻ کان ڪهڙي مراد آهي ۽ اسان ڪهڙيءَ ريت واضح ڪريون ٿا تہ تابع ٿيڻ، مظلوميت، استحصال، فرق ۽ بالادستيءَ کان مختلف آهي؟

اسلام جني حوالي سان عورتن جي حيثيت تي نظر وڌي وڃي تہ ان قسم جا ابهام سامهون نہ ايندا، جيڪي مغرب جي نسائيَ تحريڪ جي تصورن ۾ پايا ويندا آهن. قرآن پاڪ ۾ گڏيل لاڳاپن جي اخلاقي پهلوئن کي واضح طور تي بيان ڪيو ويو آهي:

"۽ انهن (عورتن) کي انهن (مردن) جي برابر حق حاصل آهن ۽ مرد انهن کان هڪ درجو مٿي آهن. الله قدرت وارو ۽ دانش وارو آهي (٢:٢٨)

اها آيت عورتن ۽ مردن جي حقن ۽ ذميوارين کي واضح ڪري ٿي، مردن کي عورتن تي جيڪا برتري حاصل آهي، ان جي وضاحت هڪ ٻي آيت ۾ ڪئي وئي آهي:

"مرد عورتن جا انچارج آهن، ڇاڪاڻ تہ الله اوهان مان هڪ کي ٻئي کان بهتر بڻايو آهي ۽ ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجي وسيلن مان اوهان تي خرچ ڪن ٿا، (عورتن جي ڪفالت جي لاءِ) ان لاءِ سٺيون عورتون اهي آهن، جيڪي فرمانبردار آهن ۽ رازن جي حفاظت ڪن ٿيون، جن جي حفاظت الله ڪئي." (٤: ٣٤)

مٿي ڄاڻايل آيتن ۾ واضح طور تي چيو ويو آهي تہ مردن کي عورتن تي برتري حاصل آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي عورتن جا محافظ ۽ ڪفيل آهن. اهي عورتن جي حفاظت جي لاءِ پنهنجي وسيلن مان خرچ ڪن ٿا. مردن جي عورتن تي برتريءَ انهن جي جسماني طاقت، قوت ارادي ۽ عورتن ۽ خاندان جي تحفظ جي لاءِ وڙهڻ جي عزم ۽ زال ۽ خاندان جي فردن جي ڪمائڻ ۽ خرچ ڪرڻ سان متعين هوندا آهن. مرد جي جسماني اعتبار سان طاقتور ٿيڻ سان عورت ۽ خاندان جي ٻين فردن جو محافظ مقرر ڪيو ويو آهي. ان کي زال جي ڪمائي، بچايل رقم ۽ ملڪيت تي ڪا بہ دعوي ۽ حق حاصل نہ آهي. ان کي صرف ذميواري سونپي وئي آهي.

ان آيت جي بهترين تفسير پاڻ سڳورن ﷺ جي ان حديث سان ٿي ويندي آهي:
"اوهان مان هر شخص محافظ ۽ ذميوار آهي. عوام جو امام (حاڪم) پنهنجن ذميوارين جو محافظ آهي:" هڪ مرد پنهنجي خاندان جو محافظ: عورت پنهنجي مڙس جي گهر ۽ ان جي ٻارن جي محافظ آهي ۽ ان جي ذميوري انهن تي آهي، غلام پنهنجي مالڪ جي جائداد جو

محافظ آهي ۽ ان لاءِ جوابده آهي. اوهان مان هر ڪو محافظ آهي ۽ ان جي لاءِ جوابده آهي."

قديم رومي قانون ۾ خاندان جي سربراهہ کي اهو حق بہ حاصل هو تہ جيڪڏهن اهو چاهي تہ خاندان جي ڀاتين کي قتل ڪري ڇڏي. انجيل مطابق جيڪڏهن پٽ پيءُ جي نافرماني ڪري تہ ان جي سزا موت هئي (حسين ١٩٤٧ع). محافظ جو ڪردار ڪنهن بہ مرد کي پنهنجي خاندان تي حڪمرانيءَ جو اختيار نٿو ڏئي، ان کي اهڙو اختيار ان لاءِ ڏنو ويو آهي تہ بدنظمي پيدا نہ ٿئي، ۽ گهر جو نظم ۽ نسق احسن انداز ۾ هلي سگهي، جيڪو خاندان جي لاءِ پڻ فائديمند هجي ۽ معاشري جي لاءِ پڻ! قرآن پاڪ مردن ۽ عورتن کي هڪ ٻئي جي تڪميل جي لاءِ ضروري قرار ڏئي ٿو. جوڙن جي تخليق ۽ مخالف صنفن کي پيدا ڪرڻ جو مقصد جهڙو تہ ڪيترن ئي آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي، انساني نسل جي توسيع، هڪٻئي جي لاءِ ڪشش ۽ انهن کي هڪٻئي جو مدد گار بنائڻ ۽ هڪ ٻئي جي لاءِ همدردي ۽ محبت جو جذبو پيدا ڪرڻ هو. قرآن پاڪ ۾ چيو ويو آهي:

"۽ ان جي نشانين مان آهي تہ، هن اوهان مان هڪ مددگار پيدا ڪيو تہ جيئن اوهان ان مان آرام وٺو (ان جي ڪشش سان آرام ۽ سڪون حاصل ڪريو) ۽ هن اوهان جي وچ ۾ محبت ۽ همدردي پيدا ڪئي تہ ان ۾ يقينن نشانيون آهن، انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي غور ڪن ٿا." (٣٠: ٢١)

مٿي ڄاڻايل آيتن مان پتو پوي ٿو تہ زال ۽ مڙس هڪٻئي جي لاءِ محبت ۽ همدردي ڏيکاريندا آهن. ان سلسلي ۾ گهڻيون ئي روايتون آهن، پر هڪ حديث حضرت ابن عباس کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو:

” اوهان، نڪاح جهڙي شيءِ نہ ڏني هوندي، جيڪا ٻن ماڻهن وچ ۾ گهڻي محبت پيدا ڪندي آهي“ (لُيپولڙجو قڏيش ١٩٥٨)

هڪ خوشحال ازدواجي لاڳاپي جي لاءِ سينيءَ کان اهم عنصر اهو آهي تہ ٻنهي ڌرين کي پنهنجي پسند جي آزادي ڏني وڃي. اسلام اهو حق مرد ۽ عورت، ٻنهي کي ڏئي ٿو. اسلام ۾ ڪا بہ شادي ان وقت تائين قانوني حيثيت اختيار نٿي ڪري سگهي، جيستائين ٻئي ڌريون رضامند نہ هجن. ابو دائود ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ عورت جي لاءَ شاديءَ جي شرطن مان هڪ اهو آهي تہ اها پنهنجي مڙس سان محبت ڪندي هجي، ان ڳالهہ جو پتو ان وقت پئجي سگهي ٿو جڏهن اها پنهنجي رضامندي ڏيندي آهي ۽ ان شخص سان شاديءَ لاءِ تيار ٿيندي آهي. ظاهر آهي تہ محبت هڪ ٻطرفو رويو آهي، جيڪڏهن زال مڙس، ٻنهي ۾ محبت ۽ قربانيءَ جو جذبو موجود آهي تہ اهي ٻئي پُرسڪون ازدواجي زندگي گذاريندا.

خوشحال ازدواجي زندگي نہ صرف مڙس ۽ زال جي خوشي ۽ اخلاقي بهتريءَ جي لاءِ ضروري هوندي آهي، بلڪ ايندڙ نسل جي صحتمند نفسياتي نشونما جي لاءِ پڻ اهم آهي، خوش ۽ خوشحال ازدواجي زندگيءَ جي لاءِ اسلام پاڪ بازي کي زندگيءَ جو سڀ کان اهم قدر قرار ڏئي ٿو جنهن جي هر قيمت تي حفاظت ڪئي وڃي.

جيئن تہ اڄ اسان پنهنجي سماج ۾ ڏسون ٿا تہ زال جي چونڊ ڪندي سڀ کان گهڻي اهميت عمارت، خوبصورتي، سماجي ۽ معاشي حيثيت وغيره کي ڏني ويندي آهي، ان جي برعڪس اسلام مسلمانن کي هدايت ڏئي ٿو تہ اهي نيڪ ۽ متقي شريڪ حيات جي چونڊ ڪن. مردن کي چيو ويو آهي تہ اهي پنهنجين زالن سان مهربانيءَ سان پيش اچن ۽ عورتن کي پنهنجي مڙس جو فرمانبردار ۽

مخلص هئڻ گهرجي ۽ ان جي مفادن ۽ حقن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي.

## عورت جا معاشي حق

شاديءَ کان پوءِ عورت جي معاشي حيثيت کي تحفظ ڏيڻ اسلام پاران قانوني طور تي لازمي قرار ڏنو ويو آهي ته مڙس، زال کي هڪ مناسب رقم "حق مهر" جي طور تي ادا ڪري. ان کان سواءِ اسلام، عورت کي ملڪيت جا پورا حق ڏنا آهن. ڌيءَ کي پٽ جي مقابلي ۾ ملڪيت ۾ اڌ حصو ملندو آهي، جيڪڏهن ان جو ڪو ڀيو ڀيڻ ڀاءُ نه هجي ته ان کي پيءُ جي ڪل جائداد جو اڌ حصو ملندو آهي، ۽ جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ ڌيئرون آهن ۽ پٽ ڪو به نه آهي ته اهي پيءُ جي ملڪيت جي به ڀاڱي ٽي حصي کي پاڻ ۾ ورهائينديون. هڪ بيواهه عورت کي پنهنجي مڙس جي ڇڏيل ڪل ملڪيت مان اٺون حصو ملندو آهي، پر جيڪڏهن ان جا ڪي ٻار نه هجن ته ان کي چهون حصو. جيڪي ماڻهو اهو سوچين ٿا ته پٽ جي مقابلي ۾ ڌيءَ کي اڌ حصو ڏئي اسلام عورت جي حيثيت کي گهٽائي ڇڏيو آهي، انهن کي اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته عورت کي پنهنجي مڙس پاران پڻ حق مهر ۽ جائداد ملندي آهي. ڪنهن عورت تي اها ذميواري نه آهي ته اها پنهنجي مڙس لاءِ ڪمائي، جڏهن ته مڙس تي قانوني طور تي اها ذميواري عائد ٿئي ٿي ته اهو عورت جا خرچ ڪٽي. عورت جي حصي ۾ گهٽتائيءَ جي تلافي، مرد تي معاشي ذميوارين جو بوجهه واڌائي، ڪري ڇڏي وئي آهي ۽ اهڙي ريت ٻنهي جا معاشي حق برابر تي ويا آهن.

## ڪثرت ازواج(گهڻيون زالون)

اهو سچ آهي تہ اسلام هڪ کان وڌيڪ زالن جي اجازت ڏني آهي، پر ان ۾ اهو شرط پڻ رکيو ويو آهي تہ زالن جي وچ ۾ هڪجهڙائي هجي. هي اهڙو شرط آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي مذهب ۾ موجود نہ آهي. قرآن ڪريم ۾ چيو ويو آهي تہ:

”جيڪڏهن اوهان کي اهو خوف هجي تہ اوهان انهن (زالن) جي وچ ۾ انصاف نٿا ڪري سگهو تہ هڪ ئي ڪافي آهي.“ (٤: ٣)

جيئن تہ مٿي ڄاڻايل آيت ۾ چيو ويو آهي تہ ڪثرت ازواج جي اجازت ان شرط تي ڏني وئي آهي تہ انهن وچ ۾ ڪنهن قسم جي نا انصافيءَ جو خدشو نہ هجي، جڏهن تہ اهو حڪم نہ آهي تہ هڪ کان وڌيڪ زالون ضرور هجن. اها صرف هڪ اجازت آهي، جنهن جي باري ۾ سمورا شرط ۽ پابنديون عائد ڪيون ويون آهن. قرآن ۾ هڪ ئي شاديءَ ڏانهن رجحان واضح آهي، جڏهن تہ هڪ کان وڌيڪ زالن جو ذڪر مستثنيات مان آهي. اها ڳالهہ ان ريت سچ ثابت ٿي ويندي آهي تہ مسلمانن ملڪن ۾ هڪ کان وڌيڪ زالون رکندڙ ماڻهن جو تعداد گهٽي گهٽ آهي.

درحقيقت هڪ شاديءَ واري معاشرو نہ ڪڏهن اڳ موجود هو نہ آهي. بدترين قسم جي ڪثيرالازدواجي، طاقتور بادشاهن جي محلاتن ۾ پائي ويندي هئي، جن کي حرم چيو ويندو هو هتي هڪ مرد جيتريون چاهي زالون رکي پئي سگهيو. اسلام هڪ حدِ مقرر ڪئي آهي تہ هڪ مرد هڪ وقت ۾ ڪيتريون زالون رکي سگهي ٿو؟ اسلام ۾ زالن جو گهٽي کان گهٽو تعداد چار آهي، ٻين لفظن ۾ ڪثيرالازدواجيت جو آغاز اسلام کان نہ ٿيو آهي، اسلام صرف ان رواج کي قاعدي جو پابند بڻايو آهي، جيڪو قديم زماني کان مروج

هو. اسلام ۾ گهڻيون شاديون لازمي نہ پر اختياري آهن. ان اختيار جي عدم موجودگيءَ ۾ اهڙا مسئلا ٿي سگهن ٿا، جن جو نتيجو گهڻين شادين کان گهڻو خطرناڪ هجي. اها اجازت غزوه احد کان پوءِ ڏني وئي، جڏهن گهڻيون ئي عورتون ۽ ٻار، جن لاءِ ڪمائڻ وارا ان جنگ ۾ ماريا ويا هئا، انتهائي ڪسمپرسيءَ جي زندگي گذاري رهيا هئا. ان قسم جون حالتون پهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ بہ آڏو آيون. دنيا جي انهن حصن ۾، جتي سختيءَ سان هڪ زال جي پابندي ڪئي وڃي ٿي، عورتن جو گهڻو تعداد، زال جي جسماني ۽ ذهني بيماري، سنڍپڻ وغيره جي ڪري ڪثير الزدواجي جي ضرورت اڪثر محسوس ڪئي وئي. اسلام ڪثيرالزدواجي جي ڪن حالتن ۾ اجازت ڏئي ٿو پر ان کي لازمي قرار نٿو ڏئي ۽ نہ ئي ان جي اجازت بغير ڪنهن شرط جي ڏئي سگهي ٿو.

## طلاق

اسلام، شاديءَ کي هڪ اهڙو معاهدو قرار ڏنو آهي، جيڪو ٻنهيءَ مان بہ ڪنهن هڪ جي ناراض ٿيڻ جي صورت ۾ ختم ڪري سگهجي ٿو. ان جي نتيجي ۾ انهن ڌرين جي وچ ۾ لاڳاپا ختم ٿي وڃن ٿا، جيڪو عمل ناقابل تنسيخ ٿئي ٿو. جڏهن تہ طلاق جي ذريعي عليحدگي اسلامي تعليم مطابق آخري رستو آهي. هي انهن جائز قدمن مان هڪ آهي، جن جي اجازت وڏي ناپسنديدگي سان گڏ ڏني وئي آهي، ٻين لفظن ۾ اها هڪ رعايت آهي، جنهن کي گهڻو گهٽ ۽ انتهائي غيرمعمولي حالتن ۾ استعمال ۾ آڻڻ کپي. پاڻ سڳورن فرمايو:

”الله تعاليٰ، جن شين جي اجازت ڏني آهي، انهن مان ڪيس طلاق کان وڌيڪ نفرت ٻي ڪنهن شيءِ کان نہ آهي“- ۽- ”الله تعاليٰ جي ويجهو جائز شين ۾ سڀنيءَ کان وڌيڪ نفرت لائق شيءِ طلاق آهي“.
ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ طلاق ناپسنديده شيءِ آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي نتيجي ۾ خاندان ٽٽي ويندو آهي، ۽ ٻارن جي لاءِ بيشمار مسئلا پيدا ٿي ويندا آهن ۽ ٻئي پاسي ناخوشگوار شادي بہ هڪ لعنت آهي. اهڙيون حالتون پيدا ٿي سگهن ٿيون، جن ۾ عليحدگي اهڙي شاديءَ کي قائم رکڻ جي نسبت هڪ چڱو رستو بڻجي، ان لاءِ اسلام همدردانہ نڪتئہ نظر اختيار ڪري ٿو ۽ طلاق جي اجازت ڏئي ٿو پر صرف آخري رستي جي طور تي.

قرآن ڪريم ۾ جيڪي اصول ٻڌايا ويا آهن، انهن مطابق طلاق بہ پيرا ڪليل لفظن ۾ ڏيڻ گهرجي ۽ ان کان پوءِ مقرر مدت، جنهن کي عدت چيو ويندو آهي، جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ عورت کي يا تہ عزت سان واپس رکڻ گهرجي، يا رحمدليءَ سان آزاد ڪري ڇڏجي. جيڪڏهن ڪنهن عورت لکي طِلاق ڏئي ڇڏي آهي، (ٽئين پيري)، تہ اها ان وقت تائين ان لاءِ حلال نہ آهي، جيستائين اها شادي نہ ڪري چڪي هجي.

”انهن کي پنهنجي گهرن مان نہ ڪڍو ۽ وڃڻ نہ ڏيو سواءِ ان جي تہ انهن ڪليل بداخلاقي نہ ڪئي هجي.“

مٿي ڄاڻايل حوالن ۽ آيت ۾ واضح طور سمجهايو ويو آهي تہ پهرين ٻن طلاقن جي عرصي ۾ زال ۽ مڙس کي گڏ رهڻ گهرجي، تہ جيڪڏهن مڙس ٻاران جلدبازيءَ ۾ قدم کنيو ويو آهي تہ اهو پنهنجا لفظ واپس وٺي سگهي ۽ معمول جي ازدواجي زندگيءَ کي بحال ڪري سگهي، پر جيڪڏهن مڙس ٽين طلاق بہ ڏئي ٿو تہ اها آخري هوندي،

جيڪڏهن مڙس پڇتائي ٿو ۽ ان سان ٻيهر شادي ڪرڻ چاهيندو هجي تہ اهو ائين نٿو ڪري سگهي، جيستائين اها عورت ڪنهن ٻئي شخص سان شادي نہ ڪري ۽ ان کي ان مرد پاران بہ طلاق ملي. اهو شرط مردن جي لاءِ هڪ ڌمڪي جي حيثيت رکي ٿو جيڪي نتيجن جو احساس رکڻ کان سواءِ فيصلو ڪري ڇڏين ٿا.

اسلام مردن وانگر عورتن کي پڻ شاديءَ جو ٻنڌڻ ٽوڙڻ جو اختيار ڏئي ٿو. جيڪڏهن اهي ڪنهن بہ سبب جي ڪري پنهنجي مڙس کان الڳ ٿيڻ چاهينديون هجن. اهڙي طلاق جيڪا عورت پاران ڏني ويندي آهي ان کي "خلع" چيو ويندو آهي. جيڪڏهن عورت خلع جو مطالبو ڪري تہ مڙس جو فرض آهي تہ اهو کيس آزاد ڪري ڇڏي، وڌ کان وڌ اهو تہ هو ڪنهن معاوضي جي گهر ڪري سگهي ٿو جيڪو مهر جي ان رقم کان گهٽو نہ هجڻ کپي، جيڪو ان شاديءَ جي وقت ادا ڪيو هجي.

## سماجي حق

اسلام، عورتن کي پنهنجي مڙس جي چونڊ جي سلسلي ۾ مڪمل آزادي ڏئي ڇڏي آهي. ڪنهن بہ عورت کي سندس مرضيءَ کان سواءِ ڪنهن شخص سان شادي ڪرڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي. حضرت ابو هريره کان روايت آهي تہ رسول پاڪ ﷺ فرمايو تہ: "ٻيهرين شادي شده عورت (طلاق يافتہ يا بيوه) جي شادي ان وقت تائين نٿي ڪري سگهجي، جيستائين اها پنهنجي رضامندي ظاهر نہ ڪري، نہ وري ڪنهن ڪنواري جي شادي ان وقت وقت تائين ڪئي وڃي، جيستائين اها ان تي رضامند نہ هجي."

عورت کي پنهنجي مڙس کان عليحدگي حاصل ڪرڻ جو قانوني حق آهي، جيڪڏهن ان جو مڙس ظالم آهي، يا اها ان کي پسند نہ ڪندي هجي.

اسلام، مڙس کي هدايت ڏئي ٿو تہ اهو ان حڪم هيٺ زال جي ڏنل اختيار کي مهرباني ۽ رحمدليءَ سان گڏ استعمال ڪري. قرآن پاڪ ۾ چيو ويو آهي تہ:
"پنهنجين زالن سان مهربانيءَ سان پيش اچو." (٤: ١٩)، ۽ "پنهنجي پاڙ جي لاڳاپن ۾ فراخداليءَ کي هٿ مان نہ وڃڻ ڏيو." (٢: ٢٣٧)

اسلام نہ صرف اخلاقي سبق ڏئي ٿو پر عورت کي قانون سان رجوع ڪرڻ جو حق پڻ ڏئي ٿو. جيڪڏهن مڙس پنهنجي اختيار جو اجايو استعمال ڪري ٿو.

بيوه ۽ طلاق يافتہ ۽ اهڙيون سموريون عورتون، جن جون شاديون ختم ٿي ويون آهن، يا جن کي قانوني طور تي پنهنجي مڙس کان ڌار ڪيو ويو آهي، انهن کي ٻيهر شادي ڪرڻ جي ڪليل اجازت ڏني وئي آهي. انهن جا اڳوڻا مڙس يا ڪو بہ مائٽ انهن کي پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ شخص سان شادي ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهي.

"۽ جڏهن اوهان عورت کي طلاق ڏئي ڇڏيو، ۽ ان عدت جو وقت پڻ پورو ڪري ڇڏيو تہ ان کي ڪنهن مرد سان شادي ڪرڻ کان نہ روڪيو جيڪڏهن اهي جائز طريقي سان هڪٻئي سان راضي آهن."

مٿي ڄاڻايل آيت مان پتو پوي ٿو تہ بيوه يا لاڳاپيل عورت کي اهو حق ڏنو ويو آهي تہ اها پنهنجي مرضيءَ جي ڪنهن بہ شخص سان شادي ڪري.

آخر ۾ اهو تہ، جيستائين قانونن جو واسطو آهي، عورت ۽ مرد جي وچ ۾ مڪمل برابري قائم ڪئي وئي آهي. اسلام پاران عورت کي سماج ۾ بلند مقام ڏنو ويو آهي. عورتن جي حقن، تعليم، ۽ عورتن جي آزاديءَ جا نعرا جيڪي اڄڪلهہ اڪثر ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، درحقيقت انهن انقلابي قدمن جي بازگشت آهن، جيڪي رسول پاڪ ﷺ کنيا، ۽ جن ايندڙ سمورن زمانن جي لاءِ ماڻهن جي سوچ جو رخ موڙي ڇڏيو.

اسلام پاران متعارف ڪيل اخلاقي ۽ قانوني اصلاحن جي نتيجي ۾ عورتن کي اسلامي سماج ۾ اهڙو بلند مرتبو مليو ويو آهي، جيڪو انهن کي تاريخ ۾ ڪڏهن نہ مليو هو. مسلمان عورت کي اهو حق حاصل آهي تہ اها ديني ۽ دنياوي پنهي ميدانن ۾ اهڙو ئي اعليٰ عزت جو مقام ۽ مادي، عقلي ۽ روحاني ترقي حاصل ڪري، جيڪا مسلمان مرد حاصل ڪري سگهن ٿا. (مودودي 1987)

# اسلام ۽ حڪمراني

**محمد اقبال**

[محمد اقبال، قرطبہ يونيورسٽيءَ پشاور جو وائيس چانسلر آهي]

اسلام، انسانن ۾ اهو جذبو پيدا ڪندو آهي، تہ اهي ايمان رکندڙن جو سياسي اعتبار سان منظم سماج قائم ڪن، ۽ اهڙو سماج، مشاورت، انصاف، فلاح ۽ بهبود، آزادي ۽ سمورن ماڻهن جي احترام تي مبني حڪمرانيءَ جو نظام قائم ڪري. اهڙيءَ ئي هڪ رياست اسلام جي پيغمبر ﷺ پاران ٦٢٢ع ۾ مديني ۾ قائم ڪئي وئي، جيڪا اڳتي هلي، تقليد جي لاءِ هڪ عمده نمونو ثابت ٿي. مسلمانن جي الهامي ڪتاب، قرآن پاڪ ۾ پڻ چيو ويو آهي تہ ابراهيم، موسيٰ، عيسيٰ عليهم، اسلام جي مڃيندڙن کي ان مذهب جو نظام نافذ ڪرڻ ڪيپي، جنهن جو سلسلو نوح عليہ سلام کان وٺي، محمد ﷺ تائين هليو:

” اسان اوهان کي اهو دين عطا ڪيو آهي، جيڪو نوح کي ڏنو ويو هو ۽ جيڪو اسان (حضرت محمد ﷺ) لاتو آهي، ۽ جيڪو اسان موسيٰ ۽ عيسيٰ کي اهو چئي عطا ڪيو هو تہ مذهب کي لاڳو ڪريو ۽ پاڻ ۾ ورهائجي نہ وڃو“ (٤٢: ١٣)

ان لاءِ اسلام دنيا جي سمورن سماجي گروهن جي لاءِ آهي، جيڪو دنيا ۾ هم آهنگي تي مبني معاشري جي قيام کي يقيني بڻائيندو آهي، جيڪو استحصال ۽ هڪ سماجي گروهہ پاران ٻئي تي ظلم ۽ جبر کان پاڪ هجي.

## قرآن ۾ اقتدار اعليٰ

اسلام جو اصول اهو آهي تہ اقتدار اعليٰ صرف الله تعاليٰ وٽ آهي، اهو صرف مسلمانن جي لاءِ مقتدر اعليٰ نہ آهي، پر دنيا جي سمورن مردن ۽ عورتن جي لاءِ آهي. قرآن پاڪ جي سورت نمبر ١١٤ ۾ چيو ويو آهي تہ الله، بني نوع انسان جو مالڪ آهي، الله آهي ۽ بادشاهہ آهي. ان کان سواءِ اهو تہ انسانن جي لاءِ سمورن قانونن جو سرچشمو الله تعاليٰ آهي، ۽ جيڪي انهن قانونن تي عمل ڪن ٿا، اهي مسلمان آهن. هڪ مسلمان جي لاءِ محض اهو چوڻ ڪافي نہ آهي تہ اهو الله جي وحدانيت ۽ محمد ﷺ جي آخري نبي تيڻ تي يقين رکي ٿو الله ۽ ان جي رسول تي ايمان جو لازمي جز الله جي انهن حڪمن تي عمل آهي، جيڪي قرآن ۾ ٻڌايا ويا آهن. مسلمان سمورن نبين ۽ انهن تي لازم ڪيل ڪتابن جي هڪجهڙي مقام تي پڻ يقين رکي ٿو. ڪنهن هڪ پيغمبر ۽ ٻين پيغمبرن وچ ۾ فرق نہ ڪيو ويندو آهي. سورت ٢ : ٢٨٥ ۾ چيو ويو آهي:

”هر شخص الله تعاليٰ تي ايمان رکي ٿو ۽ ان جي فرشتن تي ۽ انهن جي ڪتابن تي، ۽ انهن جي پيغمبرن تي. اسان ان جي پيغمبرن مان ڪنهن سان بہ ڪو بہ امتياز ڪري نٿا سگهون.“

اهڙيءَ ريت اسلام عيسائين، يهودين جي پيغمبرن ۽ انهن جي ڪتابن جو پورو احترام ڪري ٿو ۽ موسيٰ، عيسيٰ عليہ سلام ۽ ٻين نبين جي ڪتابن تي يقين رکي ٿو.

## قرآن جو جمهوريت جو تصور

قرآن هڪ جمهوري سماج جو تصور پيش ڪري ٿو:

" اي ايمان وارؤ! الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪريو ۽ ان جي نبيءَ جي اطاعت ڪريو انهن جي اطاعت ڪريو جيڪي اوهان مان بااختيار آهن (٤: ٥٩)"

هتي انهن ماڻهن مان، جيڪي بااختيار آهي، مراد اهي ماڻهو آهن، جن کي عوام چونڊيو آهي. ان ڪان سواءِ ڪا تشريح منطقي ۽ عقل تي مبني نہ هوندي. قرآن جي آيت (٢: ٣٠) جيڪا انسان کي بطور خليفو ( نمائندي يا وارث جي لاءِ عربي اصطلاح) تخليق ڪرڻ جي باري ۾ آهي، اها بہ ان خيال کي تقويت ڏئي ٿي تہ صرف ماڻهن جي چونڊيل نمائندن کي اهو حق حاصل آهي تہ اهي حڪومت ڪن.

## رسول پاڪ ﷺ ۽ اصحابن سان مشاورت

پنهنجي زندگيءَ ۾ رسول پاڪ ﷺ هميشہ اهم معاملن تي پنهنجي اصحابن سان مشاورت ڪئي ۽ انهن جي صلاح تي عمل ڪيو. انهن جي وفات کان وءِ حضرت ابوبڪر صديق اسلام بابت پنهنجي علم ۽ پنهنجي نيڪ ڪردار جي ڪري رسول ﷺ جي اصحابن جي منظوريءَ سان اسلام جو پهريون خليفو بڻيو. اهڙيءَ ريت حضرت ابو بڪر ڇهن مهينن تائين انتظار ڪيو تہ يمن جي ماڻهن جي منظوري ملي وڃي ۽ اها ڳالهہ يقيني ٿي وڃي تہ هو سمورن مسلمانن جي لاءِ قابل قبول آهي. خلافت سنڀالڻ کان پوءِ هن هڪ خطبو پڙ ڏنو جنهن جا اقتباس هيٺين ريت آهن:

"منهنجي اطاعت ڪريو جيستائين آئون الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي اطاعت ڪريان ٿو. جيڪڏهن آئون الله تعاليٰ جي نافرماني ڪريان تہ اوهان ماڻهن تي اهو فرض نہ آهي تہ منهنجي اطاعت ڪريو."

جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضہ شديد بيمار ٿي پيو تہ هن هڪ عام اجتماع کي خطاب ڪيو جنهن ۾ حضرت عمر رضہ کي حضرت ابوبڪر رضہ جو جانشين بنائڻ جي منظوري ڏني وئي.

## مشاورت ذريعي فيصلا سازي

قرآن مسلمانن کي هدايت ڏئي ٿو تہ اهي سمورن رياستي معاملن ۾ گڏيل صلاح مشورو ڪن. قرآن ۾ آيو آهي تہ :
”۽ اهي جيڪي پنهنجي مالڪ جي حڪم تي عبادت ڪن ٿا. ۽ جن جا معاملا مشاورت سان طئي ٿين ٿا: ( ٤٢: ٣٨)“

اها آيت واضح طور تي اهو حڪم ڏئي ٿي تہ مسلمانن کي پنهنجا سمورا معاملا گڏيل صلاح سان طئي ڪرڻ گهرجن. جيڪو حقيقي جمهوري طرز عمل آهي. خطيب بغدادي، چوٿين خليفي حضرت علي رضہ جو هيٺيون قول نقل ڪيو آهي:

”مون رسول ﷺ کان پڇيو: جيڪڏهن اوهان جي وفات کان پوءِ ڪو اهڙو مسئلو اچي پوي، جنهن جو قرآن ۾ ڪو بہ ذڪر نہ آهي، ۽ نہ ئي اسان ان جي باري ۾ اوهان کان ٻڌو هجي تہ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي. رسول ﷺ جواب ڏنو: منهنجي مڃيندڙن مان اهڙن نيڪ ۽ سٺن ماڻهن کي گڏ ڪريو ۽ انهن جي آڏو اهو مسئلو رکو. صرف هڪ شخص جي راءِ جي مطابق مسئلا طئي نہ ڪريو.“ رسول ﷺ شورا جي اهميت کي پڻ واضح ڪيو.
”جيڪڏهن ڪو پنهنجي ڀاءُ کي ڪو مشورو ڏئي، جيڪو سچ جي ابتڙ هجي تہ اهو پنهنجي ڀاءُ کي دوکو ڏئي رهيو آهي.“

قرآن جي مٿي ڄاڻايل حڪمن ۽ رسول ﷺ جي حديثن مان اهو طئي ڪري سگهجي ٿو ته:

- سمورا اجتماعي معاملا شوريٰ ۽ مشاورت جي ذريعي طئي ڪيا وڃن.
- مشاورت ۽ هدايت ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ فيصلي کي لاڳاپيل ماڻهن جي شرڪت سان طئي ڪرڻ گهرجي (يا ملڪي معاملن جي صورت ۾ چونڊيل نمائندن جي ذريعي)، ۽
- مشورو صاف ۽ مخلصاڻو ٿيڻ گهرجي ۽ هر قسم جي زور يا ذاتي مفاد يا جبر ۽ بغاوت کان پاڪ ٿيڻ گهرجي.

ان لاءِ اسلام جو جمهوري خاڪو ٻين سمورن جمهوري خاڪن کان بهتر آهي. اولهه جي جمهوريت ٻين جي استحصال جي کليل موڪل ڏئي ٿي پر اسلام ملڪيت کي ماڻهن يتيمن، بي سهارن ۽ غلام ماڻهن سان ونڊڻ ورهائڻ جو حڪم ڏئي ٿو. (سورت ٢ ؛ ١٧٧ )

## ظلم ۽ انسانيت خلاف بغاوت تي قرآن جا حڪم.

قرآن ظلم ۽ انسانيت جي خلاف بغاوت کي (مذهب ۽ عقيدي جي امتياز جي بغير) نا پسند ڪري ٿو ۽ غلط ڪم ڪرڻ وارن کي خبردار ڪري ٿو ته:

”اهو صرف انهن جي خلاف آهي، جيڪي انسانيت تي ظلم ڪن ٿا ۽ زمين تي ناحق بغاوت ڪن ٿا. اهڙن ماڻهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي.“(٤٢ ؛ ٤٢)

واضع طور تي اسلام ۾ ڪنهن شخص کي يا ماڻهن جي ڪنهن ٽولي کي ڪنهن بہ بهاني سان انسانن تي ظلم ڪرڻ يا انسانن جي خلاف فساد ڪرڻ جي اجازت نہ آهي ۽ جيڪي ماڻهو ان حڪم الاهي جي خلاف ورزي ڪن ٿا اهي هميشہ عذاب ۾ رهن ٿا.
قرآن ۾ ٺي ڪنهن بيگناهہ شخص جي قتل جي باري ۾ چيو ويو آهي تہ:
”انهي ڪري اسان بني اسرائيل کي حڪم ڏنو تہ جيڪڏهن ڪو هڪڙي انسان کي ماري ٿو سواءِ ان جي تہ ان قتل ڪيو هجي يا زمين تي بدعنواني ڪئي هجي، پوءِ ان پوري بني نوع انسان کي ماري ڇڏيو.“ (٥ : ٣٢)

## ظلم ۽ نا انصافي بابت قرآن جا حڪم

قرآن مهرباني ۽ رحم جي رستي کان هٽڻ وارن ۽ بي انصافي ۽ ظلم جا طريقا اختيار ڪرڻ وارن کي چوي ٿو تہ:
”اسان اوهان کان پهريان نسل تباهہ ڪيا، جڏهن انهن ظلم جا رستا اختيار ڪيا، ۽ انهن جي لاءِ الله جي پيغمبرن (ان جي قدرت جا) واضع پيغام ڏنا پر انهن يقين نہ ڪيو. ان لاءِ اسان ڏوهي قومن کي سزا ڏيون ٿا. پوءِ اسان ان کان پوءِ اوهان کي زمين تي خليفو بڻايو تہ جيئن اسان ڏسي سگهون تہ اوهان ڇا ڪيو.“(١٠ : ١٤)
ان کان وڌيڪ واضح حڪم ۽ اعلان نٿو ٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ مقتدر ماڻهن جي لاءِ حڪمرانيءَ جو پورو ضابطو بيان ڪري ڇڏيو ويو آهي. الله تعاليٰ پهرين قومن جي تباهيءَ جو سبب واضح طور تي بيان ڪري ڇڏيو يعني انهن کي تاريخ جي ڪچري ۾ اڇليو ويو آهي، ۽ نيٺ جهنم ۾ وڌو ويندو ڇوتہ انسانيت سان انهن جو رويو غير مهرباڻو ۽ بہ رحماڻو هو باوجود ان جي الله پنهنجي پيغمبر کي سمورن انسانن جي لاءِ خاص طور تي ايمان رکڻ وارن جي لاءِ واضح

پيغام سان گڏ موڪليو هو تہ اهي زمين تي بغير ڪنهن امتياز جي انصاف ڪن ۽ نيڪ دليءَ، محبت ۽ رحمدليءَ سان پيش اچن. هن آيت ۾ الله ظالمن کي ڏوهي چيو آهي ۽ انهن جي ظلم کي تباهي جو سبب قرار ڏنو آهي. الله ڪيترن نسلن سان گڏ اهڙي سلوڪ جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪڏهن اهي ظالم ٿي وڃن.

## اسلام ۾ عورتن جا حق

قرآن شريف جو هيٺ ڏنل آيت قابل توجہ آهي:
"اي نبي نوع انسان ! اسان اوهان کي مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيو ۽ اوهان کي قومن ۽ قبيلن ۾ ورهايو تہ جيئن اوهان هڪٻئي کي سڃاڻي سگهو. (١٣ : ٤٢ )

مردن کي پنهنجي والدين ۽ مائٽن جي ورثي مان حصو ملندو ۽ عورتن کي پنهنجي والدين ۽ مائٽن جي جائيداد مان حصو ملندو پوءِ اهو گهٽ هجي يا وڌيڪ.

"اي ايمان وارؤ ! اوهان کي عورتن جي مرضيءَ کان سواءِ انهن کي وراثت ۾ وٺڻ منع ڪيو ويو آهي ۽ نہ ئي اوهان کي انهن سان سختي سان پيش اچڻ گهرجي، اوهان انهن کان حق مهر مان ڪجهہ حصو وٺي سگهو ٿا. جيڪو اوهان انهن کي ڏنو هو سواءِ ان جي تہ هو ڪلي بداعمالي جون مرتڪب ٿيون هجن. ان جي برعڪس انهن سان نرم دلي ۽ برابريءَ جي بنياد تي پيش اچو. جيڪڏهن اوهان کي اهي ناپسند آهن تہ ممڪن آهي تہ ڪا شيءِ اوهان کي ناپسند هجي، ۽ الله ان سان وڏي مهرباني ڪرڻ وارو آهي. پر جيڪڏهن اوهان اهو فيصلو ڪريو ٿا تہ هڪڙي زال جي جاءِ تي ٻيءَ زال آڻيو پوءِ پل تہ

اوهان پهرين زال کي گهڻو حق مهر بہ ڏنو هجي، ان مان ڪجهہ واپس نہ وٺو. ڇا اوهان الزام تراشي ۽ ڪليل ڪوڙ سان واپس وٺندو؟"

جيڪڏهن ڪنهن عورت کي ڊپ هجي تہ سندس مڙس ساڻس بدسلوڪي ڪندو ۽ ان کي ڇڏي ڏيندو ان جي لاءِ ڪو گناهہ ڪونهي تہ هو پاڻ ۾ راضي نامو ڪري وٺن. ڇاڪاڻ تہ راضي نامو بهترين شيءِ آهي. مرد کي لالچ تي سگهي ٿي، پر جيڪڏهن اوهان صحيح ڪم ڪيو ۽ پنهنجي پاڻ کي برائيءَ کان بچايو پوءِ ياد رکجؤ تہ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ اوهان ڪريو ٿا. (4:128)

اهڙيءَ طرح قرآن شريف واضح طور تي حڪم ڏنو آهي تہ عورتن کي عليحدگي، طلاق، وراثت (دولت ۽ جائيداد جي) ۽ حق مهر جي تحفظ ۾ مردن جي برابر حق حاصل آهن. قرآن ۾ چيو ويو آهي تہ:
"۽ مومن عورتن کي چئي ڇڏيو تہ اهي پنهنجون نظرون هيٺ رکن ۽ پنهنجي عصمت جي حفاظت ڪن؛ ۽ اهي پنهنجي زينت ۽ سجاوٽ کي ظاهر نہ ڪن، سواءِ ان جي جيڪا ظاهر ٿيندي آهي. اهي پنهنجن چادرن سان پنهنجن سينن کي ڍڪي رکن ۽ پنهنجي خوبصورتي پنهنجي مڙس، پنهنجي والد، پنهنجي مڙس جي والد،پنهنجي پٽن، پنهنجي مڙس جي پٽن، پنهنجي ڀيڻ جي پٽن، يا عورتن، يا غلامن ۽ مرد نوڪرن، جيڪي جسماني خواهشون (جنسي) نٿا رکن، يا ٻارن جي اڳيان جيڪي جنس جي باري ۾ نٿا ڄاڻن، کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي اڳيان ظاهر نہ ڪن؛ ۽ اهي ٻين کي پنهنجي لڪل زينت ڏانهن متوجہ ڪرڻ جي لاءِ زمين تي زور سان پير هڻي نہ هلن۔ ۽ اي ايمان وارؤ! اوهان سڀ جا سڀ پنهنجو رخ الله ڏانهن ڪري وٺو تہ جيئن ڪامياب رهو."

"اي نبي ! پنهنجين گهروارين، ڌيئرن ۽ مومن عورتن کي ٻڌائي ڇڏيو تہ اهي پنهنجون چادرون چڱي طرح ويڙهين (جڏهن اهي ٻاهر نڪرن)۔ اهو انهن جي لاءِ بهتر آهي تہ هو سڃاتيون نہ وڃن ۽ کين تنگ نہ ڪيو وڃي. (33_59)

## عورتن جي تعليم

رسول پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ علم حاصل ڪرڻ مرد ۽ عورت ٻنهي تي هڪ جيترو فرض آهي، ان لاءِ، اهو علم حاصل ڪرڻ مردن ۽ عورتن تي فرض آهي.
سورت ٩، جي آيت ٧١ ۾ مسلمان مردن ۽ عورتن جون ڪجهہ خاصيتون بيان ڪيون ويون آهن:
"۽ ايمان وارا مرد ۽ عورتون، هڪٻئي جا محافظ ۽ دوست هوندا آهن، اهي نيڪيءَ جو حڪم ڏيندا آهن ۽ برائيءَ کان منع ڪندا آهن".

متي ڏنل ٻنهي ڳالهين مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ اسلام ڪنهن بہ شعبي ۾ مردن ۽ عورتن ٻنهي جي لاءِ علم جي حاصلات تي زور ڏنو آهي تہ جيئن اهي ڀلائي ۽ برائيءَ ۾ فرق ڪري سگهن ۽ انسانيت جي ڀلائيءَ جي ڪمن کي اڳتي پکيڙي سگهن. جيڪي ماڻهو عورتن جي لاءِ محدود قسم جي تعليم جي ڳالهہ ڪن ٿا، اهي غير حقيقت پسندانہ سوچ جا مالڪ ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ پنهنجي ان دعوي کي درست ثابت نٿا ڪري سگهن. ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ مسلمان عالمن جي ٻارن مان اڪثر ٻار طب، انجنيئرنگ، ڪمپيوٽر، زراعت وغيره ۾ جديد علم حاصل ڪندا آهن. عورتون سڄي دنيا ۾ سماجي ۽ معاشي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. ڇاڪاڻ تہ اسلام هڪ ترقي پسند مذهب آهي، جيڪو عورتن کي گهر تائين محدود رکڻ ۽ علم جي حصول جون ڪوششون ڪرڻ کي ترڪ ڪرڻ

جي پابندي نٿو لڳائي. جيئن تہ هڪ تعليم يافتہ ماءُ ٻارن جي صحيح پرورش جي لاءِ هڪ اثاثو آهي، اهڙيءَ طرح عملي زندگيءَ ۾ تعليم يافتہ عورت سمورن معاشرن جي ضرورت آهي، ۽ مسلمان عورتون ان مان مستثنيٰ نٿيون رهي سگهن، ڇاڪاڻ تہ ترقي پذير ۽ ترقي پسند قومن ڪي انسانيت جي مفاد ۾ ترقي يافتہ قومن سان گڏ گڏ هلڻو آهي.

## ٻاهرين ملڪن ۾ تعليم جي حاصلات

رسول پاڪ ﷺ جي هڪ حديث آهي تہ "علم حاصل ڪريو پوءِ ڇو نہ چين وڃڻو پوي."
هي حديث اڄ کان چوڏهن سو سال اڳ رسول پاڪ ﷺ جي ترقي پسندانہ سوچ جو مظهر آهي. ظاهر آهي تہ چين جو سفر رسول الله صلي الله عليہ وسلم مذهبي تعليم جي حاصلات جي لاءِ تجويز نہ ڪيو هو بلڪہ رسول پاڪ صلي اللهٰ علہ وسلم علم حاصل ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو هو تہ ان لاءِ سعودي عرب کان تمام پري جي مقام جو سفر ڪرڻ بہ درست آهي.

## قرآن جو مذهبي آزاديءَ جو تصور

قرآن جي هيٺ ڏنل آيتن ۾ مذهب ۽ نظريي جي چونڊ جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي تہ "مذهب ۾ ڪا زبردستي نہ آهي."

ان لاءِ درست رستو غلط رستي کان بهتر آهي. اهي ماڻهو جيڪي بتن کي ڇڏين ٿا ۽ الله تي ايمان آڻين ٿا، انهن هڪ اهڙي سهاري کي پڪڙي ورتو جيڪو ڪڏهن بہ ٽٽي نٿو سگهي. الله ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. (2:265)

"۽ اهل ڪتاب سان بحث نہ ڪريو سواءِ ان جي تہ اهو بحث بهتر طريقي سان هجي ۽ انهن مان جيڪي غلط ڪندا آهن انهن کي ڇڏيو تہ اسان بہ ان تي ايمان رکندا آهيون، جيڪو اوهان جي لاءِ نازل ڪيو ويو هو. اسان جو الله ۽ اوهان جو الله هڪ آهي، ۽ اسان ان جي اڳيان سر جهڪائيندا آهيون. (29_46)

"اي ايمان وارؤ! الله جا فرض ادا ڪيو ۽ سچ جا گواهہ رهو. ٻين سان گڏ پنهنجي نفرت جي بناءَ تي انصاف جي رستي کان هٽي نہ وڃو. ڏيڻ وٺڻ ۾ انصاف ڪريو. انصاف سچي نيڪي جي ويجهو ٿي آهي. (5:8)

## اسلام ۾ شهرين جا بنيادي حق

رسول پاڪ جي حجتہ الوداع جي خطبي مان اقتباس آهي:

"اوهان جون جانيون، اوهان جا مال ۽ اوهان جي عزت ان حج جي ڏينهن وانگي مقدس آهي"

جيستائين اسلام ۾ شخصي آزاديءَ جو تعلق آهي، ابو داؤد ۾ آهي تہ مديني ۾ هڪ شخص کي ڪنهن شڪ جي بنياد تي پڪڙيو ويو. رسول پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي اصحابن مان هڪ جمعي جي خطبي جي دوران اٿيو ۽ چيائين تہ منهنجي پاڙيسري کي ڪنهن ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. رسول صلي الله عليہ وسلم ان سوال کي ٻہ دفعا ٻڌڻ کان پوءِ ماٺ ۾ رهيو ان توقع تي تہ شهر جو ڪوتوال اٿي ۽ واضح ڪري تہ جيڪڏهن ان وٽ ان گرفتاريءَ جي ڪو جائز سبب موجود هجي. جڏهن ٽئين دفعا ان ئي سوال ورجائي وڃڻ تي ڪوتوال ڪو جواب نہ ڏنو تہ رسول الله صلي عليہ وسلم حڪم ڏنو آهي تہ ان شخص جي پاڙيسري کي آزاد ڪيو وڃي.

رسول صلي الله عليه وسلم جون پيون به حديثون شهرين جي حقن جي باري ۾ موجود آهن. انهن مان به هتي ڏنيون وڃن ٿيون:

١ ـ رياست ان ماڻهو جي مددگار ۽ دوست آهي، جنهن جو ڪو به ناهي.

٢ ـ جيڪڏهن ڪو ماڻهو قرضداريءَ جي حالت ۾ مري وڃي ٿو يا ان جي پويان بي سهارا خاندان رهجي وڃي ٿو ته ان جو بار اسان کڻنداسين.

اسلام ۾ شهري حقن جي حوالي سان مسلمان ۽ غير مسلم جي وچ ۾ امتياز نه آهي. هڪ دفعي خليفي حضرت عمر رضه هڪ غير مسلم کي خيرات وٺندي ڏٺو. ان فوري طور تي ان کي جزيي جي ادائگي مان آزاد قرار ڏنو ان جي لاءِ وظيفو مقرر ڪيائين ۽ بيت المال جي عملدار کي لکيو:

"قسم آهي ته اسان هن سان انصاف نه ڪيو. اسان ان جي جوانيءَ ۾ ان کان خدمتون ورتيون، ۽ پيريءَ ۾ ان کي بي سهارا ڇڏي ڏنو."

## رياست جا شهرين تي حق

اسلام پنهنجن شهرين کان توقع ڪري ٿو ته اهي رياست جا وفادار ۽ تابع هجن، رياست سان مڪمل تعاون ڪن ۽ رياست جي حفاظت جي لاءِ جان ۽ مال جي قرباني ڏيڻ جي لاءِ تيار رهن.

## اسلام مهرباني ۽ رحمدليءَ جو مذهب آهي

مسلمانن جي الهامي ڪتاب قرآن جو آغاز الله جي نالي سان ٿئي ٿو جيڪو انتهائي مهربان ۽ بي حد رحم وارو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته انتهائي مهربان ۽ بي حد رحم وارو هجڻ سڄي ڪائنات

جي لاءِ ان جون صفتون آهن ۽ انهن مان سڀ کان اهم انسان آهن. قرآن جي پهرين سورت ۾ جيڪا دعا آهي اها هر نماز کان پهرين پڙهي ويندي آهي ۽ ان جي آخر ۾ دعا ڪئي وئي آهي ته "اي الله اسان کي سڌو رستو ڏيکار، انهن ماڻهن وارو رستو جن تي تو رحم ڪيو نه ئي انهن جو جيڪي گمراهه ٿيا."

قرآن ۾ چيو ويو آهي ته (2:30)الله تعاليٰ پنهنجن فرشتن کي چيو ته مان زمين تي خليفو مقرر ڪرڻ ٿو چاهيان. خليفي جي لاءِ لازمي آهي ته اهو پنهنجي مقرر ڪندڙ جي خصوصيتن جو حامل هجي، يعني ان کي انصاف سان، بغير ڪنهن امتياز جي، ۽ برابري ۽ عدل سان حڪومت ڪرڻي پوندي. ان جي لاءِ انسانن کي پنهنجي اندر پنهنجي خالق جون صفتون، مهرباني ۽ رحمدلي پيدا ڪرڻ گهرجي. انهن کي پنهنجي مرضي ۽ پسند ناپسند مطابق ڪم ڪرڻ جي اجازت نه آهي، ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان اهي پنهنجي خالق جا خليفا نه رهندا. زمين تي ان خليفي مان يقينن اها توقع آهي ته اهو انسانن سان فراخدلي، سٺائي ۽ مهرباني سان پيش اچي ۽ زمين کي هڪ خوبصورت جاءِ بڻائي، جيڪا ٻين انسانن جي لاءِ محبت ۽ شفقت سان ڀريل هجي.

## نيڪي ۽ فراخدلي– عبادت جي معنيٰ

قرآن ۾ نيڪي ۽ پاڪبازيءَ جو اهو معيار بيان ڪيو ويو آهي ته:

"نيڪي اها نه آهي ته اوهان مغرب ڏانهن پنهنجو منهن يا مشرق ڏانهن (عبادت جي لاءِ) ڦيرايو بلڪ نيڪي اها آهي، ته جيڪو الله تي يقين رکندڙ هجي، ۽ عبادت ڪري ٿو ۽ غريبن کي انهن جا حق ڏئي ٿو."

ان سان اھ ڳالھہ واضح ٿيندي آھي تہ الله تي ايمان رکڻ وارو سمورن ماڻھن جي لاءِ فراخدل ٿيڻ لازمي آھي. بنا ڪنھن مذھب، رنگ ۽ نسل جي فرق جي ۽ اھي سموريون وصفون عبادت کان گھڻيون اھم آھن.

قرآن جي ڪيترن آيتن ۾ انھن ماڻھن جو ذڪر آھي، جيڪي عبادت جو مفھوم نٿا سمجھن. سورت ١٠٧ ۾ آھي تہ:

”ڇا اوھان ڪڏھن ان شخص کي ڏٺو آھي، جيڪو مذھب کي ٺڪرائي ٿو اھو ئي شخص آھي تہ جيڪو يتيم کي ڌتڪاري ٿو ۽ ضرورتمندن کي کاڌو نٿو کارائي. اھڙن عبادت ڪندڙن تي لعنت آھي، جيڪي انھن جو التجائون نہ ٻڌندا آھن، جيڪي عبادت ڪري ڏيکاريندا آھن، پر ننڍيون ننڍيون مھربانيون ڪرڻ سان انڪار ڪري ڇڏين ٿا.“

حج جي دوران آخري خطبي مان اقتباسات نيڪي جو پئمانو مقرر ڪن ٿا. (سنائيءَ سان محبت ۽ برائيءَ کان نفرت)ان لاءِ :

”اي ماڻھئو! ڪو بہ عرب، ڪنھن عجميءَ کان وڌيڪ نہ آھي، ڪو بہ عجمي ڪنھن عربيءَ کان برتر نہ آھي، ڪنھن ڪاري کي گوري تي ڪا بہ برتري نہ آھي، نہ گوري کي ڪاري. برتري ۽ احترام جو پئمانو صرف نيڪي (تقويٰ) آھي.“

## حضرت عمر رضہ جي خلافت جو دور

پاڻ سڳورن ﷺ جي وفات کان پوءِ حضرت عمر جي خلافت جو دور، اسلام جو بھترين دور سمجھيو وڃي ٿو. ھو خوف خدا رکندڙ انسان ھو ۽ پنھنجي پاڻ کي پنھنجي ماتحت سمورن گورنرن جي

ڪارڪردگيءَ کان باخبر رکندو هو. هڪ ڀيري هن چيو ته جيڪڏهن درياءِ فراق جي ڪناري ڪو ڪتو به بکيو سمجهي رهي، ته مون کي الله تعاليٰ کي ان جو جواب ڏيڻو پوندو. هڪ ڀئي موقعي تي رسول ﷺ جي ڪنهن اصحابيءَ کي انهن جي آڏو آندو ويو ته ان اصحابي پنهنجي پاڙيسريءَ جي گهر مان چوري ڪئي آهي. حضرت عمر رضہ ان کان پڇيو ته هن ائين ڇو ڪيو. اصحابيءَ چيو ته هو ان جو خاندان ڪيترن ڏينهن کان بکيو هو. جڏهن ته انهن جو پاڙيسري جيڪو دولتمند هو، سندن مدد نه ڪري رهيو هو. ان ڪري هن چوري ڪئي. حضرت عمر رضہ ائين ڇئي اصحابيءَ جي آزاديءَ جو حڪم ڏنو ته هن چڱو ڪيو. چاڪاڻ ته پاڙيسيري پنهنجي پاڙي وارن گهرن ۾ رهندڙن کان ايترو بي پرواهه نه هجڻ گهرجي.

ايران ۾ قادسيه جي فتح کان حضرت عمر رضہ مديني جي ماڻهن کي خطاب ڪيو ۽ چيو:

”اي منهنجا ماڻهئو! آئون بادشاهه نه آهيان جو اوهان کي غلام بڻائي ڇڏيان، آءٌ به اوهان وانگر خدا جو هڪ بندو آهيان. جيڪڏهن آئون ان اندازا ۾ اوهان جي خدمت ڪريان ته اوهان پنهنجي گهر ۾ سڪون سان سمهي سگهو ته آءٌ هڪ خوشقسمت انسان ٿيندس. آءٌ اوهان ماڻهن کي پنهنجي لفظن سان نه پر پنهنجي عملن جي ذريعي تعليم ڏيڻ چاهيان ٿو.“

## پڄاڻي

- اسلام سموري انسانيت کي محبت جو درس ڏئي ٿو.
- اسلام الله سان قربت جو معيار نيڪي، سچائي، ۽ رنگ نسل ۽ عقيدي جي فرق کان سواءِ انصاف ڪرڻ آهي.

جيڪڏهن ڪو شخص انهن خوبين جو حامل نہ آهي، پر عبادت ڪندو رهي ٿو تہ اهو صحيح مومن نٿو ٿي سگهي، نہ ئي الله کي اهڙا "ايمان وارن" جي عبادت جي ضرورت آهي.

- اسلام انسانن سان ڪنهن بہ بنا تي جبر، ظلم، ۽ ناانصافيءَ کان نفرت ڪري ٿو ۽ ان جي مذمت ڪري ٿو.
- جمهوري معاشري جي سينيءَ کان وڏي خصوصيت چونڊيل نمائندن جي مشاورت آهي.
- عورتن کي اسلام ۾ پنهنجي مڙس کان عليحدگيءَ جي سلسلي ۾ برابر جا حق حاصل آهن، جيڪڏهن مڙس انهن سان سختي ۽ بي انصافيءَ سان پيش اچي ٿو.

ملڪيت ۾ (جيڪا والدين يا مائٽن جي وراثت هجي) عورت جو حصو مقرر ڪيو ويو آهي.

- عورتن کي آزادي آهي تہ اهي ڪو بہ پيشو يا ڪاروبار اختيار ڪن.
- اسلام چوي ٿو تہ عورتن ۽ مردن ٻنهي کي علم حاصل ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن ٻئي سماجي ۽ معاشي ترقيءَ ۾ پنهنجو پنهنجو رول ادا ڪري سگهن.
- اسلام ۾ پنهنجي مذهب جي چونڊ ڪرڻ جي آزادي ڏني وئي آهي. مسلمان هجي يا غير مسلم، اهو پنهنجي مرضيءَ موجب چونڊي سگهي ٿو.
- اسلام ۾ هر شهريءَ جي بنيادي حقن جي ضمانت ڏني وئي آهي.

ان لاءِ انساني زندگيءَ جو شايد ئي ڪو اهڙو پهلو هجي، جنهن تي اسلام انسانن جي بهتريءَ جي لاءِ واضح ۽ عقلي هدايتون نہ ڏنيون هجن. اسلام جي نقادن کي کپي تہ اهي اسلام جو گهرو اڀياس ڪن. مذهبن جي باري ۾، تشدد، بي انصافي، ظلم جي چند واقعن جي ڪري ڪا راءِ ڪرڻ صحيح نہ آهي. مذهبن جي مڃيندڙن جي باري ۾ نفرت ۽ ناپسنديدگيءَ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ گهٽ علميت جي ڪري بڻجندڙ منفي راءِ کي مسترد ڪرڻو پوندو تہ جيئن سمورين قومن جي وچ ۾ محبت ۽ شفقت کي يقيني بڻائي سگهجي.

# اسلام بابت اولهہ جي خدشن جو جواب

## ليکڪ: ڊاڪٽر مراد ولفريڊ هافمين

هڪ نظر ۾ تہ 'اولهہ ۽ اسلام' جي اصطلاحن ۾ گهٽي ياگهٽي عدم توازن ڏسڻ ۾ ايندو آهي- اولهہ بنيادي طور تي هڪ جاگرافيائي تصور آهي، جنهن کي اسلام جي، جيڪو هڪ مذهب آهي، مقابلي ۾ بيهاريو ويندو آهي، پر ان بيقاعدگيءَ ۾ ڪا بامعني شيءِ ڏسجڻ ۾ اچي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اولهہ کي هاڻي ڪنهن بہ مذهب جي برابر قرار نٿو ڏئي سگهجي. اولهہ وارا لازمي طور تي عيسائي ناهن، پر اتي عقيدي جي لحاظ کان يا عمل جي لحاظ کان لادينيت، ماديت پرستي ۽ صارفيت رائج آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن انهن ٻنهي تهذيبن ۾ ڪو ٽڪراءُ آهي ۽ نظرياتي لحاظ سان تصورن ۾ بہ ڪو ٽڪراءُ آهي تہ اهو اصل ۾ وڏن تصورن سان تعلق رکندڙ ۽ نہ رکندڙ دنيائن جي وچ ۾ ٽڪراءُ آهي. هڪ اها دنيا، جيڪا الله تي ايمان جي ناتي سان جڙيل آهي ۽ ٻي اها، جيڪا مڪمل عدم يقين ۽ ان جي سمورن نتيجن ۾ پوريءَ طرح ٻڌل آهي. هڪ اهڙي موضوع تي ڳالهہ ڪرڻ لاءِ انهن ڏور رس حقيقتن کي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي، جيڪي هڪ شاندار ذهن رکندڙ شاندار شخص بابت آهن. هڪ ماڊل مسلمان، جيڪو مڪمل طور باخبر هو تہ تاريخ جي هن موڙ تي اسلام ڪهڙي داءَ تي لڳل آهي- بيشڪ مرحوم خرم مراد، پاڪستان ۽ پوري مسلم دنيا طرفان هن دين اسلام لاءِ بهترين تحفو هو.

### ڪجهہ بدگمانيون

قومن جي اجتماعي ياداشت ۽ شعور هڪ حقيقت آهي. اولهہ ۽ اسلام جي وچ ۾ تعلق جي تاريخ ان جو هڪ واضح ثبوت آهي.

اسلام جي باري ۾ اولهہ جون موجوده بدگمانيون سولائيءَ سان سمجهہ ۾ نٿيون اچي سگهن، جيڪي هڪ جهنگ جيان آهن، ان ڪري انهن جي جڙن ڪي نٿو سجهي سگهجي. انهن کي سمجهڻ ممڪن ناهي. اهوئي سبب آهي تہ افسوسناڪ ماضي اڄ بہ زندهہ آهي.

## اصليت تي شڪ

جيئن ئي اسلام پکڙجڻ شروع ٿيو ان جي چوڌاري عيسائي دنيا پاران جان آف دماسڪس جي تشريح تي عمل ڪندي ان نئين مذهب کي عيسائي ۽ يهودي مذهب جي گڏيل مجموعي جو نالو ڏنو ويو بلڪ عيسائي ۽ يهودي ارتداد قرار ڏئي ڇڏيو ويو. خاص طور تي انهن قرآن جي آيتن ۾ اسرائيليت جي تصور کي بائيبل جي قصن جي مليل شڪل سمجهيو. جڏهن تہ اهي مثالي هدايتون آهن، جن جي تاريخي حوالي سان ڪا بہ حيثيت ناهي. انهيءَ ڪري اڄ بہ اولهہ پنهنجي تهذيب کي عيسائي، يهودي تهذيب مڃي ٿو. حالانڪ اصل ۾ اها پنهنجي صورت ۽ هيئت ۾ عيسائي، يهودي ۽ اسلامي تهذيب آهي. جيڪڏهن اولهہ جي فلسفي، سائنس، رياضي ۽ آرٽ ۾ اسلامي ورثي کي بہ مدنظر رکيو وڃي تہ اهو تمام گهڻو وسيع آهي، پر ان کي جهڙيءَ طرح نظرانداز ڪيو ويو آهي، جو مختصر اهو تہ اڄ بہ اسلام بابت ڪجهہ بہ نہ ڄاڻڻ کي گهٽ علمي نٿو سمجهيو وڃي.

## اسلام بابت غلط فهميون

هڪ ٻي وڏي بدگماني ايتري تيز رفتاريءَ سان پکڙجي رهي آهي، جنهن مطابق اسلام جزيره نما عرب مان شروع ٿي، اسپين، وچ ايشيا ۽ هندوستان تائين پکڙيو آهي. اسين مسلمان ڄاڻون ٿا تہ جيئن تہ

هي دين تلوار ۽ طاقت جي ڏاڍ تي ناهي پکڙيو پر مجموعي طور تي پرامن طريقي سان ۽ هيٺين ٽن سببن جي ڪري پکڙيو آهي.

**1**۔ ڪيترائي ئي عيسائي، ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان وحدانيت پرست هئا، جڏهن تہ آريا، قبطي يا نستوري، مسلمان فاتحن وانگر عيسيٰ جي الوهي يا ٻي حيثيت تي يقين نہ رکندا هئا.

**2**۔ انهن ماڻهن اسلام جي ٻين مذهبن جي نسبت تمام گهٽ ظالماڻي ۽ غيرجابرانہ ٽيڪسن جي نظام کي پسند ڪيو. اسلام سان گڏ ئي قانون جي حڪمراني آئي، جنهن جو شمار جنگين تي بہ ٿئي ٿو.

**3**۔ قرآن ۽ ٻين اسلامي تعليمن جو مغربي زبانن ۾ ترجمو توڙي جو اسلام جي خلاف پروپيگنڊا ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هو پر اهو مسلمانن لاءِ هڪ نعمت ثابت ٿيو.

عام عيسائي انهن شين کي ان طرح سان نہ پئي ڏسي سگهيا. پنهنجي انا کي وڌائڻ ۽ پنهنجي خودداري کي بچائڻ لاءِ انهن کي اسلام کي خوفناڪ بڻائي پيش ڪرڻو پيو ان لاءِ ڪهاڻيون ٺاهيون ويون، جن مان ڪجهہ اڄ بہ اسان جي آڏو آهن. مثال طور اسلام هڪ جارحاڻو مذهب آهي. ميڪس ويبر چيو تہ اسلام هڪ جنگي مذهب آهي، جيڪو مقدس جنگيون وڙهندو رهيو آهي. پيغمبر اسلام کي خراب انسان طور پيش ڪيو ويو جيڪو تاريخ جيَ ڪنهن ٻي شخصيت سان ناهي ٿيو.

اهي سڀئي غليظ الزام اڄ بہ موجود آهن. ناليِ ماتر اسلامي دهشتگرديءَ جي هر الزام ۾ ۽ محمد رسول الله ﷺ تي ٿيل هر حملي ۾، جنهن جو نڪتہ عروج سلمان رشدي جو ان دور جو بدنام ڪتاب هو۔ رسول الله ﷺ جي ڪردارڪشي ايتري سخت هئي، توڙي جو ڪيٿولڪ ڪليسيا پنجٽيهہ سال اڳ اسلام کي نجات جي رستن

مان هڪ رستو مجيو هو پر رسولِ پاڪ ﷺ کي ان رستي جي رهنما طور تي مڃڻ کان اڄ بہ انڪاري آهي.

## قرآن تي عدم يقين

ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ قرآن کي اڄ بہ ڪلام الاهي طور تسليم نہ ڪيو ويو آهي. هتي اسين ٿين غلط فهمي جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون. حال جو فيصلو تاريخ ڪندي آهي. سڀ کان اڳ قرآن جو ترجمو يورپي زبان ۾ ڪيو ويو هو. ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ ان جو ترجمو توليڊو جي پيٽر لاطيني ٻوليءَ ۾ ڪيو هو. پر اهو اسلام کي سمجهڻ نہ پيو چاهي، اصل ۾ هو ان ترجمي ذريعي اسلام جي خلاف پنهنجي پروپيگنڊا مهم هلائڻ پيو چاهي. صليبي جنگجوئن کي پنهنجي مهم تي موڪلڻ کان اڳ اهو ٻڌايو ويو هو تہ مسلمان چوندا آهن تہ ”ڪو الله ناهي، سواءِ محمد کان“ اهوئي سبب آهي، جو مسلمانن کي اڄ تائين محمدن چيو پيو وڃي، ان ڪري ئي هندوستان ۾ برطانوي حڪمرانن محمدن قانون ناهيو.

پيٽر جو ترجمو چار سو سالن کان پوءِ مارٽن لوٿر جي چوڻ تي بازل ۾ ڇپرايو ويو. ان دور ۾ اسلام يورپ ۾ سلطنت عثمانيہ جي ويانا جي خلاف مهمن جي حوالي سان ڄاتو ويندو هو. لوٿر موجب خدا کي ڇڏڻ سبب پوپ ۽ ان جا ساٿي ڪيٿولڪ عيسائين کي عيسائي مذهب ۾ بگاڙڻ جي سزا ڏيڻ لاءِ چونڊيا ويا هئا. اصل ۾ قرآن جا يورپ جي ٻين ٻولين ۾ ڪيل ترجما مثال طور جرمن ٻوليءَ ۾ جوهن لينگ (1688) ۽ ڊيوڊ فريڊرڪ ميگرلن (1772) جي ترجمن ۾ ترڪي طرفان فوجي خطري جو حوالو موجود آهي. ڪن کي ترڪي بائيبل چيو ويو ڪن کي القرآن يا ترڪي قانون ۽ ٻيون غلط فهميون.

نتيجي ۾ اڄ تائين اولهہ جا ماڻهو اسلام کي پنهنجي لاءِ خطرو سمجهي رهيا آهن. ايستائين جو سيموئيل پي هنٽينگٽن بہ جيڪو چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو تہ جديديت، مغربيت کي اپنائڻ کان سواءِ بہ حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ اهو تہ مغرب سموري دنيا لاءِ ماڊل جو ڪم نٿو ڏئي سگهي- پنهنجي ڪتاب "تهذيبن جو ٽڪراءُ" ۾ جڏهن هو اسلام سان خوني سرحدن جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ هو دفاعي نڪتہ نظر سان اها ڳالهہ ڪري ٿو تہ آمريڪا جي قلعي تي حملو ڪندڙ مسلمانن کان بچائڻ لاءِ ...... اها غلط فهمي ۽ اسلام جي پيرن هيٺان چيپاتجڻ جو ڊپ ۽ پريشاني، ۽ انتهائي جذباتي پڻو سڀ کان وڏي غلط فهمي آهي، جنهن کي مِٽائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

## جديديت جي بيماري

هتي اسان ارڙهين صديءَ جي ڳالهہ تا ڪريون، ڊيڪارٽ کان ڪجهہ عرصو پوءِ جي دور ۾، جنهن کي روشن خياليءَ جو دور چيو ويندو آهي، هيءَ اهو زمانو آهي، جيڪو اڄ بہ اسانٰ سان هلي رهيو آهي، جديديت جي مهم جيٰ صورت ۾ ۽ سيڪيولرازم جي نظرئي جي شڪل ۾، جنهن جو پروفيسر خورشيد صاحب تمام سٺو تجزيو ڪيو آهي- ان زمانيٰ ۾ عيسائي ڪليسيا، ڪيٿولڪ ۽ پروٽسٽنٽ ٻنهي، سائنسي ترقي ۽ آزادانہ تحقيق کي روڪڻ پئي چاهيو.

انهيءَ ڪري اها يورپ لاءِ بيحد بهادريءَ جي ڳالهہ هئي ۽ بيحد فائديمند بہ هئي تہ وڏن وڏن دانشورن مثال طور امانيوئيل ڪانٽ، گوٿهولڊ افريم ليسنگ، فريڊرڪ دي گريٽ، والٽيئر ۽ جوهن وولفگينگ وان گوئٽي، يورپ ۾ سوچ جي مذهبي ڏاڍ کان نجات ڏياري. اهي سڀئي ماڻهو وحدانيت پرست ۽ ڪليسا کان آزاد هئا. انهن اسلام قبول ڪرڻ بابت نہ سوچيو پر اهي اسلام کان هڪ خدا

جي تصور ملائيت، رسمن ۽ رواجن جي موجود نہ هئڻ سبب بيحد متاثر هئا. وري بہ هنن اسلام تي غيرمنصفانہ تنقيد ڪئي، پر انهن عيسائي ڪليسيا سان واسطي واري انداز ۾ پاڻ کي خطري ۾ وجهندي، نشانو بنائڻ لاءِ ڪيو. هي اهو طريقيڪار هو جنهن جي قيمت اسلام کي پوءِ ادا ڪرڻي پئي.

اولهہ ۾ جڏهن کان انسان ۽ ان جي عقل کي خودمختار سمجهيو ويو تڏهن کان انسان خدا کي هٽائي پاڻ کي هر شيءِ جو پيمانو قرار ڏيڻ لڳو. آهستي آهستي مذهب ذاتي معاملو بڻجندو ويو ۽ ان جي جاءِ وڏ کان وڏ نيچرل سائنس ورتي، جنهن سان سائنس پرستي ۽ عقليت پرستي نقلي مذهب بنجي ويا. ڪارل مارڪس، چارلس ڊارون، سگمنڊ فرائڊ ۽ فريڊرڪ نطشي کان پوءِ مذهب کي ڪهاڻين، داستانن ۽ وهمن جو درجو ڏنو ويو. يعني هڪ اهڙي شيءِ، جيڪا گهٽ ذهن وارن ماڻهن لاءِ هجي. انساني ترقيءَ سان گڏوگڏ جيئن جيئن اسين هستيءَ جي آخري ڳنڍين کي کولينداسين تہ مذهب پاڻ هرتو ملي ويندو. اوڻيهين صديءَ جي آخر تائين نطشي اهو چئي رهيو هو تہ خدا مري چڪو آهي.

عقليت جي دور جيڪو هاڻي بہ سو سال پراڻو ٿي چڪو آهي، ڪيترين ئي جنگين کي جنم ڏنو جن مان بہ اهي وڏيون جنگيون بہ شامل آهن، جيڪي انساني تاريخ جون سڀ کان وڏيڪ وحشياڻيون جنگيون هيون. انهن جنگين ۾ ڪيميائي ۽ نيوڪليائي هٿيار ۽ ڪارپٽ بمباريءَ جو تمام گهڻو استعمال ڪيو ويو. غلامن جي واپار، ڪنسنٽريشن ڪيمپ، يهودين، خانہ بدوشن، ۽ دماغي مريضن جي اجتماعي ملڪ بدري، نسلي امتياز، بوسنيا، ڪوسوو ۽ چيچنيا ۾ نسلي تشدد ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ...... اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ عقليت جي دور ۾ ٿيو جنهن جو واعدو هو تہ صرف انساني ترقي، بهبود ۽

آزادي ٿيندي. جيڪڏهن ڪو شخص اهو سمجهي ٿو تہ انهن مڙني برائين سبب اولهہ جي تهذيب جي برتريءَ تي ڪي شڪ شبها پيدا ٿيا آهن تہ اها سندس غلط فهمي آهي. ان جي بلڪل ابتڙ ڪميونزم جي زوال کان پوءِ اهو احساس وڌي ويو تہ هي نظام ناقابل تسخير آهي. فرانس فوڪوياما جو نظريو 'تاريخ جو خاتمو' تہ ثقافتي تسخير جي بہ دعويٰ ڪري ٿو. اها عجيب ڳالهہ آهي، جيڪڏهن ويهين صديءَ ۾ ٿيندڙ ترقي، خاص طور تي طبعيات، بائيوڪئمسٽري ۽ فلڪيات جي شعبن ۾ ٿيندڙ پيش رفت کي مدنظر رکيو وڃي. اوڻيهين صديءَ جي سائنسدانن جي دعويٰ هئي تہ اهي ڪائنات جي قانونن کي سمجهي سگهن ٿا، پر هاڻي سائنسدان وڌيڪ سمجهدار ٿي چڪا آهن. اصل ۾ ميڪس پلانڪ، البرٽ آئن اسٽائن ۽ وارنر بائنز برگ جي سو سالن کان پوءِ بہ اسين اهو نٿا ڄاڻون تہ مادو ڇا آهي، روشنيءَ ڇا آهي، زندگي ڪيئن جڙي ٿي، شعور ڪهڙيءَ طرح پيدا ٿئي ٿو ڪائنات ڪيئن شروع ٿي ۽ ان جي پڄاڻي ڪيئن ٿيندي..... نہ ئي اسين وقت ۽ توانائيءَ کي سمجهي سگهيا آهيون. ايسٽائين جو ڪشش ثقل بہ اڃا تائين هڪ معمو ئي آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ آئن اسٽائن جي مشهور E_mc2 جو واقعي ڪو مطلب ناهي، ڇاڪاڻ تہ اسين ان جي ڪنهن بہ جز بابت نٿا ڄاڻون.

هتي هڪ دفعو وري اسان کي اهو خيال اچي سگهي ٿو تہ عام يورپي ماڻهن ان وقت تائين اهو ڄاتو هو تہ مادو جديد بعد از نيوٽن ڪو انتم فزڪس جي دور ۾ پنهنجي حيثيت وڃائي ويهندو تہ روحانيت ۽ الله لاءِ جاءِ پيدا ٿيندي. اها ڳالهہ بہ غلط آهي. جيڪو ڪجهہ عام مغربي ماڻهن تائين پنهنجي شڪل ۾ پهتو آهي، اهو هي آهي تہ دنيا جي هر شيءِ آهي.

آئن اسٽائن جي ان تصور تحت نڪرندڙ نتيجا تباهہ ڪن آهن.

جديديت کان پوءِ جي نظريي تحت چيو پيو وڃي تہ: سڀ ڪجھ ختم ٿي ويندو آهي. ڪا بہ اخلاقي راءِ ظاهر نہ ڪريو. خوش رهو ۽ پنهنجو ڪم ڪندا وڃو. اهو اسان جهڙن ماڻهن لاءِ اوپرو خيال آهي، جيڪي مستقل اخلاقي قدرن سان ڳنڍيل آهن. پر ان کان بہ وڌيڪ خراب اهو آهي تہ جديديت کان پوءِ جي دنيا وڌ کان وڌ جديديت جي زماني جي قدرن تي قائم آهي. خاص طور تي اهو تہ خدا موجود آهي، چاڪاڻ تہ ان کي ثابت ڪرڻ ناممڪن آهي. اهو تمام گهڻو اهم موضوع آهي.

هتي اهو سمجهڻ ضروري آهي تہ ايمانوئيل ڪانٽ پنهنجي مشهور ڪتاب 'خالص عقليت تي تنقيد' ۾ هميشہ لاءِ اها ڳالھ طئي ڪئي هئي. تقريباً اهڙيءَ طرح جيئن ان کان نو سو سال اڳ الاشعري چيو هو تہ مابعد الطبيعات جو مطالعو اسان کي ڪٿي پهچڻ ۾ مدد نٿو ڏئي. اسان جو منطق، اسان جي حِسن ذريعي اسان کي غيب جي شين کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. لڊوگ وٽگنسٽائن ويهين صديءَ ۾ مابعدالطبيعاتي تحقيق جي لساني تنقيد جي ذريعي ڪانٽ جي نظريي جي توثيق ڪئي ۽ چيو تہ مابعدالطبيعات وڌ کان وڌ لساني راند آهي.

مسلمان هنن نظرين سان همدردي رکي سگهن ٿا. ڇا اسين وحيءَ جي ضرورت تي انهيءَ ڪري يقين نٿا رکون تہ اسان کي خبر آهي تہ ان کان سواءِ سچ تائين پهچڻ ممڪن ناهي؟ الله بابت بين ڪائنات جي نشانين جي باري ۾ ڳالھ ڪندي قرآن چوي ٿو تہ "زمين ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جن ايمان آندو" (51:20)

ان جو مطلب اهو آهي تہ الله جي مخلوق تي غور انهن ماڻهن جي ايمان کي وڌيڪ پختو ڪري ٿو جيڪي اڳ ئي خدا تي ايمان رکن

ٿا. يقيناً فطرت جو مشاهدو ايمان کي مضبوط ڪري ٿو انهيءَ ڪري سائنسدانن ۾ خدا جا انڪاري ٿتا ملن.

ذڪيائي ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن معتبر ماڻهو مابعدالطبيعات کي ناممڪن چوندي، شڪ جي ذهانت آميز مقام سان لامذهبيت جي بيوقوفاڻي درجي تي پهچي هي مفروضو اپنائيندا آهن تہ الله موجود ناهي. يورپ ۾ اها ڳالهہ عام آهي. ماڻهو ايمان ۽ عدم ايمان جي وچ ۾ توازن برقرار رکڻ جي بي يقيني کي برداشت ٿتا ڪري سگهن. انهيءَ ڪري عملي طور تي اهي لامذهب بڻجندا آهن. اهي مذهب جي ڪنهن بہ شڪل کان ڊڄندا آهن، ڇاڪاڻ تہ ان مان مراد اهي وچين صدين جا ظالماڻا، جابراڻا ۽ تنگ نظر مذهب وٺندا آهن ۽ ان کي جديد دور جي سيني شين لاءِ خطرو تصور ڪندا آهن.

## ڇا اسلام تفريح کان روڪيندڙ بنياد پرست مذهب آهي؟

اهو ڊپ ان سبب ڪري اڃا بہ وڌي وڃي ٿو تہ اولهہ ۾ جتي جتي بہ مسلمان موجود آهن، اتي مسلمان خاندانن ۾ ماڻهن جو تعداد وڌيڪ هئڻ سان انهن جي زندگيءَ جو معيار گهٽ ٿئي ٿو. اولهہ انهن شين جو عادي آهي، جن کان اسلام منع ڪري ٿو. مثال طور نڪوتين جو استعمال، شراب، فحش مواد پڙهڻ ۽ ڏسڻ، غيرقانوني جنسي تعلق، جذباتي موسيقي، ۽ هم جنس پرستي. انهن شين کي ڏسندي اسلام کي تفريح کان بيزار۔ سخت بنياد پرست مذهب سمجهيو ويو آهي. سادن لفظن ۾ اهڙن ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏني وڃي، تہ اهي پنهنجي عقيدي جي باري ۾ پريشان نہ ٿيندا آهن. ڪين ان جي ڪابہ پرواهہ ناهي، ها! جنهن شيءِ جو هو پرواهہ ڪن ٿا، اها سوئر جو گوشت کائڻ، شراب پيئڻ ۽ عورتن سان دوستي رکڻ آهي.

بيون غلط فهميون بہ آهن، مثال طور اهو خيال تہ اسلام تقدير پرست

مذهب آهي ۽ اسلامي قانون ۾ لفظن جي پابندي وڌيڪ ڪئي ويندي آهي، بنسبت ان جي مقصد جي. بهرحال اهي ننڍا مسئلا آهن. اچو اسين تن وڏين غلط فهمين ڏانهن هلون ٿا، جيڪي ويهين صديءَ جي پيداوار آهن. اهي آهن جمهوريت، انساني حق ۽ عورتن جا حق. اهي اولهہ ۾ اسلام جي وضاحت ڪندي سڀ کان وڏيون رڪاوٽون آهن.

## اسلام جمهوريت جي خلاف آهي

اولهہ کي جمهوريت جي ان ترقيءَ تي ڏاڍو فخر آهي، جيڪا ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ سوئيزرلينڊ، برطانيا ۽ آمريڪا، فرانس ۽ ان کان پوءِ هر جڳهہ ٿي. يورپ ۾ موجود سموريون بادشاهتون هاڻي آئيني بادشاهتون آهن. سيني جو ووٽ برابر آهي. چونڊون ايمانداريءَ سان ٿينديون آهن. تنهي ادارن جا اختيار الڳ الڳ آهن. عدليہ آزاد آهي ۽ قانون تي عمل ٿئي ٿو.

هن وقت ڪير مون کي روڪي سگهي ٿو تہ اهڙين بيڪار شين کي نہ ڇاٽايان. پر مسئلو اهو آهي تہ جيڪي نُڪتا مون بيان ڪيا آهن، اهي سڀئي بيڪار ناهن. مسلمان ملڪن ۾ خال خال ڏسجي پيو. انهيءَ ڪري اهي قصا هلن ٿا تہ اسلام ۽ جمهوريت ائين آهن، جيئن باهہ ۽ پاڻي، جيڪو سڀ کان خطرناڪ مغالطو آهي.

## ڇا اسلام ۾ انساني حقن جو خيال نہ رکيو ويو آهي؟

اولهہ کي ان ڳالهہ تي پڻ وڏو فخر آهي تہ ان انساني حقن کي اڳتي وڌايو آهي. ان ڳالهہ تي توجهہ نٿو ڏنو وڃي تہ ان جو نفاذ ڪيترو گهٽ ۽ ڪيتري قدر محدود ٿئي ٿو. مثال طور ڪشمير، فلسطين يا چيچنيا کي ڏسو۔ مسئلو اهو آهي تہ مغرب کي يقين آهي تہ برطانيا،

آمريڪا ۽ فرانس ۾ انساني حقن جو اعلان ڪرڻ کان اڳ دنيا ۾ ڪو بہ انهن حقن جي باري ۾ ڄاڻندو نہ هو. انهيءَ ڪري خاص طور تي شريعت کي قديمي ۽ وحشياڻو قرار ڏنو ويو آهي. اهو سمجهيو پيو وڃي تہ اسلام حقيقت ۾ انتهائي بنيادي انساني حقن جي تحفظ جي بہ قابل ناهي.

## ڇا اسلام مردن جي بالادستيءَ تي يقين رکي ٿو؟

آمريڪا، برطانيا، فرانس ۽ جرمني انهن ڪجهہ ملڪن مان آهن، جتي عورتن، مردن جي مقابلي ۾ وڌيڪ اسلام قبول ڪيو آهي. انهن ۾ اڪيليون عورتون بہ شامل آهن. ان جي باوجود اها ڳالهہ واضح آهي تہ اولهہ جون عورتون خيالي اسلام جون سخت دشمن آهن. انهن جو سڀ کان وڏو سبب اهو مغالطو آهي تہ اسلام مرد جو مذهب آهي. عورتن کي وڌ کان وڌ ٻئي درجي جو شهري، جڏهن تہ بدترين صورتن ۾ غلامن جي حيثيت ڏئي ٿو.

بيشڪ دونهون اتي ئي اُٿندو آهي، جتي باهہ موجود هجي. مسلمان مرد، جيڪي عام طور تي مردانگيءَ جي روايتي تصور تي يقين رکن ٿا. گذريل 1420 سالن ۾ قرآن ۽ سنت جي پنهنجي انداز ۾ تشريح ڪئي. جيڪڏهن عورتن کي قرآن جي تعليم مطابق حق ڏنا وڃن تہ اڄ اسان کي غلط فهميءَ جو منهن نہ ڏسڻو پوي. جيڪو ٻنهي طرفان غلط فهمين سان جڙيل آهي. مسلمانن تي هڪ ئي وقت اهو الزام لڳايو پيو وڃي تہ اهي جنس جي معاملي ۾ ڏاڍا بي شرم هوندا آهن ۽ گهٽيون پابنديون مڙهيندڙ هوندا آهن. هڪ طرف تہ مغربي مرد مسلمانن سان ساڙ ڪن ٿا تہ ڪين عورتن تائين لامحدود رسائي حاصل آهي. انهيءَ ڪري مسلمان دنيا جي باري ۾ اڌ اگهاڙن ناچڻ جا تصور پڙ ملن ٿا، جڏهن تہ ٻئي طرف اهي ئي ماڻهو اها ڳالهہ مڃڻ

لاءِ تيار ناهن تہ مسلمان عورتون پنهنجو پاڻ کي ايتري سيلقي سان ڍڪي رکن ٿيون، جيئن عيسائي عورتون نہ ڪنديون آهن. هاڻي وڏين وڏين غلط فهمين جي نشاندهي ڪان پوءِ اچو تہ انهن جي حل ڏانهن هلون. پر ان کان اڳ آئون ڪجهہ عام مشاهدن ۽ مشورن جو ذڪر ڪندس:

## جواب ڪيئن ڏنو وڃي؟

ڪيفيتي تبديليون آڻيو اها ڳالهہ بلڪل واضح آهي تہ اسلام جي باري ۾ اولهہ ۾ پيدا ٿيندڙ سمورن غلطين جو تعلق تاريخي ارتقاء سان آهي. ڪو بہ شخص جيڪو انهن ثقافتي مجموعن کان اڻڄاڻ آهي، مؤثر تبليغ نٿو ڪري سگهي. انهيءَ ڪري اها ڳالهہ طئي آهي تہ هر علائقي ۾ انهن مسلمانن کي ئي تبليغ ڪرڻ گهرجي، جيڪي انهيءَ تهذيب ۾ پيدا ٿيا هجن يا نپجي وڏا ٿيا آهن. اسان کي خبر هئڻ گهرجي تہ ڪهڙي ڳالهہ ڪهڙن قسمن جي ماڻهن تي اثر ڪري ٿي.

اولهہ ۾ گهڻيون ئي مسجدون، جيڪي نسلي ۽ فرقيوارانہ بنيادن تي قائم آهن. مثال طور بريڊفورڊ (برطانيا) ۾ بريلوي فرقي سان بہ اهوئي اهم مسئلو آهي. اهي جرمنيءَ ۾ قائم ترڪي يا البانوي مسجدن وانگر پنهنجي غير مسلم ماحول ۾ تمام گهٽ اسلام ظاهر ڪن ٿا ۽ انهن جي چوڌاري رهندڙ انهن کي لوڪ ورثي ۾ يقين رکندڙ سمجهن ٿا، بنسبت ان جي جو انهن کي مذهبي طبقو ڄاڻايو وڃي.

اهو پڻ هڪ مسئلو آهي، انهن گهڻن ڪتابڙن، رسالن جي سلسلي ۾ جيڪي اولهہ ۾ ذڪر ايشيا کان آندا ويندا آهن. افسوس اهو آهي تہ انهن مان ڪيترائي ورهائڻ کان اڳ ۾ ضايع ڪيا ويندا آهن. پلا

اٽين ڇو؟ انهيءَ ڪري تہ هن معاشري ۾، جتي ڇپيل مواد جي شڪل ۾ صورت ڪي وڏي اهميت ڏني ويندي آهي، ان جو ابتو اثر ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪاغذ، جلد، ٻڌائين، ڇپائي سٺي ناهي ۾ زبان جون غلطيون موجود آهن تہ اهڙو تبليغي مواد ڪهڙي ڪم جو ناهي. انهيءَ ڪري اسلام ڪي غلط فهمين جو جواب لازمي طور انهن ماڻهن ذريعي ڏيڻ گهرجي، جيڪي انهن ماڻهن جي ٻولي غيرملڪي لهجي بغير ڳالهائيندا هجن. جن سان ڳالهايو ويندو آهي.

## فعاليت جي پاليسي اپنايو

جڏهن ڪنهن شخص جي دماغ ۾ ايترا سارا تعصب پاتا ويندا هجن تہ ان ڪي قائل ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو ناهي تہ معذرت وارو يا ردعمل جو رويو اختيار ڪيو وڃي، پر عمليت جو طريقو اپنايو وڃي. اها بظاهر تہ وڏي سادي ڳالهہ آهي. غالباً سڀ ڪان بهتر عمليت پسنداڻو طريقو اهو هوندو تہ اولهہ ۾ رهندي، اسلام ڪي مڪمل طور تي اختيار ڪيو وڃي، نہ ان ڪان وڌيڪ نہ ان ڪان گهٽ. وطن ڇڏي ايندڙ مسلمانن ڪي گهرجي تہ اهي ان ڳالهہ جي بلڪل ابتڙ ٻڌجي وڃن. جنهن ڳالهہ بابت انهن تي الزام مڙهيا پيا وڃن. ڪجهہ عرصو ڏسڻ ڪان پوءِ ۾ اهو ڏسي ڪري تہ زالن ڪي ماريو نہ پيو وڃي، هٿ نہ پيا وڍيا وڃن، ٻار صاف سٿرا آهن، والدين مهذب انداز ۾ رهن ٿا ۾ شراب واقعي استعمال نٿو ڪيو وڃي- ماڻهو اوهان وٽ ايندا، پهرين تجسس وچان ۾ پوءِ تعريف سان گڏ. انهيءَ ڪري وچين صديءَ جي اندلس جي گهٽن مذهبن واري معاشري جي تاريخ ۾ ثقافت تي ليڪچر ڏيڻ، دفاعي انداز ۾ اسلام ۾ دعوت جهڙن موضوعن تي ليڪچر ڏيڻ وڌيڪ فائديمند آهي.

**جوابي ميڊيا تيار ڪريو:** ان جو مطلب اهو ناهي ته اولهه ۾ رهندڙ مسلمانن کي امتيازي سلوڪ ۽ غلط الزامن خلاف، خاص طور تي ميڊيا ۾ وڙهڻ نه گهرجي. اهڙا ادارا موجود آهن. مثال طور اتر آمريڪا ۾ سي اي آءِ آر اهو ڪم سهڻي انداز ۾ ڪري رهيا آهن. پر ان عمل جون ڪجهه حدون آهن. مغربي ميڊيا جنهن تي عام طور صيهوني قوتون حاوي رهن ٿيون، هميشه مضبوط رهندي. سٺي خبر ايتري سٺي نه هوندي آهي، جڏهن ته بري خبر انهن لاءِ يقيناً سٺي خبر هوندي آهي. نه ٿي اسين اولهه ۾ اسلامي ميڊيا قائم ڪري اولهه جي نڪته نظر کي بدلائي سگهون ٿا، سواءِ انٽرنيٽ جي ذريعي. اصولي طور تي اسلامي ٽيليويزن کي صرف مسلمان ئي ڏسندا آهن. ٻئي طرف مسلمانن کي گهرجي ته مسلمان صحافين کي تربيت ڏئي ميڊيا جي اصولن مطابق ان راند ۾ شامل ٿي، اڳ قائم ٿيل ميڊيا ۾ شامل ٿيڻ جي پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي. مثال جي طور اسان کي ايڊيٽر ڏانهن سٺا خط لکڻ سگهجن.

**تعاون ڪيو ٽڪراءُ نه:** مسلمانن کي ان جار ۾ ڦاسڻ کان بچڻ جي وس آهر ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته اهي پنهنجي مخالف اولهه کي عيسائي قرار ڏيڻ شروع ڪن يا سمورين خامين جو سبب عيسائيت کي قرار ڏين. اهو درست آهي ته آمريڪي اڄ به گرجا گهر ۾ عبادت لاءِ ويندا آهن، پر يورپ خوفناڪ حد تائين عيسائيت کان آزاد ٿي چڪو آهي. خوفناڪ ان لحاظ سان جو جيڪي ماڻهو آخرت ۽ ٻي دنيا تي يقين رکن ٿا، انهن تي تبليغ نسبتاً تمام سولي آهي. اصل ۾ مسلمانن کي اولهه ۾ رهندڙ عيسائي ساٿين کي اهو چوڻ گهرجي ته اسين ۽ اوهان هڪڙي ئي ٻيڙيءَ ۾ سوار آهيون، جيڪا لامذهبيت جي سمنڊ تي تري رهي آهي ۽ اهو سمنڊ ڏينهون ڏينهن پکڙجندو پيو وڃي. پهريان ئي عيسائي پادري شهري حقن جي جدوجهد ۾ اڪثر

مسلمانن جا بهترين اتحادي ٿين ٿا.
تعاون ۾ نڪتہ نظر ۾ اها ڳالهہ اڳ ۾ طئي ٿئي ٿي تہ اسين عيسائيت سان گڏ پنهنجي مشترڪ شين تي خاص زور ڏيون. مثال طور ابراهيمي روايت، حضرت عيسيٰ ۽ ان جي ماءُ لاءِ احترام، ۽ اسان جون گڏيل سماجي مصروفيتون، بجاءِ ان جي جو اسين تثليث ۽ خدا جي روپ بدلجڻ وارن ڏکين مسئلن کي ڇيڙيون.

روحاني اسلام کي عقلي انداز ۾ واضح ڪيو ويو. اسلام طرفان جواب ڏيندي، مسلمانن کي اولهہ جي فلسفياڻي تربيت کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي، جنهن جو ذڪر پهرين ٿي چڪو آهي. ان جو مطلب اهو تہ پهرين انهن کي خدا جي وجود تي ڳالهہ ڪرڻ گهرجي، بجاءِ ان جي، جو ان ڪتاب جي باري ۾ بحث ڪن. ائين ڪرڻ سان انهن کي غيرسنجيده قرار ڏئي، ڌڪاريو ويندو. هتي اهو ٻڌائڻ پڻ ضروري آهي تہ مسلمانن جي خدا جي شاهدين بابت ڳالهہ جيتوڻيڪ ڪيتري ئي وزناڻي ۽ تاريخ مان ثابت ڇو نہ هجي، نہ ٻڌي ويندي، پر اهي سائنسي امڪانن جي بنياد تي ڳالهائيندي اهو چئي سگهن ٿا تہ فطرت جي مظاهرن کي ڏسندي، ان ڳالهہ جو امڪان تمام گهٽ پيو ڏيکارجي تہ خدا موجود ناهي. برطانوي سائنسدان رچرڊ پنهنجي ڪتاب "خدا جو وجود" (آڪسفورڊ 1979) ۾ اهوئي طريقو اختيار ڪيو آهي.

صرف اهڙي طرح مسلمان پاسڪل جي مشهور چوڻيءَ تحت اهو نڪتو اٿاري سگهن ٿا تہ الله جي وجود کان انڪار ڪرڻ نہ تہ معقول آهي ۽ نہ ئي دانشمنداڻو ۽ اهو ڏيکاري سگهن ٿا عقليت پرستيءَ انسانيت کي عالمي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچايو آهي. اسان کي ڊينيئل بيل ۽ وليم اوفلس جهڙن حساس مغربي نقادن جو ٿورائتو هئڻ گهرجي، جو انهن جي ڪري اسان پاڻ اولهہ وارن جي ٻڌايل

تهذيبي بحران جي نشانين جو حوالو ڏئي سگھون ٿا. مثال طور خاندان جي تباهي، منشيات ۽ تشدد جو عام هئڻ، سماجي لاڳاپن جو ٽٽڻ، ماحوليات کي خطرناڪ نقصان، هيروشيما ۽ ناگاساڪي ۾ ايٽمي تباهي وغيره. (هتي اسين اهو سوال اٿاري سگھون ٿا تہ انهن شهرن کي تباهہ ڪندڙ بم 'عيسائي بم' هو ڇاڪاڻ تہ پاڪستان جي ايٽمي هٿيار کي 'اسلامي بم' چيو ويندو آهي).

هن وقت اسان جا مغربي ٻڌندڙ اهو پُڇي سگھن ٿا تہ اسلام وٽ انهن برائين ۽ تڪليفن جو ڪهڙو حل موجود آهي. اهڙيءَ طرح اسان مسلمان مبلغ جو ڪم ڪري سگھون ٿا.

**اسلام بطور هڪ متبادل:** ان جو مقصد رواداريءَ جي حق ۾ دليل ڏيڻ ناهي. جوهان ولفگينگ وان گوئٽي اڳ ۾ ئي لکي چڪو آهي: "رواداري صرف هڪ عارضي رويو ٿي سگھي ٿو جيڪو قبوليت ڏانهن وٺي وڃي ٿو. ڪنهن کي صرف برداشت ڪرڻ، ان جي بيعزتي ڪرڻ جي برابر آهي." ان حقيقت کي سامهون رکندي، اولهہ ۾ رهندڙ مسلمانن کي گھرجي تہ اهي پنهنجي قابلِ قبول ٿيڻ جي جدوجهد سان اڳتي وڌي هاڻي اسلام کي هڪ متبادل طور پيش ڪن. ان کي هڪ اهڙي حل طور پيش ڪن، جنهن جي اولهہ کي تهذيب طور باقي رهڻ لاءِ سخت ضرورت آهي. ٻين لفظن ۾ مسلمانن کي گھرجي تہ اهي اسلام کي اولهہ آڏو انهن جي مشڪل مسئلن جي حل طور پيش ڪن. اولهہ کي ٻيهر خاندان جي سالميت حاصل ڪرڻ، احترام ڪندڙ ٻارن لاءِ، ڀائيچاري، نسلي رواداري، معتبريت، پريشاني کي گھٽ ڪرڻ، ذهني استحڪام لاءِ، زندگيءَ جي احترام، صبر ۽ ايڊز جهڙين شين کان سماجي تحفظ لاءِ. اچو تہ اسين اسلام کي ان انداز ۾ پيش ڪريون: مغربي معاشري جي پيچ ڊاهہ کي دور ڪرڻ جي

ذريعي جي طور تي- جتي ماڻهو آن لائن تہ هوندا آهن، پر اصل ۾ اهي پنهنجي اسڪرين جي سامهون بلڪل اڪيلا هوندا آهن. آفريڪي -آمريڪن مسلمان، جن پنهنجي چوڏاري منشيات ۽ ڏوهن کي صرف اسلام تي عمل ڪري پرامن طريقي سان ختم ڪيو آهي. هنن اسلام جي دشمن جي طور اميج کي ختم ڪرڻ ۾ پين مڙني مبلغن کان وڌيڪ بهتر ڪردار ادا ڪيو آهي.

**اسلام، جمهوريت جو علمبردار:** اسين هنن ٽن مسئلن تي اٿندڙ سوالن کان ڪڏهن بہ جان ڇڏائي نٿا سگهون: جمهوريت، انساني حق ۽ عورتن جا حق. مطلب اهو آهي تہ مسلمانن کي اهو چوڻ بند ڪرڻ گهرجي تہ جمهوريت اسلام سان مطابقت نٿي رکي. شيخ يوسف قرضاوي جي چواڻي: "جيڪو بہ اهو چوي ٿو تہ جمهوريت غيراسلامي تصور آهي، اهو اسلام ۽ جمهوريت ٻنهي جي باري ۾ ڪجھ بہ نٿو ڄاڻي."

اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ حضرت ابوبڪر رضہ، حضرت عمر رضہ ۽ حضرت عثمان رضہ دنيا جي تاريخ ۾ سڀ کان پهريان چونڊيل رياست جا سربراهہ هئا. اسان کي اهو پڻ ياد رکڻ گهرجي تہ رسول اللهﷺ احد جنگ جي موقعي تي پنهنجي بهتر جنگي سوچ ويچار جي باوجود شوريٰ جي چوڻ تي عمل ڪيو. اسان کي اها پڻ ڄاڻ هئڻ گهرجي تہ مغربي جمهوريت ۾ بہ هر شيءِ صرف اڪثريت جي مرضيءَ تي ناهي ڇڏي ويندي. انهن سڀني جي آئين ۾ اهڙيون شيون موجود آهن، جن کي ڪڏهن بہ بدلائي نٿو سگهجي. مثال جي طور اختيارن جي ورهاست. اسلامي جمهوريت ۾ بہ پارليامينٽ رياست جي آئين يعني قرآن ۽ سنت جي مقابلي ۾ مقتدر اعليٰ ناهي هوندي. انهيءَ ڪري جمهوريت کي هڪ نظرئي جي طور تي نہ ڏسڻ گهرجي، پر ائين ئي ڏسڻ گهرجي، جيئن اها آهي. يعني اهڙو نظام،

جيڪو انهن ماڻهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ آهي، جيڪي اقتدار ۾ آهن. اهو مسئلو هر هنڌ آهي، صرف مسلمانن لاءِ ناهي.

**اسلام، انساني حقن جو چئمپين:** جيستائين انساني حقن جو واسطو آهي، اسان کي ان نقصان کان بچڻو آهي، جيڪو هن سموري ڪم ۾ مسلمان وڪيلن جي نہ هئڻ سان ٿيو آهي. اها ڳالهہ سوچڻ جهڙي آهي تہ اسلامي قانون اعليٰ ۽ ادنيٰ درجي جي الوهي قانون ۾ فرق نٿو ڪري سگهي، نہ ئي مسلمانن مان اها اميد ڪري سگهجي ٿي تہ اهي انسانن کي حقن جو ڳڙهہ سمجهن، ڇاڪاڻ تہ سيئي حق الله تعاليٰ جي طرفان ڏنا ويا آهن. بهرحال اها ڳالهہ آسانيءَ سان ثابت ڪري سگهجي ٿي تہ قرآني قانون انهن سيني حقن جو تحفظ ڪن ٿا، جيڪي اولهہ ۾ بنيادي انساني حق سڏجن ٿا. مثال طور جڏهن قرآن قتل کي ڏوهہ قرار ڏيندي هڪ شخص جي قاتل کي پوري انسانيت جو قاتل قرار ڏئي ٿو تہ ڇا ان سان قانوني طور تي اهو طئي نٿو ٿئي تہ زندگي هڪ انساني حق آهي؟ جڏهن چوريءَ جي سخت سزا ڏني وڃي ٿي تہ ان مان اهو پتو نٿو پوي تہ ملڪيت جو حق انساني حقن مان هڪ حق آهي. ان جو مطلب اهو ناهي تہ اسلام ۾ موجود انساني حق، گڏيل قومن يا يورپي ڪائونسل جي انساني حقن جي چارٽر جي برابر آهن. ان ۾ سزائن بابت اختلاف آهن، مسلمان هئڻ جي ناتي اسين اهو ڄاڻون ٿا تہ الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو آهي تہ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري برابر ناهن (3:36). پر مسلمان پنهنجو اميج اڃا وڌيڪ بهتر ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن اهي انساني حقن جي باري ۾ ٿيندڙ بحث ۾ وڌيڪ تعميري انداز ۾ حصو وٺن، ائين نہ جو ڪين ڪجهہ لڪائڻو پوي.

## عورتن جي حقن جو مسئلو:

جيستائين اسلام ۾ عورتن جو تعلق آهي، سيئي مسلمان ڄاڻن ٿا ته:

- دنيا جي اڌ کان وڌيڪ آبادي عورتن تي مشتمل آهي. ڪا به تهذيب جيڪا انهن جي صلاحيتن مان فائدو نه وٺندي، آخر ۾ نقصان ۾ رهندي.
- 'حرم' جي روايت هميشه کان غيراسلامي آهي.
- عورتن جو منهن لڪائڻ بابت اسلام ۾ ڪي به حڪم نه آهن.

اچو اسين اجا وڌيڪ واضح ڪندا هلون. سوره النساء جي آيت نمبر3 جيڪا گهڻين شادين جي باري ۾ آهي، اهڙن بابن تي مشتمل آهي، جيڪي يتيمن بابت آهن. پوءِ مرد، ان آيت 4:3 جو حوالو صحيح انداز ۾ ۽ مڪمل طور تي ڇو نٿا ڏين. اهي ڇو پيا چون ته آيت ۾ چيو ويو آهي ته شاديون ڪريو پنهنجي پسند جي ٻن ٻن، ٽن ٽن ۽ چئن چئن عورتن سان، جڏهن ته اهي شروع ۾ لڳايل شرطن کي نظرانداز ڪن ٿا ته "جيڪڏهن اوهان کي اهو گمان هجي ته اوهان يتيمن سان انصاف نه ڪري سگهندؤ" مرد اهو چاڪاڻ پيا ظاهر ڪن ته اهي الله کي وڌيڪ ڄاڻن ٿا ۽ ساڳي سورة جي 129هين آيت کي نظرانداز ڪن ٿا، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته: "اوهان پنهنجين عورتن سان انصاف نه ڪري سگهندؤ، توڙي جو اوهان جي دلي خواهش ئي ڇو نه هجي."

اهي مرد، جيڪي پاڻ کي سنت جو پابند سمجهن ٿا، اهي سورة النساء جي بنياد تي پنهنجين زالن کي مار ڪُٽ ڪرڻ کي ڪيئن جائز سمجهن ٿا (4:34).

مرد عورتن جا محافظ آهن. چاڪاڻ تہ الله تعاليٰ هڪ کي ٻئي جي مقابلي ۾ وڌيڪ طاقتور بڻايو ۽ چاڪاڻ تہ اهي پنهنجن ذريعن سان انهن جي پرورش ڪن ٿا. انهيءَ ڪري نيڪ عورتون پوري طرح وفادار هونديون آهن ۽ (مردن جي) غيرموجودگي ۾ ان جي حفاظت ڪنديون آهن. جيڪا شيءِ خدا تعاليٰ انهن کي حفاظت لاءِ ڏني آهي. اهڙيون عورتون، جن جي باري ۾ اوهان اهو محسوس ڪريو تہ اهي بي وفا يا بدڪردار آهن تہ انهن کي (پهرين) خبردار ڪريو پوءِ انهن جا بسترا الڳ ڪريو (۽ آخر ۾) انهن کي ماريو (نرميءَ سان) پر جيڪڏهن اهي فرمانبرداريءَ تي واپس اچن ٿيون تہ انهن جي خلاف ناراضگيءَ جا بهانا نہ ڳوليو." اها ڳالهہ چڱيءَ طرح ڄاڻندي تہ رسول الله ﷺ جن ڪڏهن بہ پنهنجي ڪنهن زال کي نہ ماريو، مرد آخر اها ڳالهہ ڪڏهن سمجهندا تہ مردن کي عورتن جي مقابلي ۾ طاقتور بڻايو ويو آهي، ان جو مطلب اهو ناهي تہ مرد عورتن کان برتر مقام رکن ٿا، پر ان جو مطلب اهو آهي تہ مرد، عورتن کي تحفظ ڏين.

مرد اهو ڪڏهن سمجهندا تہ قرآن جي آيت 2:228 بہ انهن کي برتري نٿي ڏئي، پر طلاق بابت قانوني پيچيدگي کي واضح ڪري ٿي؟ 2:228 لاڳاپيل عورتن کي گهرجي تہ اهي ٽي مهينا عدت جو انتظار ڪن. انهن لاءِ اهو جائز ناهي تہ اهي ان شيءِ کي لڪائين، جيڪا الله تعاليٰ انهن جي رحمن ۾ پيدا ڪئي آهي، جيڪڏهن اهي الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي يقين رکن ٿيون ۽ سندن مڙسن کي اهو اختيار آهي تہ اهي ان مدت دوران انهن کي واپس وٺن، جيڪڏهن ناهہ ڪرڻ چاهين ۽ عورتن کي بہ انهن جي مقابلي ۾ اهڙا ئي حق حاصل آهن، جيڪي انصاف مطابق آهن. پر مردن کي انهن تي هڪ درجو (اڳرائي) آهي ۽ الله سڀ کان وڌيڪ طاقتور ۽ عقل وارو آهي."

مرد اهو ڪڏهن مڃيندا تہ حجاب واري آيت (33:53) صرف ذاتي ۽ اجتماعي جڳهہ ۾ فرق ڪرڻ لاءِ آهي ۽ اهو تہ امهات المؤمنين جن لاءِ وڏيڪ احترام لاءِ انهن کي اهڙو درجو ڏنو ويو آهي، جيڪو ڪا بي عورت حاصل نٿي ڪري سگهي؟

"33:53. اي ايمان وارؤ! رسول الله جي گهر ۾ ان وقت تائين داخل نہ ٿيو جيستائين اجازت نہ ڏني وڃي. کاڌي جي لاءِ ۽ (ايتري جلدي) نہ جو ان جي تياريءَ جو انتظار ڪرڻو پوي، سواءِ ان جي جو اوهان کي دعوت ڏني وئي هجي، داخل ٿي وڃو ۽ جڏهن کائي چڪو تہ رسمي ڳالهيون ڪرڻ بجاءِ واپس موٽي وڃو. اهڙو (رويو) رسول پاڪ کي ڏکيو لڳي ٿو. کين اوهان کي وڃڻ لاءِ چوڻ شرم ٿئي ٿو پر الله تعاليٰ سچ ٻڌائيندي نٿو شرمائي ۽ جڏهن اوهان انهن جي عورتن کان ڪا شيءِ گهرو تہ پردي جي ٻاهران گهرو اهو اوهان لاءِ ۽ انهن جي دلين جي وڏي پاڪيزگيءَ لاءِ ضروري آهي. اوهان لاءِ اهو بہ جائز ناهي تہ اوهان الله جي نبيءَ کي ناراض ڪريو ۽ نہ ئي وري اهو تہ اوهان ان جي وفات کان پوءِ سندس زالن سان ڪڏهن بہ شادي ڪريو. سچ آهي تہ اهڙي ڳالهہ الله وٽ هڪ وڏو ظلم آهي."

اسلام جا اولهہ ۾ پکڙجڻ جا ايستائين ڪي بہ امڪان ناهن، جيستائين مسلمان پنهنجين زالن کي اهي حق ۽ آزاديون نہ ٿا ڏين، جيڪي الله تعاليٰ طرفان ڏنا ويا آهن ۽ جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي.

مون ان خوف جو پڻ ذڪر ڪيو هو تہ ڪنهن بہ مغربي ملڪ ۾ مسلمانن جي اڪثريت هڪ بنياد پرستاڻو نظام قائم ڪندي، جنهن ۾ شراب ۽ سوئر جو گوشت عيسائين لاءِ حرام هجي. ان جي پيش نظر ضروري آهي تہ مسلمان پنهنجن غيرمسلم پاڙيسرين سان اسلام ۾ ڏنل مذهبي اجتماعيت جي ضمانت سان ملن. مسئلو اهو

آهي تہ اولهہ گذريل پنج سو سالن کان، جڏهن کان يهودين کي ۽ اسپين مان مسلمانن کي ٻاهر ڪڍيو ويو هو ٻين مڙني مذهبن کي ختم ڪري، هڪ مذهبي نظام قائم ڪري رکيو آهي.

اهو ڪيٿولڪ جي عقيدي جي مطابق آهي تہ ڪليسيا کان ٻاهر ڪا بہ نجات ممڪن ناهي ۽ ڪيٿولڪ ۽ پروٽسٽنٽ عيسائين وچ ۾ ان معاهدي جو پڻ نتيجو آهي، جنهن مطابق حڪمرانن جو عقيدو سموري عوام جو عقيدو طئي ڪيو ويو آهي.

انهيءَ ڪري اولهہ جي ماڻهن جو خيال آهي تہ جيڪڏهن مسلمانن کي موقعو ملي ويو تہ اهي تہ اسلام زبردستي مڙهيندا. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ تبليغ دوران اها ڳالهہ واضح ڪئي وڃي تہ مسلم دنيا، خاص طور تي مصر، لبنان ۽ پوري سلطنت عثمانيہ گهڻ مذهبي هئي. ان سلسلي ۾ مسلمانن کي سورة البقره ۽ سورة المائده مان رهنمائي وٺڻ گهرجي:

"2:256 اسلام ۾ ڪا زبردستي نہ ڪريو. حق باطل جي مقابلي ۾ واضح ٿي سامهون اچڻو آهي. جيڪو بہ باطل کي رد ڪندو ۽ الله تي ايمان رکندو، ان سڀ کان وڌيڪ اعتماد واري رسيءَ کي جهليو جيڪا ڪڏهن بہ ٽٽڻ واري ناهي ۽ الله سڀ ڪجهہ ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو."

5:51_"اوهان لاءِ اسان جيڪو ڪتاب موڪليو جنهن ۾ انهن ڪتابن جي تصديق آهي، جيڪي ان کان اڳ لاٿا ويا هئا ۽ ان کي محفوظ ڪيو. انهيءَ ڪري ان سان انصاف ڪريو ان جي ذريعي جيڪي الله تعاليٰ نازل ڪيا آهن ۽ ان جي ناجائز خواهشن تي نہ هلو ۽ ان حق کان ڦري نہ وڃو جيڪو اوهان کي ڏنو ويو آهي. اسان اوهان سڀني کي هڪ قانون ۽ ڪليل رستو ڏنو آهي. جيڪڏهن خدا چاهي ها تہ اهو اوهان سڀني کي هڪ ئي امت بنائي ها، پر (سندس

ارادو) اوهان کي ان ذريعي آزمائڻ جو هو جيڪو هن اوهان کي ڏنو. انهيءَ ڪري نيڪي ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي نڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. اوهان سڀني جي منزل خدا آهي. اهوئي آهي، جيڪو اوهان کي انهن معاملن ۾ سچ جو ڏس ڏيندو جن تي اوهين جهيڙو ڪريو ٿا.“

هي آيت مذهبي اجتماعيت جي لاءِ مشهور آهي، جنهن کي عيسائي ۽ لامذهبن لاءِ قبول ڪرڻ مشڪل آهي. ان جو حوالو ڏئي اسين پاڻ کي رواداريءَ جي تحريڪ جو مضبوط دستو ثابت ڪري سگهنداسين.
جڏهن. اسين ان جو حوالو ڏيندا آهيون ته اهو نه چوندا آهيون ته سمورا مذهب برابر حقن جي نمائندگي ڪن ٿا يا برابر طور تي غلط آهن، پر اسين اهو مڃيون ٿا ته هر مذهب ۾ ڪجهه نه ڪجهه سچ موجود آهي ۽ جيئن ته صوفي سڀورا هميشه کان چاهيندا هئا ته ماڻهن وٽ خدا تائين پهچڻ جا مختلف طريقا آهن. اسلام اهو مذهب آهي، جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ مقدار ۾ سچ آهي. ٻين مذهبن ۾ کوٽ تي چڪي آهي. ان جو سبب ان جو توحيد جو عقيدو آهي ۽ اهو يقين آهي ته الله برتر ۽ وڏو آهي.

## اسلامي ڀائيچاري بابت سوال:

تبليغ لاءِ مقامي مسلمانن جي ذميواريءَ کي اجاگر ڪندي، مسلمانن لاءِ اولهه ۽ اوپر جي خوشحال ملڪن مان مالي مدد کي رد نٿو ڪري سگهجي. اولهه جا مُلڪ نوآبادياتي دور ۾ عيسائي اقليت لاءِ مداخلت ڪرڻ ۾ ڪا به هٻڪ محسوس نه ڪندا هئا. پرڏيهي قانون بدلجي چڪو آهي، پر هينئر به مسلمان حڪومتن لاءِ ممڪن آهي ته ٻين ملڪن ۾ پنهنجن شهرين جي ترقيءَ لاءِ دلچسپي وٺن. ان

ڳالهہ جو وڏو ۾ سنو اثر ٿئي ٿو جڏهن مسلمان ملڪن جا سفير ڪنهن مغربي ملڪ ۾ مسجد، اسلامي اسڪول يا تعليمي ادارن جي تعمير ۾ مدد ڏين ٿا يا جڏهن اهي غيرمسلمن کي افطار جي دعوت ڏين ٿا. ٻاهرين مدد کان سواءِ، اهو بنيادي ڍانچو جنهن جي اسلام کي ضرورت آهي۔ آسٽريا، جرمني يا اٽلي ۾ نہ پئي بڻجي سگهيو. ان ۾ بيشڪ هڪ خامي آهي، تہ جيڪي ماڻهو پئسو ڏين ٿا، اهي پنهنجو عمل دخل بہ رکن ٿا. اهو عمل سنو نہ هوندو آهي، جيڪڏهن اسلام جي باري ۾ اولهہ ۾ اهو تصور رهي تہ اهو هڪ عرب مذهب آهي يا ٻاهران اينڌڙ ماڻهن جو مذهب آهي. اڪثر ڪري مذهب تبديل ڪندڙ ڏيکاءَ لاءِ عرب بڻجڻ پسند نہ ڪندا آهن. اهو سچ آهي تہ جبرائيل عليہ السلام رسول الله ﷺ سان سندس زبان عربي ۾ ڳالهايو هو ۽ مسلمانن جون مقدس جايون عرب ۾ آهن. پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ جيڪي ماڻهو اسلام قبول ڪن، ڪين ستين صدي عيسويءَ جي قريشي عربن وانگر ڪپڙا پائڻ گهرجن ۽ ائين ئي اٿڻ ويهڻ، رهڻ گهرجي. جيڪڏهن اسين اهو تصور ڪنداسين تہ اسين مغرب ۾ ننڍي ثقافت جو اسلام پکيڙي سگهون ٿا.

## پڄاڻي

ان جي جواب ۾ ڇا نہ ڪرڻ گهرجي؟ اولهہ ۾ وطن ڇڏي اينڌڙ ڪجهہ مسلمان اسلام کي مغرب لاءِ قابل قبول بنائڻ لاءِ ايتري قدر خواهشمند هوندا آهن، جو بجاءِ اولهہ کي اسلام جو رنگ ڏيڻ جي، اهي اسلام تي مغربيت جو رنگ چاڙهيندا آهن. ان رجحان جو نتيجو "يورو اسلام" آهي. اهڙو مذهب، جنهن ۾ گهڻو يورو ۽ تمام گهٽ اسلام آهي. ان تصور کي عام طور تي اهڙن ماڻهن اڳتي وڌايو آهي، جن کي "ثقافتي مسلمان" چيو وڃي ٿو. يعني اهي ماڻهو

جيڪي عبادت نٿا ڪن، يا حج لاءِ نٿا وڃن، پر دعوي ڪن ٿا تہ الله انهن جي دل ۾ موجود آهي.

اهڙا ئي ماڻهو مثال طور جيڪي شڪايتون ڪن ٿا تہ اسلام ۾ سڌاري ۽ روشن خياليءَ جهڙن تحريڪون نہ پيدا ٿيون، جيئن مغرب ۾ ٿيو. اسلام کي ان قسم جي سڌاري ۽ جديد عقليت پرستي کي اپنائڻ جي ضرورت ناهي، جيئن ڪيلون ۽ لوٿر ڳالهہ ڪئي. توڙي جو اسلام حال ۾ ئي پنهنجي اونداهين دور کان ڏنو پر اها تجويز هڪ مغالطو آهي. اسلام بنيادي طور تي هڪ سڌارو آهي، جنهن عيسائيت جو سڌارو ڪيو ۽ ان جي حضرت عيسيٰ، تثليث، نجات ۽ صليب، ۽ ازلي گناهہ جي تصورن جو سڌارو ڪيو. ٻيو تہ اسلامي دنيا کي ڪڏهن بہ هڪ جابر ڪليسا ۽ ٿيوڪريسي کان نجات ڏيارڻي ناهي پئي، ڇاڪاڻ تہ اهڙي ڪا بہ شيءِ اسلام ۾ موجود ئي نہ هئي. مسلمانن هميشہ مذهب ۽ رياست ۾ فرق رکيو آهي.

اها اصل ۾ هڪ زبردستي آهي تہ مسلمانن کي چيو وڃي تہ اهي ترقيءَ جي انهيءَ ماڊل تي هلن، جيڪو اولهہ اختيار ڪيو آهي ۽ جنهن جي باري ۾ مغرب پاڻ بہ هاڻي شڪن جو شڪار آهي ۽ مسلمانن کي انهيءَ واٽ تي هلڻ لاءِ چيو وڃي، جنهن تي هلي، عيسائيت عقليت پرستي سان لامذهبيت ڏانهن پهتي. ائين ناهي تہ سيڪيولرازم جي معاملي ۾ مغرب تہ درست آهي ۽ باقي دنيا غلط واٽ تي هلي نڪتي آهي. ان کان اڳ ڪڏهن ڪا اهڙي تهذيب زنده ناهي رهي، جيڪا لامذهب هجي ۽ اڳ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو تہ پوري جي پوري تهذيب پنهنجي خوشيءَ سان لامذهبيت اختيار ڪئي هجي.

ثقافتي مسلمان جو عنصر، جن ۾ ترڪي علوي بہ شامل آهن، هڪ بئي سبب ڪري هاچيڪار آهي. صرف نالي جي مسلمانن کي قابو ڪرڻ مغربي حڪومتن لاءِ تمام سولو آهي. اهي نماز لاءِ ڪم کي نٿا روڪين، اهي روزا نٿا رکن، اهي سڀ ڪجهہ کائين ۽ پيئن ٿا، اهي حج لاءِ وڃڻ نٿا چاهين، اهي مسجدن جي تعمير نٿا ڪرائڻ چاهين ۽ انهن جي مينارن مان نماز لاءِ اذان پڙ نٿا ڏين، هو پنهنجي طريقي سان جانور ذبح ڪرڻ نٿا چاهين، پنهنجي طريقي جو ويس پهرڻ نٿا چاهين، ۽ پنهنجن مُردن کي پنهنجي طريقي سان دفنائڻ نٿا چاهين۔ ڪيتري قدر آسان آهي.

مسئلو اهو آهي تہ اهي سُني مسلمان، جيڪي متين مڙني شين جو مطالبو ڪن ٿا، جيڪڏهن ممڪنہ دهشتگرد نہ بہ هجن تہ اهي انقلابي، انتهاپسند، بنيادپرست نظر اچن ٿا. ان ڪري بددل ٿي مغربي حڪومتون پُڇي سگهن ٿيون: ”ڇا تون ائين معقول نٿو ٿي سگهين، جيئن بيا مسلمان آهن؟“

# مغرب ۾ اسلام جو تصور

پروفيسر انيس احمد

تصور عام طور تي عارضي هوندا آهن ۽ اڪثر حقيقتن کان گهٽو مختلف هوندا آهن، پوءِ بہ اهي ماڻهن، ملڪن ۽ ثقافت جي باري ۾ اسان جي سمجهہ جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. مسلمان ۽ اسلام جو تصور يارهن سيپٽمبر جي واقعن کان پوءِ عام طور تي دهشتگردي، تشدد ۽ انساني جانين جو قدر نہ ڪرڻ تي ويو آهي. ان کان ويجهو جيڪو تصور موجود آهي، اهو بيئر ليس يا صابرا ۽ شتيلا جي قتل عام کان پوءِ جو يهودي آهي، جڏهن دنيا جي ماڻهن کي اهو يقين ٿيو تہ هر يهودي قاتل، صيهوني ۽ نسل پرست آهي.

تاريخ جي آئيني ۾ ڏٺو وڃي تہ ان قسم جا متعصباڻا خيال گهڻن مذهبن، ثقافتن ۽ نسلن جي ماڻهن جي باري ۾ پاتا ويندا آهن. اهو پهريون موقعو ناهي، جو مسلمانن کي پُرتشدد، انتها پسند ۽ "بنياد پرست" سڏيو ويو آهي. افسوناڪ ڳالهہ تہ اها آهي تہ اها ئي مغربي ميڊيا جيڪا اسلامي رجحان رکندڙ سياسي جماعت جي جمهوري طور تي چونڊيل، مغرب مان تعليم يافتہ ماڻهن کي ممڪنہ بنيادپرست سڏي ٿي، ان ڪڏهن بہ اسرائيلي رياست جي فلسطينين خلاف کلي طور دهشتگرديءَ کي تشدد نہ چيو آهي. ان تعصب جا سبب ڪهڙا آهن، اهو ڄاڻڻ لاءِ اسان کي تاريخ جو جائزو وٺڻو پوندو.

تاريخي طور تي اسلام جو پنهنجي چوڌاري جي ثقافتن سان رابطو مذهب ظاهر ٿيڻ جي ڏهن سالن جي اندر اندر تي چڪو هو. وڌيڪ باقاعده تعلق ان وقت ٿيو جڏهن مسلمانن مان ڪجهہ ماڻهن رسالت

جي پنجين سال حبشہ ڏانهن هجرت ڪئي ۽ پوءِ جڏهن رسول الله ﷺ ۽ نجران جي عيسائين وچ ۾ هجرت جي نائين سال هڪ معاهدو طئي ڪيو ويو هو. مسلمانن جي رومين سان جنگ پڻ تي هئي. مسلمانن جي يوناني فلسفي کي محفوظ ڪرڻ ۽ پاڻ انهن جي پنهنجي فلسفياڻي علمن ۾ تحقيق انهن ڪمن مان هئي، جنهن سبب يورپ ۾ نشاة ثانيہ ظاهر ٿي. يورپ جي علمي ماحول تي انهن جا اثر وڏيڪ چٽا هئا. يورپ ۾ مذهبي طبقو اهو يقين رکندو هو تہ اسلام جو مقابلو وڏيڪ مناسب طور تي مادي سطح تي ڪري سگهجي ٿو. جرمن مصلح مارٽن لوٿر (1546_1483) جو خيال هو تہ اسلام "عيسيٰ جي مخالفت ۾ هڪ پرتشدد تحريڪ هئي" ۽ اهو تہ ان کي تبديل نٿو ڪري سگهجي "پر تلوار جي ذريعي روڪي سگهجي ٿو ۽ اهو اجا بہ مشڪل سان".

شايد اسلام کي هڪ پرتشدد تحريڪ سڏڻ جو وڏو سبب اهو هو تہ جهاد (جهدوجهد) کي غلط طور تي "مقدس جنگ" سمجهيو ويو هو. مقدس جنگ جو لفظ هڪ دفعو بہ قرآن پاڪ ۾ يا رسول الله ﷺ جي حديث ۾ استعمال ناهي ڪيو ويو. ايستائين جو فقہ ۾ بہ جتي غيرمسلمن سان جنگ جو ذڪر آهي، اتي بہ اهو اصطلاح استعمال ناهي ڪيو ويو. مقدس جنگ جو اصطلاح خالص عيسائي اصطلاح آهي، ۽ عيسائي ڪليسيا 1091ع ۾ متعارف ڪرايو. جنهن کان پوءِ 1291ع ۾ اَٺ صليبي جنگيون ٿيون. اهو اصطلاح ڪليسيا، گهڻوڪري ميٿيو جي آيت 10:34 جي لفظي تشريح سبب سامهون آهي "اهو نہ سوچيو تہ آءُ زمين تي امن موڪليندڙ آهيان، آءُ امن نہ، پر هڪ تلوار موڪلڻ وارو آهيان."

قرآن ۽ حديث ۾ جهاد جو لفظ جامع ۽ وسيع تر معنائن ۾ ڏاڍ، جبر، انساني حقن جي لتاڙ جهالت ۽ غربت جي خلاف جدوجهد لاءِ

استعمال ڪيو ويو آهي. "۽ ان وقت تائين وڙهندا رهو جيستائين ظلم ختم نہ ٿي وڃي ۽ دين تہ الله لاءِ ٿي آهي." (الانفال 8:39) ان ۾ وڏيڪ چيو ويو آهي تہ "جيڪي وڙهن ٿا، انهن کي اجازت آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن سان ظلم ٿيو آهي ۽ الله ٿي انهن کي سوڀ ڏيندڙ آهي. اهي، جن کي انهن جي گهرن مان صرف انهيءَ ڪري ناحق ڪڍيو ويو آهي، جو هو چون ٿا تہ اسان جو معبود الله آهي ۽ جيڪڏهن اهو الله لاءِ نہ هجي ها تہ ڪليسيا، هيڪل ۽ مسجدون جتي الله جو نالو ورتو پيو وڃي، انهن کي يقيناً ڊاٺو وڃي ها. يقيناً الله انهن جي مدد ڪندو آهي، جيڪي ان جّي مدد ڪندا آهن ۽ الله مضبوط ۽ طاقت وارو آهي. (الحج 40_22:39) انهيءَ ڪري جهاد جّو مقصد بالڪل واضح لفظن ۾ ناانصافي، ڏاڍ ۽ جبر جي خلاف وڙهڻ ۽ نہ صرف مسلمانن جي، پر عيسائين ۽ يهودين ۽ ٻين ماڻهن جيّ پڻ مذهبي آزادي ۽ حقن جي حفاظت ڪرڻ آهي.

اسلام جي تبديل ٿيل تصور جو هڪ سبب صحيح ڄاڻ جي کوٽ آهي. ان سلسلي ۾ وڏيڪ نقصان ميڊيا ۽ ڪن ليکڪن پهچايو آهي، جن پنهنجن پڙهندڙن کي غلط ڄاڻ ڏني. جيئن ايسپوسيٽو جو چوڻ آهي: "اسلام ۽ محمدﷺ جا تبديل ٿيل خاڪا وڏي اهتمام سان تيار ڪيا ويا ۽ ان سلسلي ۾ ڄاڻ جي درستگيءَ تي ڪا بہ توجهہ نہ ڏني وئي. عام طور تي عقيدا، مثال طور هڪ کان وڏيڪ معبودن کي مڃڻ، سوئر جو گوشت کائڻ، شراب پيئڻ ۽ جنسي بي راهہ روي جيڪي اسلام جي بلڪل خلاف حرڪتون آهن، انهن کي اسلام ۽ ان جي پيغمبرﷺ سان منسوب ڪيو ويو." (نعوذبالله)

سماجي ۽ ثقافتي، سياسي يا تاريخي نڪتہ نظر سان اسلام ۽ مسلمانن تي ڪيل تحقيق ۾ بہ اسلام کي هڪ مشرقي مذهب يعني ترڪن ۽ عربن جي مذهب طور پيش ڪيو ويو. ايستائين جو اهي

مؤرخ، جن کي عرب وسيلن تائين پهچ حاصل هئي، انهن بہ اسلام جي تاريخ کي عربن جي تاريخ چوڻ تي ترجيح ڏني.

اسلام کي هڪ اهڙي مذهب طور پڻ پيش ڪيو ويو، جيڪو وراثت، قانوني شاهدي ۽ سياسي قيادت جي سلسلي ۾ عورتن سان ناانصافي پيو ڪري. حالانڪ اڄ جي جمهوري دنيا ۾ عورتن کي مسلمان ملڪن مثال طور ترڪي، بنگلہ ديش ۽ پاڪستان ۾ حڪومت جو سربراهہ چونڊيو ويو آهي. اهو عقيدو تہ اسلام ۾ عورت جي شاهدي مرد جي مقابلي ۾ اڌ ڏني وئي آهي، عام طور تي اِهو ثابت ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو ويندو آهي تہ اسلام عورتنِ سان فرق ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ اسين هيٺين آيتن جو تجزيو ڪريون. هن آيت ۾ چيو ويو آهي تہ: "۽ پنهنجن مردن کي شاهديءَ لاءِ گهرايو ٻن مردن کي ۽ جيڪڏهن ٻہ مرد نہ ملن تہ هڪ مرد ۽ ٻن عورتن (کي گهرايو) تہ جيئن هڪ غلطي ڪري تہ ٻي کيس ياد ڏياري" (البقره 2:282) فرض ڪيو تہ هڪ مالي واپار جو معاملو آهي، جنهن لاءِ هڪ مرد (زيد) ۽ ٻن عورتن (عائشہ ۽ صائمہ) شاهدن طور صحيحون ڪيون آهن. پوءِ اهو معاملو عدالت ۾ چيلنج ڪيو ٿو وڃي. جتي زيد، شاهد جي طور تي تصديق ڪري ٿو جڏهن تہ صائمہ کي درست طور تي ياد ناهي، پر عائشہ کي ڏيتي ليتي جي باري ۾ چڱيءَ طرح ياد آهي. هاڻي عدالت صائمہ جي ڳالهہ کي نظرانداز ڪندي تہ هوءَ يلجي چڪي آهي، يا پريشان آهي، ۽ عائشہ ۽ زيد جي شاهديءَ کي قبول ڪندي. يعني آخرڪار اسين هڪ مرد ۽ هڪ عورت جي شاهديءَ کي قبول ڪري رهيا هونداسين، جيڪو نہ تہ هڪ امتيازي سلوڪ آهي ۽ نہ ئي عورت جي شاهديءَ کي اڌ چوڻ جي برابر آهي.

فوجداري معاملن ۾ مثال طور زبردستي زنا يا قتل اسلامي قانون هڪ عورت جي شاهديءَ کي پڻ اهڙيءَ طرح معتبر ۽ حتمي مڃي ٿو جهڙيءَ طرح هڪ مرد جي شاهديءَ کي. اها ڳالهه افساني کان وڌيڪ ڪجهه به ناهي ته اسلام ۾ زبردستي زنا جي ثبوت لاءِ چئن اکين ڏٺن شاهدن جي ضرورت آهي. رسول پاڪ ﷺ جي حديث ۾ اها ڳالهه واضح ڪئي وئي آهي ته زبردستي زنا جي صورت ۾ صرف متاثره ماڻهو ئي حتمي قانوني شهادت آهي ۽ ان کي چار شاهد آڻڻ جي ضرورت ناهي.

گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ بنيادپرست ۽ بنيادپرستيءَ جو اصطلاح اسلام ۽ مسلمان جي سلسلي ۾ ايترو ته وڌيڪ استعمال ڪيو ويو آهي، جو اڄ جيئن ئي ڪو شخص پنهنجو پاڻ کي مسلمان جي طور سڃاڻپ ڪرائي ٿو ته ماڻهو ڪيس فوري طور بنياد پرست سمجهن ٿا. هڪ تازي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته صرف هڪ اخبار دي ڊيلي ٽيلي گراف نومبر 1994 ۽ مئي 1997 جي دوران 194 اهڙيون تحريرون ڇاپيون، جن ۾ بنيادپرستيءَ جو اصطلاح استعمال ڪيو ويو هو. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ان ۾ 142 دفعا ان کي اسلام جي حوالي سان استعمال ڪيو ويو.

سياستدان ۽ علمي شخصيتن چيو ته اسلامي بنيادپرستي هڪ سخت خطرو آهي. نيٽو جي سيڪريٽري جنرل جو چوڻ آهي: ”مسلمان بنيادپرستي گهٽ ۾ گهٽ ايتري خطرناڪ ضرور آهي، جيترو ڪميونزم هو. ان خطري کي گهٽ نه سمجهو.... ان دور جي پڄاڻيءَ تي اهو هڪ سخت خطرو آهي، ڇاڪاڻ ته اها دهشتگردي، مذهبي بنيادپرستي ۽ سماجي ۽ معاشي انصاف سان ڏاڍائي ڪري ٿي.“ هنن اڃا هڪ وک اڳتي وڃي ٿو ۽ اسلام کي بذات خود هڪ مسئلو چوي ٿو. ”اولهه لاءِ اصل مسئلو اسلامي بنيادپرستي

ناهي، پر پاڻ اسلام آهي. اها هڪ الڳ تهذيب آهي، جنهن جي ماڻهن کي پنهنجي ثقافت جي برتر هئڻ جو يقين آهي ۽ پنهنجي طاقت جي کوٽ جو شديد احساس آهي.“

اسلامي تحريرن ۾ بنيادپرست ۽ بنيادپرستيءَ جو ٻيو لفظ موجود ناهي. اسلامي ڪتاب، قرآن ۽ سنت ۽ قانوني ڪتابن ۾ پڻ ڪڏهن بنيادپرستيءَ کي ٻئي لفظ سان استعمال ناهي ڪيو ويو. قرآن ۾ مؤمن جي تشريح اها ڪئي وئي آهي ته هو پنهنجي عقل، تجزيي ۽ تنقيد جي صلاحيتن ذريعي الله جي ٻانهپ جو شعوري فيصلو ڪري ٿو. عقيدي کي ڪڏهن به انڌو يقين ناهي چيو ويو. ان جي اُبتڙ جڏهن قرآن انهن جي عقيدن جي ڳالهه ڪري ٿو، جن کي حسياتي طور تي ثابت نٿو ڪري سگهجي، مثال طور قيامت يَا الله جون صفتون، ته انسان کان ها گهرج پئي ڪئي وڃي ته هو عقلي طور ته انهن شين تي غور ڪري، جن جي تصديق ممڪن آهي ۽ انهن شين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري، جن جي مادي تصديق ممڪن ناهي.

هتي اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته بنيادپرستيءَ لازمي طور تي هڪ عيسائي اصطلاح آهي، جيڪا ارڙهين صديءَ ۾ يورپ ۾ استعمال ٿيندي رهي ۽ ويهين صديءَ جي شروع ۾ آمريڪا ۾ استعمال ٿي. 1886 ۾ ڊواٽلائٽ ايل موڊي شڪاگو ۾ هڪ بائيبل ٽريننگ اسڪول کوليو. 1908 ۾ اهڙو ئي هڪ اسڪول لاس اينجلس ۾ کوليو ويو. 1919 ۾ فلاڊيلفيا ۾ عيسائي بنيادپرستن جي عالمي ڪانفرنس گهرائي وئي. ڇهن هزارن کان وڌيڪ عيسائين، عيسائي بنيادپرستن جي عالمي ايسوسيئيشن جي قيام جو فيصلو ڪيو. 1924 ۾ ڊلس ۾ مذهبي تعليمي ادارو قائم ڪيو ويو جڏهن ته انڊيپينڊنٽ چرچ آف آمريڪا 1930 ۾ قائم ٿيو. پرسبائيٽرين چرچ

آف يوايس اي ۽ ورلڊ باپٽسٽ ڪنوينشن 1931 وجود ۾ آيا.

عيسائي بنيادپرستيءَ جو بنيادي نظريو صرف ٽن لفظن تي ٻڌل آهي: متن تي انحصار، جديديت جي مخالفت ۽ ظاهريت پسندي. انهن ٽنهي اصطلاحن مان هڪ اهڙو ذهن تيار ٿئي ٿو جيڪو توريت کي انهن جي لفظن موجب سمجهڻ چاهي ٿو ۽ ان ڳالهه جي ڪا بہ ضرورت محسوس نٿو ڪري تہ توريت جي تشرح ۽ تفسير ڪئي وڃي. سائنسي حقيقتون، جن جو ذڪر توريت ۾ آيو آهي، انهن جي عقيدي جي گهرج سمجهي پئي وڃي. توڙي جو عام مشاهدو ان سان ٽڪراءُ ڇو نہ کائيندو هجي. ٻيو تہ هر شيءِ جيڪا ماضيءَ جي نمائندگي ڪري ٿي، روايتي هئڻ جي ناتي قدر جوڳي ڄڻي پئي وڃي، جڏهن تہ جديد شين کي معاشري لاءِ خطرناڪ سمجهيو پيو وڃي. ٽيون، عيسائين جو تاريخ بابت نڪتہ نظر، جيڪو حضرت عيسيٰ جي ٻيهر ظاهر ٿيڻ کان اڳ ڪليسيا جي بالادستيءَ جي زماني تي يقين رکي ٿو. عقيدي جو هڪ لازمي حصو سمجهيو وڃڻ. نتيجو اهو آهي تہ بنياد پرست اسرائيل جي رياست جي قيام جي حاميت انهيءَ ڪري ڪن ٿا تہ اهي ان کي حضرت عيسيٰ جي ٻيهر ظاهر ٿيڻ جو هڪ شرط سمجهن ٿا. انهن خيالن کي ويهين صديءَ ۾ آمريڪا ۾ ايناباپٽسٽ، پرسباٽيرين، ميٿوڊسٽ ۽ ٻين فرقن عيسائي بنيادپرستيءَ جو نالو ڏنو. عيسائي بنيادپرستي ڪيستائين مغربي عيسائيت ۾ نمايان درجو ماڻي سگهي، ان سوال جو جواب ڏيڻ ڪافي ڏکيو آهي. پر جديد دور جي ڪن محققن جو چوڻ آهي تہ 60% آمريڪي توريت کي الله جو ڪلام مڃين ٿا، 40% قيامت جي ڏينهن تي يقين رکن ٿا ۽ 30% توريت جي لفظي معنيٰ کي مڃڻ تي يقين رکن ٿا.

اهو ڄاڻيندي تہ توريت ڏانهن موٽي وڃڻ جو مطلب بنيادپرستي آهي، گهڻن مغربي محققن سوچيو تہ ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ گهڻن مسلمان ملڪن ۾ قرآن ۽ سنت ڏانهن موٽڻ جو مطلب بہ قدامت پرستي، لفظي معنائن جي پيروي، روايت پرستي ۽ جديديت جي مخالفت آهي.

اهي عيسائي اصطلاح، اسلام ۽ مسلمانن جي حوالي سان پهريون دفعو 1957 ۾ مڊل ايسٽ جرنل ۾ هڪ مضمون ۾ استعمال ٿيا. ان کان پوءِ وارن واقعن، خاص طور تي 1979 ۾ ايران جي انقلاب کان پوءِ ان اصطلاح جو استعمال تمام گهڻو وڌي ويو ۽ ان کي خميني ازم جي متبادل جي طور تي استعمال ڪيو ويو. جڏهن تہ ان جي بلڪل اُبتڙ اسلامي ڪتاب، ايمان وارن کان مطالبو ڪن ٿا تہ هو پنهنجي عقل ۽ شعور کي استعمال ڪن ۽ رواج پرستي کي سختيءَ سان ختم ڪن.

حقيقت اها آهي تہ اسلام، علم جي ثقافت کي رواج ڏيڻ لاءِ اهو نئون نڪتہ نظر پيش ڪيو. پهرين وحي، جيڪا پيغمبر اسلام تي نازل ٿي، ان ۾ پڙهڻ، غور ڪرڻ، سمجهڻ ۽ الهامي پيغامَ کي پوري انسانيت تائين پکيڙڻ لاءِ چيو ويو. ان ۾ خاص طور تي چيو ويو ”پڙهہ پنهنجي رب جي نالي سان، جنهن توکي پيدا ڪيو توکي رت جي دڳ مان پيدا ڪيو. پنهنجي رب جي نالي سان پڙهہ. جنهن توکي قلم جي ذريعي سيکاريو ۽ انسانن کي اهو ڪجهہ سيکاريائين، جيڪي هو نہ ڄاڻندا هئا“ [96:125]. شايد ئي قرآن جو ڪو اهڙو صفحو هجي، جتي اها ڳالهہ نہ ڄاڻائي وئي هجي تہ ”اوهان اهڙا ماڻهو ڇو نٿا بڻجو جيڪي غور ڪن ٿا، سوچين ٿا ۽ عقل کان ڪم وٺندا آهن ۽ تنقيدي سوچ، تجزيا ۽ ڳوڙهي سوچ ويچار کان ڪم وٺن ٿا.“ اسلامي دانش ۽ ثقافت جي روايت ڪنهن نہ ڪنهن نڪتہ

نظر سان قرآني تعليم تي مبني آهي. ڪن ۾ ادبي تنقيد ۽ تجزيو اهم آهي، جڏهن تہ ٻين ۾ قانوني نظريا، سماجي ۽ اخلاقي تعليم، تاريخي سبق ۽ نيڪيءَ جي زندگيءَ لاءِ رهنما اصولن يا قرآن ۾ ٻڌايل ذاتي ترقيءَ جي اصولن، اخلاص ۽ رسمن تي توجهہ ڏني وئي آهي. نتيجو اهو ٿيو تہ اهڙا تفسير موجود آهن، جن ۾ قانوني تشريح، ادبي پهلو، سماجي پهلو، مذهبي معاملا ۽ ماضيءَ جي قومن جي تاريخ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

قرآن جي جي حڪمن مان ڪنهن بہ هڪ کي هن وقت لاڳو ناهي ڪيو ويو، جيستائين انهن تي ٻين عقلي تجزياتي عمل جو اطلاق نہ ڪيو ويو هجي. انهن تاريخي ذريعن جي موجودگيءَ ۾، اهو سوچڻ بيوقوفي هوندي تہ مسلمان قرآن کي اهڙيءَ طرح ڏسن ٿا، جيئن عيسائي بنيادپرست بائيبل کي ڏسن ٿا. اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ قرآن جي توريت سان ڀيٽ ئي نٿي ڪري سگهجي. جتي قرآن جي دعوي آهي تہ اهو الله جي حڪمن ۽ هدايتن جو ڪتاب آهي. توريت جو چوڻ آهي تہ عيسيٰ پاڻ هن دنيا ۾ الله جي وحي هو. انهيءَ ڪري انهن ٻنهي ۾ ڪا بہ ڀيٽ نٿي ٿي سگهي. يعني عيسيٰ جيڪو هڪ فرد هو ۽ قرآن، جيڪو الهامي ڪلام آهي. قرآن ۽ سنت مسلمانن تي زور ڏين ٿا تہ اهي اجتهاد ڪن. اهو هڪ غلط خيال آهي تہ اجتهاد مسلم فڪر ۾ پوءِ جي دور جي پيداوار آهي ۽ اهو تہ اجتهاد جو دروازو ١
هاڻي بند ڪيو ويو آهي. حقيقت اها آهي تہ پيغمبر اسلام جڏهن معاذ بن جبل کي يمن جو گورنر ۽ قاضي بڻائي موڪليو تہ ڪانئس پڇيائين تہ هو معاملن تي فيصلو ڪيئن ڪندو؟ معاذ جواب ڏنو تہ هو فيصلن لاءِ قرآن مان رهنمائي وٺندو. رسول الله ﷺ ٻيهر پڇيو تہ جيڪڏهن قرآن ۾ ان بابت واضح هدايتون نہ هجن تہ پوءِ ڇا ڪندين؟ معاذ چيو تہ آءٌ رسول ﷺ جي سنت مان هدايت وٺندس.

رسول پاڪ ﷺ جن وري پڇيو تہ جيڪڏهن سنت ۾ بہ ان بابت ڪا واضح رهنمائي نہ ملئي تہ پوءِ ڇا ڪندين؟ معاذ چيو تہ "آءٌ پنهنجي سمجهہ تي ڀروسو ڪندس". اها ڳالهہ توجهہ جوڳي آهي تہ جڏهن معاذ ائين چيو تہ رسول الله ﷺ پنهنجو هٿ معاذ جي سيني تي رکيو ۽ چيو "تعريف اُن الله جي آهي، جنهن پنهنجي ٻانهي (معاذ) کي اهو چوڻ جي همت ڏني، جنهن سان سندس نبي خوش ٿيو." ٻين لفظن ۾ هن حديث موجب اجتهاد هڪ اهڙو ڪم آهي، جنهن سان الله ۽ سندس نبي خوش ٿين ٿا. رسول پاڪ پاڻ، سندس اصحابي ۽ اهي سمورا ماڻهو جيڪي رسول الله ﷺ جي هدايتن جي پيروي ڪن ٿا، اجتهاد انهن جي ذميواري آهي. هڪ اهڙو دين، جنهن جي پيغمبر اها هدايت ڪئي هئي تہ پنهنجي عقل ۽ سمجهہ استعمال ڪندي، فيصلا ڪريو عقل جو مخالف، روايت پرست ۽ قدامت پسند نٿو سڏي سگهجي. اهو هڪ دلچسپ موضوع آهي تہ مسلمانن ۾ قدامت پسندي ڪيئن رواج وٺي رهي آهي، ڪجهہ شدت پسنداڻا خيال ڪيئن جاءِ والاري رهيا آهن ۽ عالمن، محققن ۽ مسلم دانشورن جو ان باري ۾ ڪهڙو ردعمل آهي ۽ گهڻن مسلمان عالمن اجتهاد جو مطالبو ڪيو ۽ پنهنجن انقلابي خيالن، اجتهاد جي روايت کي زندهہ رکيو.

اهو ممڪن ناهي تہ هن مختصر مقالي ۾ اسلام بابت غلط خيال مثال طور اسلام جو جهادي تصور يا اسلام جو انساني حق ۽ خاص طور تي عورتن ۽ ٻارن جي باري ۾ ان جي تعليم ۽ شريعت جو اڄ جي معاشري ۾ عمل ڪرڻ وغيرهہ جو تفصيلي تجزيو ڪيو وڃي. انهن مان هر هڪ موضوع لاءِ هڪ الڳ بحث کپي، پر اسلام جي ان عام تصور بابت ڪجهہ چئي سگهجي ٿو جيڪو غيرمسلمانن ۽ مسلمانن ۾ ملي ٿو.

جتي مسلمان اڪثر مغرب ڪي اهو الزام مڙهين ٿا تہ هن اسلام سان زيادتي ڪئي آهي، اتي مسلمان پاڻ بہ اسلام کي سمجهڻ ۾ ڪافي ڏکيائن جو شڪار آهن. مثال جي طور اسان کي يورپي ۽ مسلمان عالمن جا ڪيترائي اهڙا عمده ڪتاب مليا آهن، جن ۾ اهو چيو ويو اهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص اسلام جا بنيادي رڪن پورا ڪري ٿو يعني نماز پڙهي ٿو روزا رکي ٿو زڪواة ڏئي ٿو حج ادا ڪري ٿو تہ ان جي زندگي اسلام مطابق ڪامياب آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽو ڪري ان سان ان شخص کي جنت جو پاسپورٽ بہ ملي وڃي ٿو. انهن سمورن رڪنن تي عمل ڪرڻ جي باوجود ممڪن آهي تہ اهو شخص وقت جو پابند نہ هجي، والدين، زال، ٻارن يا پاڙيسرين سان سهٽو ورتاءُ نہ ڪندو هجي، مالي ڏيتي ليتي ۾ ايماندار نہ هجي يا سياسي ڏاڍ ڪندو هجي، پوءِ بہ اهو خيال ڪيو وڃي تہ انهن رڪنن جي پابنديءَ سبب ڪيس هڪ مذهبي شخص سڏيو وڃي. اسلام جو اهو تصور اهڙيءَ طرح رسم پرستيءَ جو مذهب بڻائي ٿو جيئن دنيا جا ٻيا مذهب آهن.

ماڻهن جو هڪ ٻيو گروهه اهو سمجهي ٿو تہ مذهب جو بنيادي مقصد هڪ ايمان واري ماڻهوءَ جي اندر نيڪي ۽ روحانيت پيدا ڪري ٿو. ان لاءِ خاص قسم جا ذڪر، مراقبا، روحاني بلندي يا هڪ صوفي جهڙي زندگي گذارڻ زندگيءَ جو مقصد بڻجيو وڃي. نيڪ، خدا پرست ۽ پاڪ باز انسان کان توقع ڪئي ويندي آهي تہ اهو نہ شادي ڪري ۽ نہ ئي سنو لباس پهري ۽ نہ ئي سني خوراڪ کائي. ان قسم جي روحانيت کي مجڻ وارا پاڻ سڳورن جي زندگي جي ان واقعي کي وساري ويهندا آهن تہ هڪ ڀيرو هڪ اصحابي فيصلو ڪيو تہ اهو سڄي رات نماز پڙهندو ۽ سمهڻ کي ترڪ ڪندو. هڪ ٻئي صحابي مستقل روزا رکڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ٽئين چيو تہ اهوشادي نہ ڪندو.

پاڻ سڳورن انهن تنهي کي گهرايو ۽ چيو تہ آئون اوهان کان وڌيڪ الله کان ڊڄڻ وارو آهيان ۽ آئون جاڳندو بہ آهيان ۽ آرام بہ ڪندو آهيان، هفتي ۾ ڪن ڏينهن ۾ روزا بہ رکندو آهيان ۽ شادي منهنجي سنت آهي، جيڪو ان کي پسند نہ ٿو ڪري، اهو منهنجي امت مان نہ آهي. ٻين لفظن ۾ اسلام جو آئيڊيل هڪ نارمل ۽ اخلاقي سماجي زندگي آهي.

مسلمانن ۽ غير مسلمان عالمن جو هڪ ٽيون گروهہ سمجهي ٿو تہ اسلام جي لاڳو ڪرڻ جو مطلب چند قانوني سزائن جو لاڳو ڪرڻ، عورتن کي سندن گهرن ۾ بند رکڻ يا انهن کي پردو ڪرائڻ تي مجبور وغيره آهي. انهن جي ويجهو جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ اسلام قانون لاڳو ڪيو وڃي تہ اسلام محفوظ ٿي ويندو. جيتوڻيڪ ملڪ تي بادشاهہ، آمر يا مطلق العنان حڪمران جي حڪومت جي هجي. ان جو منفي نتيجو اهو آهي تہ اسان کي مسلمان ملڪن ۾ اهڙا حڪمران خاندان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي ٨٠ فيصد دولت تي قابض آهن. پوءِ بہ ملڪ کي اسلامي مملڪت سمجهيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اتي اسلامي سزائن جو نظام رائج آهي. اسلام جي قانوني تصور کي اهم سمجهندڙ اسلام جي تعليم جي صرف هڪ پهلو يعني سزائن تي ڌيان ڏين ٿا انهن جو خيال آهي تہ صرف اسلام سزائن تائين محدود آهي ۽ قرآن جي باقي سموري تعليم انهن جي ويجهو گهٽ اهميت رکندي آهي. اهي ڪڏهن قرآن جي سزائن جي باري ۾ آيتن جي تعداد جي انهن ٻين آيتن جي تعداد سان ڀيٽ نہ ڪندا آهن، جيڪي سماجي، معاشي، سياسي ۽ اخلاقي معاملن بابت آهن.

اسلام جو چوٿون تصورُ جيڪو مسلمانن ۾ ڏٺو ويندو آهي، اهو هي آهي تہ اسلام ذاتي عقيدي جو معاملو آهي ۽ هر فرد، مرد يا عورت کي

اهو حق حاصل آهي تہ اهي پنهنجي مرضيءَ سان اسلام جي تشريح ڪن ۽ پنهنجي زندگيءَ تي ان کي لاڳو ڪن. نتيجو اهو آهي تہ پنج وقت روزاني نماز پڙهڻ جي اهميت کي ڇاٽندي يا زڪوات جي اهميت کي سمجهندي ڪو فرد اهو سمجهي وٺي ٿو تہ جيڪڏهن ڪنهن وقت ان جي دل نماز پڙهڻ لاءِ نہ چوي يا اهو مسلسل نماز جي ادئگي نہ ڪندو آهي تہ اهو عمل ان فرد جو پنهنجي خالق سان ذاتي معاملو آهي. ڪنهن ٻئي کي اهو حق نہ آهي تہ اهو قرآني حڪمن جي پابندي بابت ٻين کي يادگيري ڏياري يا قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. اسلام جو اهو ڪيٿولڪ عيسايت سان ملندڙ جلندڙ روپ، تہ اسلام ذاتي عقيدو آهي، ڪيترن ئي اهڙن وٺ ڏنو ويو آهي، جيڪي مذهبي هئڻ جي دعوي ڪندا آهن ۽ ان سان گڏوگڏ سيڪيولر هجڻ جي پڻ دعوي ڪندا آهن. جڏهن تہ قرآن واضح طور تي نيڪي کي فرد ۽ رياست جي ذميواري قرار ڏئي ٿو. اها ڳالهہ هڪ جاءِ تي نہ بلڪ ڪيترن ئي جاين تي واضح ڪئي وئي آهي، مثال طور سورت الحج ۾ قرآن ان ڳالهہ کي رياست جي ذميواري قرار ڏئي ٿو تہ اها اهڙو نظام قائم ڪري، جنهن ۾ اهي ماڻهو جيڪي پاڻ کي مسلمان سڏرائيندا آهن، انهن جي نماز قائم ڪري، ۽ اهڙو معاشي نظام قائم ڪري، جنهن ۾ اهي زڪوات ڏين ۽ ان کان علاوه سماجي، معاشي، سڏ سماءَ بابت، تعليم ۽ ثقافت جي ميدان ۾ اخلاقي قدر قائم ڪري ۽ ان سان گڏوگڏ غير اخلاقي شين ، فحاشي ۽ بدي کي ختم ڪري.

قرآن ۽ سنت جو اسلام انهن چار مٿي ڄاڻايل تصورن مان، جيڪي مسلمانن ۽ غير مسلمانن جي ذهنن ۾ ڏنا ويا آهن، ڪنهن هڪ تي مڪمل طور تي پورو نہ ٿو لهي. اها هڪ مڪمل شيءِ آهي، جنهن ۾ توحيد ۽ عدل نہ صرف مرڪزي ڪردار ادا ڪندا آهن بلڪ هر

انساني سرگرميءَ کي ٻين سان ڳنڍيندا آهن ته جيئن انساني زندگي فرد ۽ معاشري جي لاءِ بامعنيٰ ۽ اخلاقي هجي. حقيقت اها آهي ته اسلام دعوي ڪري ٿو ته ان جي ثقافت، علم جي ثقافت آهي، هن جو طرز فڪر متوازن آهي ۽ اهو سماجي ذميواري کي پورو ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو. اسلام جو سماجي هجڻ پاڻ سڳورن ﷺ جي صحيح حديثن مان واضح آهي "خاندان جي زندگي گذارڻ منهنجي سنت آهي ۽ جيڪو ماڻهو ان کي مسترد ڪري ٿو اهو منهنجي امت مان نه آهي". اها حديث جنهن جي تصديق ڪيترن ئي قرآني حڪمن مان ٿئي ٿي، ان ڳالهه کان پوءِ ان جي ڪا به گنجائش نه ٿي رهي ته نيڪي ۽ روحانيت، غير شادي شده جي زندگيءَ جي ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿي. اهڙي طرح سزائن بابت قرآني حڪمن کي ڪنهن خلا ۾ نافذ نه ٿو ڪري سگهجي، جيستائين مناسب رهائش، کاڌو پيتو صحت جون سهوليتون، تعليم ۽ سماجي ماحول ۽ ان سان گڏ معاشي آزادي هر شهري کي ملي نه سگهي ۽ رياست ان سلسلي ۾ ڪو به فرق نه ڪري ته انهن جو مذهب ۽ سماجي پسمنظر ڪهڙو آهي. سماجي ذميواري سڀ کان وڌيڪ اهم آهي ۽ ان کي ڪيترن ئي قانوني، اصلاحي قدمن ۽ سزائن جي مقابلي ۾ ترجيحي حيثيت حاصل آهي.

اسلامي سياسي ۽ قانوني نظام کي متعارف ڪرائڻ، ان جي ويجهو نه ته سيڪيولر حاڪمن جي جاءِ تي ملن کي ويهاريو وڃي، اهي قرآن ۽ سنت جي آفاقي ۽ اخلاقي قدرن تي ٻڌل ترقي ۽ تعمير تي يقين رکندا آهن.

مغربي سيڪيولرزم پنهنجي خود پسنديءَ جي ڪري غير سيڪيولر نظام کي قبول نه ٿو ڪري جيستائين اهو زندگيءَ ۾ ٻه عملي جي اصول کي نه مڃيندو هجي. اهو اصول ذاتي زندگيءَ ۾ مذهب جي

اهميت کي مڃي ٿو پر مذهب کي سياسي، سماجي ۽ معاشي لاڳاپن کان بلڪل الڳ رکي ٿو. ان سان هڪ رويو اهو پروان چڙهي ٿو جنهن هيٺ مغربي تهذيب، قدرن ۽ روايتن جي تاريخ جو آخري حرف سمجهيو وڃي ٿو جڏهن تہ ان جي مختلف قسمن جي نظامن ۽ تهذيبن کي غير تهذيبن جي طور تي ڏٺو ويندو آهي. نتيجو اهو آهي تہ اسلام ۽ مسلمانن کي گهٽو ڪري غير ۽ ٻاهر جي تهذيب سمجهيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جون پاڙون اوير ۾ آهن.

اهڙي ريت جيڪو ثقافتي ۽ ابلاغي مفاصلو پيدا ٿئي ٿو ان کي وڌيڪ قائم نہ رهڻ ڏجي ۽ نہ ئي مصنوعي طور تي قائم ڪيل فاصلن کي وڌڻ ڏجي. عالمگيريت جي نالي تي هڪ طرفي دٻاءَ سان پريشاني ۽ نااميدي وڌيڪ ٿيندي. هڪ طرفو معاشي نو آبادياتي نظام تاڦڻ، ثقافتي بالادستي قائم ڪرڻ ۽ ايستائين جو ڪن مغربي طاقتن جي هٿان فوج جي استعمال سان بدگمانيون، نفرتون ۽ فاصلا ٻہ وڌندا. مغرب، خود پنهنجي مفاد جي خاطر مسلم دنيا جي معاشي، سياسي ۽ جاگرافيائي اهميت کي نظرانداز نہ ڪري. اسلامي ثقافت، فڪر ۽ علم جي ذريعن جو اپياس ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن دوستي ۽ اعتماد ٻيهر قائم ڪيو وڃي ۽ سڏ سماءَ جا رستا کلن.

اسلام جي باري ۾ اولهہ ۾ جيڪي بدگمانيون ۽ غلط تصور ڏٺا ويندا آهن، انهن کي صحيح ڪرڻ ڏکيو نہ آهي. ان ڪري ان لاءِ هڪ صبر آزما ۽ مسلسل مقالمي ۽ لاڳاپي جي ضرورت آهي. مسلمان دانشورن کي ايمانداري تي ٻڌل دوستاڻو انداز فڪر اپناڻو پوندو. اهڙن ماڻهن سان سڌو سنئون رابطو رکڻو پوندو، جن کي غير سمجهيو ويندو رهيو آهي- حيرت انگيز نتيجن جو حامل ٿي سگهي ٿو. جلد بازي ۾ نتيجن تي پهچڻ جي بجاءِ مختلف نقطہ نظر رکڻ ماڻهن سان براهہ راست ڳالهہ ٻولهہ نہ صرف معلوماتي ٿي سگهي ٿي، بلڪہ حقيقت

جي باري ۾ اڳي موجود تصورن کي بدلائڻ لاءِ بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

اهو اولهه ۾ تهذيبن جي ٽڪراءَ جي باري ۾ تصورن کي بدلائڻ ۽ ثقافتن ۽ تهذيبن ۾ اجتماعيت ۽ گڏيل بقاءَ ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿي. ان بابت اسلامي تصور پرپور انداز ۾ اجتماعيت جي حق ۾ آهي ۽ انفراديت جي خلاف آهي. اهو انسانيت جي مغربي ۽ مشرقي بنيادن تي ورهاست تي به يقين نه ٿو رکي. اسلام جي آفاقيت ۽ حقيقت بابت مختلف تصورن جي حامل ماڻهن جي وچ ۾ مسلسل رابطن جي لاءِ گهرو سماجي، تاريخي ۽ ثقافتي بنياد فراهم ڪري ٿو.

# ڇا انساني حق اسلام سان مطابقت رکن ٿا؟

مسلمان معاشرن ۾ عورتن جي حقن جو مسئلو

**ڊاڪٽر رفعت حسن (پي ايڇ ڊي)**

## تعارف

جيتوڻيڪ انساني حقن جي عالمي پڌرنامي کي ”عالمي“ چيو ويندو آهي، پر ان کي مغربي دنيا جي تاريخي رجحانن جي روشنيءَ ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي، جيڪي اتي گذريل ٽن صدين کان وٺي جاري آهن، ۽ انسانيت جي انفراديت جو هڪ هڪ فلسفو ۽ بشرياتي نظريو انهن جو جواز پيش ڪري ٿو. هن پڌرنامي جي پويان بنيادي مفروضا اهي هئا ته سمورن ماڻهن جي (الف) انساني فطرت هڪجهڙي ۽ آفاقي آهي، (ب) فرد جي احترام جو تصور هڪجهڙو آهي ۽ (ج) جمهوري سماجي نظام جو تصور هڪجهڙو آهي.

هن پڌرنامي جي جاري ٿيڻ کان پوءِ جي ڏهاڪن ۾ انساني حقن جو اصطلاح خاص طور تي اولهه ۾، ۽ اولهه جي تعليمي طبقن ۾ سياسي ۽ عوامي بحث مباحثن جو لازمي حصو بڻجي ويو هو. دراصل عام طور تي اولهه ۾ غير اولهندي حصن ۾ انساني حقن جي حامين ۾ اهو سمجهيو ۽ چيو پڻ ويندو آهي، ته انساني حق صرف سيڪيولر ماحول ۾ قائم رهي سگهن ٿا، اهي مذهب جي دائري ۾ قائم رهي نٿا سگهن.

اهو موقف ته انساني حقن جو تصور بنيادي طور تي سيڪيولر آهي، يقينن مذهب جي هڪ عمومي تصور کي يا ڪن مخصوص مذهبن کي ظاهر ڪري ٿو. مسلمان ملڪن، مثال طور پاڪستان ۾ اڪثر انساني حقن جا حامي ۽ سيڪيولر خيال جا ماڻهو اهو چوندا آهن

تہ اسلام ۾ انساني حقن جي باري ۾ ڳالهائڻ با معنيٰ نٿو ٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ مذهبي روايتن جي طور تي اسلام انهن قدرن ۾ ادارن جي حمايت ڪري ٿو جيڪي انساني حقن جي عالمي پڌرنامي سان هڪجهڙائي نٿا رکن.

جيڪا ڳالهہ انهن ماڻهن کي جيڪي انساني حقن جي عالمي پڌرنامي کي، انسانن جي آزادي ۽ برابريءَ جو بلند ترين ۽ هڪ ئي چارٽر سمجهن ٿا، پڌائڻ جي ضرورت آهي تہ جيتوڻيڪ اهو پڌرنامو اولهہ ۾ تيار ٿيو ۽ ان جو مزاج مغربي قدرن مطابق آهي، ان لاءِ انهيءَ جو آفاقي هجڻ ڏکيو ۽ بحث جي لائق آهي. ان کان سواءِ مذهب ۽ خاص طور تي ڪن مذهبن مثال طور اسلام ۽ انساني حقن جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ مفروضن جو غير جانبدارانہ جائزو ورتو وڃي.

١٩٧٠ع جي ڏهاڪي کان اولهہ ۾، اسلام ۽ مسلمانن بابت دلچسپي وڌي رهي آهي. اهڙيءَ ريت گهڻي دلچسپي ڪن خاص موضوعن تي مرڪوز رهي آهي. مثال طور اسلامي نشات ثانيہ، اسلامي بنياد پرستي، سلمان رشديءَ جو معاملو ۽ اسلام ۽ عورت وغيره..... بجاءِ ان جي تہ اسلام جي پيچيده دنيا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. نہ صرف اهو تہ اهي اهڙا موضوع هئا، جن سان اولهہ ۽ اسلامي دنيا ۾ جذباتي رد عمل آڏو آيو بلڪ اولهہ جي ميڊيا ۽ عام تحريرن ۾ اهڙن موضوعن کي جنهن انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي، ان مان اهي سوال اٿن ٿا تہ اسلام ۽ مسلمانن ۾ اولهہ جي اهڙيءَ دلچسپيءَ جا اصل مقصد ڪهڙا آهن؟ اهو چوڻ مشڪل آهي تہ ان دلچسپيءَ جي پويان جيڪي مقصد هئا، اهي مثبت هئا، ڇاڪاڻ تہ ان جي نتيجي ۾ اولهہ ۽ اسلام ۽ مسلمانن بابت هڪ منفي تصور پکيڙيو ويو.

جيتوڻيڪ ڪيترائي آمريڪي اهڙا آهن، جن ١٩٧٣ع ۾ عربن پاران تيل جي برآمد تي لڳايل پابندين ۽ ١٩٧٩ع جي ايراني انقلاب کان اڳ اسلام ۽ مسلمانن تي ڪا خاص توجهه نه ڏني هئي، پر اسلام ۽ مسلمانن خلاف پروپئگنڊا اولهه ۾ ڪا نئين ڳالهه نه آهي. اهو ايترو ئي پراڻو آهي، جيترو اسلامي تاريخ جو پهريون باب، جڏهن اسلام اهڙن علائقن ۾ پکڙجڻ شروع ٿيو جيڪي عيسائي اڪثريت سان آباد هئا. عيسائين جي مشهور شاعر دانتي ۽ عيسائين جي تمام وڏي عالم سينٽ ٿامس اڪيناس جا اسلام ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي باري ۾ خيال، اولهه جي اسلام بابت خراب پروپئگنڊا جو چٽو ثبوت آهن. دانتي ۽ اڪيناس جهڙن وڏن عالمن جي اهڙي پروپئگنڊا جا ڪهڙا اثر مرتب ٿيا، ان جي هڪ جهلڪ ٿامس ڪارلائل جي ”هيرو هيرن جي پوڄا ۽ تاريخ ۾ هيرن جو مقام“ جي موضوع تي ليڪچرن جي سلسلي ۾ هڪ تاريخي ليڪچر ”هيرو پيغمبر ﷺ جي صورت ۾: اسلام“ ۾ ڏسي سگهجي ٿي. اوڻيهين صديءَ جي وچ ۾ ڪارلائل پنهنجي عيسائي هم عصرن کي چيو ته اسان کي ”محمد ﷺ بابت پنهنجي موجوده نظرين کي مسترد ڪرڻو پوندو.“

اسلام ۽ مسلمانن بابت منفي خيالن جو ذخيرو اولهه جي اجتماعي لاشعور ۾ موجود آهي، اها ڳالهه قطعي حيران ڪن نه آهي ته سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ اسلامي دنيا کي هڪ نئين دشمن جي طور تي ڏٺو پيو وڃي، جيڪو پهرئين دشمن جي مقابلي ۾ گهٽي ناقابل فهم آهي. اسلام کي هڪ اهڙي مذهب جي طور تي پيش ڪيو ويندو آهي، جيڪو تلوار جي زور تي جهاد جي ذريعي پکڙيو آهي ۽ مسلمانن کي وحشي، انتها پسند، پٺتي پيل، جوشيلا ۽ تشدد پسند سمجهيو ويندو رهيو آهي. جنهن سان ڪيترن ئي اولهه جي ملڪن ۾ مسلمان مخالف مهم ۾ ڪيترائي پيرا واڌارو ٿيو آهي. اسلام ۽ مسلمانن جي

خلاف هن شديد نفرت جي وچ ۾ اولهہ پاران مسلمان عورت لاءِ ايتري قدر همدرديءَ جا جذبا، بظاهر هڪ حيران ڪن تضاد معلوم ٿين ٿا. ان لاءِ تہ ڇا مسلمان عورتون اسلام کي مڃيندڙ نہ رهيون آهن؟ ۽ ڇا مسلمان عورتون مسلمان مخالف مهم جو نشانو بڻجي رهيون آهن؟ تمام گهٽ مسلمان، ترڪ مسلمان ڇوڪرين جي جرمن غنڊن جي هٿان ساڙجڻ ۽ بوسنيائي عورتن جي سرب فوجين جي هٿان عصمت دريءَ جي واقعن کي وساري سگهن ٿا.

## مسلمان عورتون ۽ انساني حق

ڇاڪاڻ تہ انساني حقن جو جديد تصور اولهہ ۽ سيڪيلور ماحول ۾ پيدا ٿيو ان لاءِ مسلمانن کي عام طور تي ۽ مسلمان عورتن کي خاص طور تي پريشانيءَ کي منهن ڏيڻو پيو آهي، جڏهن اهي اولهہ ۾ يا اسلامي معاشرن ۾ انساني حقن جي ڳالهہ ڪندا آهن يا انساني حقن جي موضوع تي ڪنهن بحث ۾ حصو وٺندا آهن، پنهنجي زندگيءَ جي تجربن جي بنا تي گهڻو ڪري مسلمان عورتون جيڪي انساني حقن جون حامي يا ڪارڪن بڻجي وينديون آهن، اهي حقيقي طور تي اهو محسوس ڪنديون آهن تہ اسلامي معاشرن ۾ عورتن سان ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين امتيازي سلوڪ ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت اهي اسلامي ثقافت کان تمام گهڻو محروم ٿي وينديون آهن. اهڙيءَ دوري جو احساس گهڻو ڪري انهن ۾ ان پدري نظام خلاف ڪاوڙ ۽ تلخي پيدا ڪري ڇڏيندو آهي، جيڪو مسلمان معاشرن جي سماجي ڍانچي جو اهم بنياد آهي. مسلمان عورتن کي اڪثر اولهہ ۾ گهڻي حمايت ۽ همدري ملندي آهي، جيڪڏهن انهن اسلامي دنيا کان بغاوت ۽ سرڪشي ڪئي هجي، پر انهن مان گهڻيون تہ اهو ٿي محسوس ڪري وٺنديون آهن، جتي

انهن کي مسلمان ثقافت ۾ ڪيترين ئي ڏکيائيون پيش ايندیون آهن، اتي اهي گهٽن سببن جي ڪري پاڻ کي مغربي ۽ سيڪيولر ماحول جو حصو به بڻائي نه سگهنديون آهن. ان احساس جي ڪري انهن کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو ته تنهائي به محسوس ٿيندي آهي. اولهه جي ميڊيا ۽ ادب ۾ گهڻو ڌيان مسلمان عورتن جي افسوسناڪ حالت تي پڻ ڏنو ويندو آهي، جيڪي غريب ۽ مظلوم آهن. جڏهن ته ان المئي ۽ ڏک تي ڪو به ڌيان نه ڏنو ويندو رهيو آهي، جنهن مان اڄ جي باشعور عورت گذرندي آهي، جيڪا پنهنجي مذهبي سڃاڻپ کي پڻ قائم رکڻ چاهيندي آهي ۽ ذاتي خودمختياري پڻ قائم رکڻ چاهيندي هجي. اها ٻئي طرف مسلمان معاشري جي بي لچڪ رويي کي پڻ منهن ڏيندي آهي، ۽ اولهه جي سامراجيت ۽ سيڪيولر ثقافت جو مقابلو پڻ ڪندي آهي.

## اسلامي شريعت جا ذريعا

اسلام ۾ انساني حقن جي موضوع تي ڳالهائڻ کان اڳ، بهتر ٿيندو ته اهو واضح ڪيو وڃي ته اسلامي شريعت دنيا جي ٻين مذهب وانگر ڪنهن هڪ ذريعي تي ٻڌل نه آهي- ۽ نه وري ڪنهن هڪ ذريعي مان رهنمائي وٺندي آهي. گهڻو ڪري مسلمانن کان جيڪڏهن ان بابت سوال ڪيو وڃي ته اهي هيٺين مان ڪن به هڪ کان وڌيڪ ذريعن جو ذڪر ڪندا: قرآن يا اهو الهامي ڪتاب، جنهن کي مسلمانن الله جو ڪتاب سمجهن ٿا، جيڪو حضرت جبرئيل عليه سلام جي ذريعي حضرت محمد ﷺ تي لاٿو ويو، حديث يا رسول الله جا قول، فقه يا مڪاتب فڪر، شريعت يا اسلامي قانون، جيڪي مسلمانن جي زندگيءَ جو احاطو ڪن ٿا. انهن ذريعن کي مجموعي طور تي "اسلامي شريعت" چيو ويندو آهي، پر اهو سڀ

ڪجهه هڪجهڙو نه آهي. اسلامي شريعت جي سمورن ذريعن مان سڀنيءَ کان اهم قرآن آهي، جنهن کي مسلمان اسلامي شريعت جو بنيادي ۽ صحيح ذريعو مڃين ٿا.

ڪيترن ئي مسلمانن جي ويچهو قرآن، انساني حقن جو بنيادي چارٽر آهي، ۽ ان جو هڪ وڏو حصو انسانن کي رسمن ۽ رواجن، جبر (مذهبي، سياسي، معاشي ۽ ڪنهن به نوعيت جي)، قبائليت، نسل پرستي، غلامي، ۽ اهڙين ئي ٻين شين کان آزاد ڪرائڻ بابت آهي، جيڪي انسانن کي انهيءَ قرآني تصور مطابق پنهنجي زندگي گذارڻ ۾ رڪاوٽ بڻجندا آهن، جيئن هن آيت ۾ چيو ويو آهي: "اوهان جي حد الله ڏانهن آهي"

عام حقن جي عنوان هيٺ اهڙن حقن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي قرآن مطابق سمورن انسانن کي حاصل هجڻ گهرجن. اهي اسان جي انسان هجڻ سان ايترو ته گهرو لاڳاپو رکن ٿا، جو انهن کان انڪار يا انهن جي پامالي اسان جي انسان هجڻ جي نفي ٿيندي. قرآن جي مطابق اهي حق ان وقت وجود ۾ آيا، جڏهن انسان پيدا ٿيو. انهن کي الله اهڙيءَ ريت تخليق ڪيو جهڙيءَ ريت اسان کي تخليق ڪيو. ته جيئن اسان پنهنجي انساني جوهر کي ڪم ۾ آڻي سگهون. الله پاران ڏنل حقن کي ڪوبه حڪمران يا ڪو انساني ادارو ختم نٿو ڪري سگهي. اهي ابد لاءِ آهن ۽ انهن کي بدلائي نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته جيڪو الله ڪري ٿو اهو انصاف لاءِ ئي ڪري ٿو.

## زنده رهڻ جو حق

قرآن انساني زندگيءَ جي قدر ۽ حرمت کي تسليم ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته اصل ۾ هر فرد جي زندگي پوري انسانيت جي بقا جي برابر آهي، ان لاءِ ان جي بي حد حفاظت ڪرڻ گهرجي.

## عزت جو حق

قرآن سمورن انسانن کي قابل عزت قرار ڏئي ٿو ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ جي سموري مخلوق ۾ صرف انسان ئي عمل جي آزاديءَ کي قبول ڪري سگهن ٿا، ڇاڪاڻ تہ انهن وٽ عقل موجود آهي. اها ئي هي صلاحيت آهي، جيڪا انسانن کي ٻي سموري مخلوق کان ممتاز ڪري ٿي. جيتوڻيڪ انسان ڪڏهن ڪڏهن تمام گهڻو خراب پڻ ٿي ويندو آهي، پر الله تعاليٰ جو چوڻ آهي تہ انسان کي بهترين سانچي ۾ پيدا ڪيو ويو آهي، ان کي سوچڻ جي صلاحيت ڏني وئي آهي، تہ جيئن اهو صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪري سگهي، سٺا ڪم ڪري، ۽ برائين کان بچي. ان ڪري انسان بڻجن سان، يعني زمين تي خدا جو خليفو بڻجن سان گڏ، اهو واعدو شامل آهي تہ دنيا ۾ موجود سمورن انسانن جي انسانيت جو احترام ڪيو وڃي.

## انصاف جو حق

قرآن انصاف جي حاصلات جي حق ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جي فرض تي تمام گهڻو زور ڏئي ٿو انصاف جي حوالي سان قرآن ٻن شين جو ذڪر ڪري ٿو: عدل ۽ احسان! ٻئي هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن، ۽ ٻنهي جو لاڳاپو توازن سان آهي، پر ٻنهي جون معنائون هڪجهڙيون نہ آهن.

اسلام جي مشهور عالم اي اي فيضيءَ جو چوڻ آهي تہ عدل جو مطلب آهي ”برابري۔ نہ گهٽ نہ وڌ !“ هن خيال جي وضاحت ڪندي فيضي لکيو آهي تہ ”عدالت ۾ ٻن ڌرين کي، بنا ڪنهن هڪ کي گهٽي اهميت ڏيندي، برابر سمجهيو وڃي. انصاف ساهميءَ جي ٻن پڙن وچ ۾ توازن جهڙي برابري سيکاري ٿو. (١٤) قرآن جي مشهور

مترجم ۽ ناليواري مصنف ابوالڪلام آزاد بہ عدل جي تشريح ان انداز ۾ ڪئي آهي تہ انصاف ڇا آهي، ڏاڍائيءَ کان پاسو نہ تہ گهٽي ڪمي هجڻ گهرجي ۽ نہ گهٽي واڌ. قرآن ۾ چيو ويو آهي تہ ڪو بہ انسان ٻئي جو بار نٿو کڻي سگهي، نہ ئي بغير محنت جي ڪا شيءِ حاصل ڪري سگهي ٿو. (١٦) انفرادي ميرٽ کي تسليم ڪرڻ، عدل جو هڪ حصو آهي، قرآن ۾ چيو ويو آهي تہ ميرٽ نسل، صنف، دولت، ۽ دنياوي شين کي نظر ۾ رکي طئي نٿو ڪري سگهجي، پر نيڪيءَ جي بنياد تي طئي ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ ايمان ۽ عمل، ٻئي شامل آهن. (١٧) ان کان سواءِ قرآن صرف ايمان رکندڙن ۽ الله جي راهہ ۾ جدوجهد ڪندڙن جي وچ ۾ فرق ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ جيتوڻيڪ سمورن ايمان رکڻ وارن لاءِ الله تعاليٰ ڀلائيءَ جو واعدو ڪيو آهي، جدوجهد ڪندڙن ۽ ٻين کان برتر درجو ملندو. (١٨)

جيئن تہ اهو عدل جي روح ۾ شامل آهي تہ جزا جي معاملي ۾ خاص ميرٽ کي نظر ۾ رکيو وڃي، اهڙيءَ ريت سزا جي معاملن ۾ خاص حالتن کي مدنظر رکڻ ضروري قرار ڏنو ويو آهي. مثال جي طور تي بدڪاريءَ جي ڏوهہ ۾ قرآن ۾، مرد ۽ عورت، جن تي ڏوهہ ثابت ٿي وڃي، هڪجهڙي سزا رکي وئي آهي. (١٩) پر ان ۾ عورتن جي مختلف طبقن ۾ فرق ڪيو ويو آهي. هڪ ئي ڏوهہ ۾ غلام عورت کي اڌ سزا ملندي، ۽ هڪ آزاد مسلم عورت کي ٻيڻي سزا ملندي. (٢٠) اهڙو فرق ڪري جتي قرآن اعليٰ اخلاقي قدرن کي اهميت ڏئي ٿو. خاص طور تي پاڻ سڳورن ﷺ جي ازواج جي سلسلي ۾ جن جي مسلمانن ۾ مثالي اهميت آهي، ٻئي پاسي غلام عورتن لاءِ اسلام ۾ نرمي رکي وئي آهي.

عدل تي مسلسل زور ڏيندي، اسلام احسان تي پڻ توجه ڇڪائي ٿو. جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "ڪنهن نقصان يا ڪميءَ کي پورو ڪري برابر ڪرڻ" ان تصور کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته قرآن ۾ ڏنل مثالي سماج يا امت جي نوعيت کي سمجهيو وڃي. لفظ امت جو بنياد "ام" يعني ماءُ آهي. ماءُ ۽ ممتا جو واسطو پڻ الله تعاليٰ جي ٻن خوبين يعني "رحمان" ۽ "رحيم" سان آهي. انهن ٻنهي لفظن جو ماخذ "رحم" آهي. بهترين امت اها آهي، جيڪا پنهنجي سمورن ماڻهن جي اهڙيءَ ريت برابريءَ سان سنڀال ڪري، جهڙيءَ ريت ماءُ پنهنجي ٻارن جي سار سنڀال ڪندي آهي، اهو ڄاڻندي به اهي سمورا برابر نه آهن. هر ڪنهن جون ضرورتون مختلف آهن، جيتوڻيڪ ڪنهن هڪ ٻار کي رعايتون ڏيڻ ناانصافي ٿيندي، پر ماءُ پنهنجي معذور ٻار تي گهڻو ڌيان ڏيندي آهي، جيڪو گهڻي ڌيان جي لائق آهي، ته اها ناانصافي نه، بلڪه هڪ احسان آهي، جيڪو ان ٻار کي ڪمزوريءَ مان نڪرڻ جي مدد ڏيندو آهي. اهڙيءَ ريت احسان الله تعاليٰ جي انساني سماج جي پوئتي پيل طبقن (عورتن، يتيمن، غلامن، غريبن، ڪمزورن ۽ اقليتن) جي لاءِ همدرديءَ جو مظهر آهي.

## آزاديءَ جو حق

جيئن ته اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته قرآن انسانن کي هر قسم جي غلاميءَ مان آزادي ڏيارڻ تي گهري توجه ڏئي ٿو انسانن ۾ آمريت ۽ جبر جي رجحانن کي سڃاڻندي، قرآن سورت آل عمران ۾ واضح لفظن ۾ زور ڏئي چوي ٿو ته:

"اهو ممڪن نه آهي ته هڪ شخص جنهن کي عقل ۽ ڪتاب ڏنو ويو آهي، ۽ پيغمبر جو درجو پڻ ڏنو ويو هجي، اهو ماڻهن کي چوي ته الله جي بجاءِ منهنجي عبادت ڪرڻ وارا بڻجي وڃو. ان جي

برعڪس (اهو چوندو) ان جي بندگيءَ ڪرڻ وارا بڻجي وڃو جيڪو سمورن جو مالڪ آهي.“

انسانن جي غلاميءَ جو رواج انسانن جي آزاديءَ جي سلسلي ۾ انتهائي اهم آهي، جڏهن اسلام آيو تہ غلاميءَ جو رواج عرب ۾ گهڻو عام هو ۽ عرب معيشيت جو انحصار ان تي هو. قرآن ۾ صرف ان ڳالهہ تي زور نہ ڏنو ويو آهي تہ غلامن سان انصاف ۽ انسانيت جو سلوڪ ڪيو وڃي، پر مسلسل اهو تلقين ڪئي وئي آهي تہ غلامن کي آزاد ڪيو وڃي. سورت محمد ۾ چيو ويو آهي تہ جنگي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي، احترام جي اظهار جي طور تي يا ڍنگ جي بدلي. اصل ۾ قرآن ۾ غلاميءَ کي ممنوع قرار ڏنو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ غلام بنائڻ ۾ سيني ءَ کان اهم ذريعو جنگي قيدي هوندا. جيڪڏهن قرآن ۾ واضح لفظن ۾ اهو نہ چيو ويو آهي تہ غلامي ممنوع آهي تہ ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ قرآن ۾ ان کي جاري رکڻ جي اجازت ڏئي وئي آهي. خاص طور تي انهن بيشمار هدايتن کي ڏسندي، جن جي ذريعي قرآن ۾ ان برائيءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هڪ ڪتاب جيڪو ڪنهن بادشاهہ يا پيغمبر کي بہ اهو اختيار نٿو ڏئي تہ اهو پين انسانن کان مڪمل اطاعت جو مطالبو ڪري، اهو غلاميءَ کي ڪنهن بہ انداز ۾ ڪهڙيءَ ريت قابل قبول قرار ڏئي سگهي ٿو. شخصي آزاديءَ جي باري ۾ سڀ کان وڏي ضمانت، جيڪا قرآن ۾ موجود آهي، اها هي آهي تہ انساني آزاديءَ کي سواءِ الله جي ڪو بہ محدود نٿو ڪري سگهي، ۽ اهو تہ ”اهو فيصلو ڪرڻ جو اختيار تہ درست ڇا آهي، ۽ غلط ڇا آهي، صرف ۽ صرف الله تعاليٰ وٽ آهي.“

مشهور پاڪستاني قانوندان خالد ايم اسحاق جو چوڻ آهي:”قرآن ذميوارانہ اختلاف راءِ کي بنيادي حق جو درجو ڏئي ٿو. پنهنجن

اختيارن جو استعمال ڪندي نہ تہ مقنني نہ ئي انتظاميہ بي حساب اطاعت جو مطالبو ڪري سگهي ٿي. خود رسول پاڪ ﷺ کي بہ، حالانڪ انهن تي الله تعاليٰ جي وحي نازل ٿيندي هئي، هدايت هئي تہ اهو عوامي معاملن ۾ مسلمانن سان مشورو ڪري. الله تعاليٰ، پاڻ سڳورن ﷺ کي چيو:

"۽ پنهنجي معاملن لاءِ انهن سان مشورو ڪريو ۽ جڏهن معاملا طئي ٿين تہ الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪريو."

چاڪاڻ تہ گڏيل صلاح جي اصولن جي پابندي لازمي آهي، ان ڪري اهو مسلمانن جو بنيادي فرض آهي تہ اهي اجتماعي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي جيستائين ممڪن هجي، مشاورت ڪن. سورت البقره جي آيت ٢٥٦ ۾ چيو ويو آهي تہ:

"دين جي معالمن ۾ ڪا بہ زبردستي نہ آهي."

اها مذهب ۽ عبادت جي آزاديءَ جي ضمانت آهي. ان جو مطلب آهي تہ قرآني تعليم جي مطابق، مسلمان علائقن ۾ آباد غير مسلمن کي پنهنجن مذهبن ۽ رسمن تي عمل ڪرڻ جي آزادي، بنا ڪنهن خوف ۽ هراس جي حاصل ٿيندي. قرآن پاڪ ۾ ڪيترن ئي جاين تي واضح انداز ۾ چيو ويو آهي تہ رسول پاڪ ﷺ جي ذميواري اها آهي تہ الله تعاليٰ جو پيغام ماڻهن تائين پهچائي ۽ ڪنهن کي ان تي ايمان آڻڻ تي مجبور نہ ڪري. قرآن ۾ گهڻو واضح لفظن پنهنجي مرضيءَ جو مذهب ۽ عقيدو چوندڻ جي آزاديءَ جي حمايت ڪئي وئي آهي. اهو پڻ چيو ويو آهي تہ الله تعاليٰ انسانن کي انهن جي عقيدن جي بنياد تي نہ پر انهن جي نيڪ عملن جي بنياد تي پرکيندو. جيئن سورت البقره ۾ چيو ويو آهي تہ:

"اهي، جن ايمان آندو ۽ جيڪي يهودين جي ڪتاب تي عمل ڪندا آهن، ۽ جيڪي عيسائين جي ڪتابن کي مڃين ٿا، ۽ ڪي

پڻ ماڻهو جيڪي الله تي ۽ قيامت تي ايمان رکندا آهن ۽ سٺا عمل ڪندا آهن، انهن کي الله تعاليٰ اجر ڏيندو ۽ انهن کي ڪو به خوف نه هجڻ گهرجي ۽ نه ڪو ملال تيڻ گهرجي. (۳۵)

قرآن ۾ مذهبي آزاديءَ جو حق نه رڳو ٻين مذهبن جي مڃيندڙن لاءِ تسليم ڪيو ويو آهي، بلڪ انهن ماڻهن جو حق پڻ مڃيو ويو آهي، جيڪ خدا تي يقين نه رکندا آهن. (جيڪڏهن اهي مسلمانن خلاف اڳرائي نه ٿا ڪن- ۳۵)

مذهب ۾ انساني حقن جي آزاديءَ جي سلسلي ۾ قرآن جي ان آيت جو ذڪر ضروري آهي ته، ”دين ۾ ڪابه زبردستي نه ڪريو“ اهو حڪم صرف مسلمانن جي لاءِ ئي نه آهي، بلڪ غير مسلمانن جي لاءِ پڻ آهي. اهي ماڻهو جن اسلام کي مڃڻ کان پوءِ ان کي ڇڏي ڏنو ۽ مسلمانن سان جنگ ڪئي، انهن کي دشمن جي حيثيت ڏيڻ جو حڪم آهي، پر قرآن انهن جي اسلام تي عمل نه ڪرڻ ۽ ان کي ڇڏيٰ ڏيڻ جي ڪا به سزا تجويز نٿو ڪري. آخرت ۾ ڪنهن شخص جي قسمت جو فيصلو صرف ۽ صرف الله تعاليٰ ڪندو.

آزاديءَ جي حق ۾ سچ ڳالهائڻ جي آزادي پڻ شامل آهي، سچ جي لاءِ قرآني اصطلاح ”حق“ آهي، جيڪو الله جي صفتن مان هڪ آهي. حق جي لاءِ اٿي کڙو ٿيڻ حق به آهي ۽ ذميواري پڻ، جنهن کان ڪو به مسلمان انتهائي ڏکين حالتن ۽ خطرن جي موجودگيءَ ۾ به هٽي نٿو سگهي. قرآن ايمان وارن کي چوي ٿو ته اهي حق جي گواهي ڏين، اٿي اسلام، سماج کي اها هدايت پڻ ڏئي ٿو ته اهڙي گواهي ڏيڻ واري کي ڪو به نقصان نه پهچي.

## علم حاصل ڪرڻ جو حق

قرآن علم حاصل ڪرڻ کي سينيءَ کان گهڻي اهميت ڏئي ٿو. اسلامي نظريہ حيات ۾ علم جي بنيادي اهميت آهي. ان جو ثبوت اها آيت آهي، جنهن کي مسلمان رسول ﷺ تي لاٿل پهرين وحي مڃيندا آهن.

قرآن اهو سوال اٿاريندي، تہ ڇا اهي ماڻهو جيڪي علم نٿا رکن، انهن جي برابر ٿي سگهن ٿا، جيڪي علم رکندا آهن، مسلمانن تي زور ڏئي ٿو تہ اهي علم ۾ واڌاري جي دعا گهرن. پاڻ سڳورن ﷺ جي مشهور دعا اها هئي تہ " اي الله مون کي شين جو حتمي علم عطا ڪر" - ۽ اها حديث تہ وڏي مشهور آهي تہ "علم حاصل ڪريو پوءِ ڀلي چين ٿي وڃڻو پوي."

قرآني نقطہ نظر سان، علم انسان تي مبني دنيا جي قيام لاءِ لازمي آهي، جنهن ۾ حقيقي امن هجي، قرآن ۾ جنگ جي ڏينهن ۾، جنگ جي دوران بہ علم حاصل ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو آهي.

## رزق جو حق

جيئن تہ سورت هود ۾ چيو ويو آهي تہ هر جاندار جو رزق الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي. اسلام جو هڪ بنيادي تصور جيڪو اسلام جي سماجي، معاشي ۽ سياسي نظام جي بنياد آهي، اهو آهي تہ هر شيءِ جو مالڪ الله آهي، ڪو بہ فرد نہ! ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ سمورن جهانن جو خالق آهي، ان لاءِ سموري مخلوق جو انهن سمورين شين ۾ حصو آهي، جيڪي خالق پاران تخليق ڪيون ويون آهن. ان جو مطلب اهو آهي تہ هر فرد کي زندگي بسر ڪرڻ جي وسيلن تي حق حاصل آهي ۽ جيڪي ماڻهو معاشي ۽ سياسي طاقت رکن ٿا، انهن

کي اهو حق حاصل نہ آهي تہ اهي انهن وسيلن جي اجائي استعمال ۽ ان تي ناجائز قبضي سان ٻين کي زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن کان محروم ڪن، جيڪي الله تعاليٰ پوري انسانيت جي فائدي جي لاءِ پيدا ڪيا آهن.

## ڪم ڪرڻ جو حق

قرآن جي تعليم جي مطابق هر انسان کي پوءِ اهو مرد آهي يا عورت، ڪم ڪرڻ جو حق حاصل آهي- پوءِ اهو ڪم پلي اجرت جي خاطر نوڪريءَ جي صورت ۾ هجي يا رضاڪارانہ خدمتن جي صورت ۾. محنت جو ثمر ان جي لاءِ آهي، جنهن محنت ڪئي هجي، پوءِ اها عورت هجي يا مرد. سورت النساءِ جي آيت ٣٢ ۾ آهي:

”مردن جي لاءِ آهي، جيڪو انهن ڪمايو ۽ عورتن جي لاءِ جيڪو انهن ڪمايو.“

## رازداريءَ جو حق

قرآن رازداريءَ جي اهميت ۽ ضرورت کي تسليم ڪري ٿو ۽ گهر جي اندر ۽ ٻاهرين غير ناجائز مداخلت جي خلاف فرد جي زندگيءَ جي بچاءُ جا اصول مقرر ڪري ٿو.

## ڪوڙن الزامن، غيبت ۽ ٺوڪ ڪرڻ کان بچاءُ جو حق

قرآن انسانن کي بدنامي، طنز، خراب نالي ڏيڻ ۽ غيبت سان محفوظ رکڻ جي حق کي تسليم ڪري ٿو. قرآن اهو پڻ چوي ٿو تہ ڪنهن شخص کي الزام جي بنياد تي خراب نہ سمجهيو وڃي ۽ جيڪي

ماڻهو بدنيتيءَ سان ٻين کي بدنام ڪن ٿا، انهن کي هن دنيا ۾ بہ سزا ملندي ۽ ٻئي جهان ۾ بہ!

## پنهنجي لطيف حسن کي اجاگر ڪرڻ ۽ الله جي نعمتن مان لطف اندوز ٿيڻ جو حق

جيئن تہ محمد ﷺ چيو آهي تہ: ”سموريون سٺيون شيون ايمان وارن جي لاءِ آهن“ قرآن ۾ هر قسم جي زندگيءَ جي نفي ڪرڻ ۽ پاڻ کي تباهہ ڪرڻ، ۽ مارڻ جهڙين حرڪتن جي مذمت ڪئي وئي آهي. اصل ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ پنهنجين لطيف حسن کي اجاگر ڪرڻ، الله جي خوبصورت تخليقن کان لطف اندوز ٿيڻ جو اهو حق آهي، جيڪو قرآن جي زندگيءَ جي توثيق ڪرڻ وارن تصورن ۾ ڏنو ويو آهي.

## جبر جي حالتن ۾ پنهنجو وطن ڇڏي وڃڻ جو حق

قرآني تعليم جي مطابق مسلمان جي وفاداري ڪنهن علائقي سان نہ پر الله تعاليٰ سان هجڻ گهرجي. ان جي پيغمبريءَ جي مشن کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي وطن مڪي شريف کي ڇڏيو ۽ مديني ڏانهن هجرت ڪئي. هجرت جي واقعي جي گهڻي گهري روحاني ۽ تاريخي اهميت آهي. انهن مسلمانن کي پنهنجي وطن کي ڇڏي وڃڻ جي لاءِ چيو ويو آهي، جن لاءِ پنهنجو وطن بديءَ جي سرزمين بڻجي وڃي ۽ اهي اتي الله جا عائد ڪيل فرض پورا نہ ڪري سگهندا هجن.

## ”سٺي زندگي“ جو حق

قرآن پاڪ نہ صرف انسانن جي زنده رهڻ جي حق کي تسليم ڪري ٿو بلڪ ”سٺي زندگي“ جي حق جي ڳالهہ ڪري ٿو. سٺي زندگي ڪترن ئي عنصرن سان ملي بڻجندي آهي، ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن ڪو انسان انصاف تي مبني ماحول تي زنده هجي. قرآن جي تعليم مطابق انصاف امن جي لاءِ لازمي شرط آهي ۽ امن انساني ترقيءَ جي لاءِ ضروري آهي. هڪ منصفاڻي معاشري ۾ اهي سمورا حق آسانيءَ سان ملي سگهن ٿا، جن جو ذڪر پهرين ڪيو ويو آهي. اهڙن معاشرن ۾ ٻيا حق، مثال طور پنهنجي رهائش جي جاءِ حاصل ڪرڻ جو حق، پنهنجي ذاتي ملڪيت جي بچاءُ جو حق، پنهنجي معاهدن جي بچاءِ جو حق، اچ وڃ جي آزادي، اقليتن جي لاءِ سماجي ۽ عدالتي خودمختياري، پنهنجي مقصد، مقام جي حفاظت، پنهنجي روحاني مرڪزن ڏانهن موٽي وڃڻ جا حق پڻ حاصل هوندا آهن.

### عورتن جا حق: قرآن جو مثالي نظام ۽ مسلمانن جي عملي صورتحال

مسلمان مرد اهو چئي نٿا ٿڪجن تہ اسلام عورتن کي دنيا جي ڪنهن بہ ٻئي مذهب جي مقابلي ۾ وڌيڪ حق ڏنا آهن. يقينن جيڪڏهن اسلام سان مراد قرآني اسلام آهي تہ يقينن اسلام ۾ عورت جا وڏا حق بيان ڪيا ويا آهن. نہ صرف اهو تہ عورت کي سمورا عمومي حق حاصل آهن، جن جو ذڪر اڳين صفحن ۾ آيو آهي، بلڪہ انهن کي قرآن ۾ خاص اهميت پڻ ڏني وئي آهي. قرآن ۾ ڏنل عورتن بابت قانونن ۾ اها ڳالهہ تسليم ڪئي وئي آهي تہ عورتن جي حيثيت مراعت کان محروم طبقي جي آهي ۽ مسلمانن کي کپي تہ انهن سان انصاف ڪن. جڏهن تہ بدقسمتيءَ سان اهي سمورا (يهودي، عيسائي، بدوي) تعصب، جيڪي اسلام جي ابتدائي سالن

۾ عرب ۾ موجود هئا، اسلامي رسمن رواجن ۾ بہ سرائيت ڪري ويا ۽ قرآن جي عورتن کي آزاد حيثيت ڏيارڻ ۽ مردن کان ڪمتر درجو ڏيڻ جي رواج کي ختم ڪرڻ جي هدايت تي توجہ گھٽجي وئي.

مسلمانن جي تاريخ ۽ ثقافت جو جائزو ورتو وڃي تہ قرآني تعليم کان قطئہ نظر، اڪثر اسلام جي نالي تي گھڙيل ئي شعبن ۾ اسان کي عورتون جبر ۽ ناانصافيءَ جو شڪار نظر اينديون آهن، جڏهن تہ قرآن پسمانده ۽ جبر جي شڪار انسانن سان همدرديءَ جي رويي جي ڪري ڪيترن ئي لحاظن کان عورتن جي حمايت ڪندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ان ڪري عورتن بابت اسلامي تعليم کي مرد جي بالادستيءَ واري سماجن ۾ عورتن جي حق ۾ نہ پر انهن جي خلاف استعمال ڪيو ويندو رهيو آهي. مسلمان سماجن ۾ مسلسل اها ڪوشش ڏسڻ ۾ ايندي رهي آهي تہ عورتن جي جسم ۽ جنسيت کي قابو ۾ رکيو وڃي، بجاءِ ان جي تہ انهن جي انساني حقن جي ڳالھہ ڪئي وڃي. ڪيترائي مسلمان جڏهن انساني حقن جي ڳالھہ ڪندا آهن، تہ اهي يا تہ عورتن جي حقن جي ڳالھہ ئي نہ ڪندا آهن، يا وري ان تي ڳالھہ ڪندا آهن تہ ڪهڙيءَ ريت عورت جي عزت کي تحفظ ڏنو وڃي. (بظاهر اهي مردن جي عزت جي حفاظت جي پرواهہ نہ ڪندا آهن).

مسلمان سماجن ۾ عورتون انساني حقن جي شديد ترين پائماليءَ جو شڪار ٿينديون آهن. مسلمان وڏي فخر سان چوندا آهن تہ اسلام ڇوڪرين کي پيدا ٿيندي ئي قتل ڪرڻ جي رسم ختم ڪئي. اهو سچ آهي پر اهو ذڪر بہ ڪرڻ گھرجي تہ ڪيترن ئي مسلمان ملڪن ۾، جن ۾ پاڪستان بہ شامل آهي، سينيءَ کان عام ڏوهہ مڙسن جي هٿان پنهنجين زالن جو قتل آهي. اهي غيرت جي نالي تي ٿيندڙ

قتل دراصل انتهائي ذلت آميز آهن ۽ اڪثر بين ڏوهن کي لڪائڻ جي لاءِ ڪيا ويندا آهن.

ڇوڪرين سان پيدا ٿيندي ئي امتيازي سلوڪ ڪيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ مسلمان سماجن ۾ رواج آهي تہ پٽ کي الله جي نعمت سمجهيو ويندو آهي، جڏهن تہ ڌيءَ کي هڪ آزمائش، ان لاءِ پٽ جي ڄمڻ تي خوشي ملهائي ويندي آهي، جڏهن تہ ڌيءَ جي پيدائش تي جيڪڏهن روئڻ پٽڻ نہ بہ هجي تہ سنجيدگي اختيار ڪئي ويندي آهي. ڪيترن ئي ڇوڪرين جي شادي ٻاروتڻ ۾ ئي ڪئي ويندي آهي، حالانڪ اسلام ۾ شادي هڪ معاهدي جي حيثيت رکندي آهي، جنهن جي لاءِ لازمي آهي تہ معاهدي جون ٻئي ڌريون بالغ هجن. جيتوڻيڪ ڪيترين ئي قرآني آيتون شاديءَ جي سلسلي ۾ عورتن جي حقن جي بچاءَ جي باري ۾ آهن، پوءِ بہ عورتون پنهجين مڙسن سان برابريءَ جو مطالبو نٿيون ڪري سگهن. مڙس کي عورت جي لاءِ جنت يا دوزخ جو رستو ۽ ان جي قسمت جو فيصلو ڪرڻ وارو سمجهيو ويندو آهي، اها ڳالهہ تہ ڇا اهڙو تصور اسلام جي دائري ۾ قائم رهي سگهي ٿو جيڪو اصولي طور تي ايمان رکڻ وارن ۽ خدا جي وچ ۾ ڪنهن واسطي جي موجودگيءَ کي رد ڪري ٿو. اها ڳالهہ بيحد افسوس ناڪ آهي.

جيتوڻيڪ قرآن ۾ ان طلاق جو تصور پڻ ڏنو ويو آهي، جنهن کي اسان "بنا سبب طلاق" چئي سگهون ٿا ۽ طلاق جي باري ۾ ڪو بہ مخالف فيصلو نہ ڏنو ويو آهي. مسلمان معاشرن ۾ عورتن جي لاءِ طلاق کي قانوني لحاظ سان بہ ۽ معاشرتي لحاظ سان بہ بيحد مشڪل بڻايو ويو آهي. جيتوڻيڪ قرآن واضح طور تي اهو حڪم ڏئي ٿو تہ گهٽ عمر واران ٻارن جي صورت ۾ طلاق شده والدين گڏيل صلاح

سان طئي ڪن تہ ٻارن جي پرورش ڪهڙي ريت ڪئي وڃي ۽ اهو تہ اهي ٻارن کي هڪٻئي کي ڏک پهچائڻ ۽ تنگ ڪرڻ جي لاءِ استعمال نہ ڪن. پر عام طور تي مسلمان معاشرن ۾ طلاق شده عورتن کان انهن جا پٽ (عمومن ٧ سالن جي عمر ۾) کسيا ويندا آهن ۽ ڌيئرون ٻارهن سالن جي عمر ۾ ورتيون وينديون آهن. ڪنهن عورت کي صرف ان سبب کان ان جي ٻارن کان محروم ڪري ڇڏجي تہ ان کي طلاق ملي چڪي آهي، ان کان وڌيڪ وڏو ظلم تصور ۾ نٿو اچي سگهي. جيتوڻيڪ قرآن ۾ گهڻين شادين جي اجازت يتيمن ۽ بيواهن کي تحفظ ڏيارڻ جي ڪري ڏني وئي هئي، پر عملي طور تي مسلمان مردن ان کي هڪ اهڙي تلوار بڻائي ڇڏيو آهي، جيڪا هر وقت عورتن جي سر تي لٽڪندي رهي ٿي. جيتوڻيڪ قرآن ۾ عورتن کي اهو حق ڏنو ويو آهي تہ اهي پنهنجي ويجهن مائٽن جي موت کان پوءِ پنهنجو موروثي حصو حاصل بلڪ پنهنجي وارثن جي زندگيءَ ۾ بہ تحفا ۽ نذرانہ وصول ڪن، پر مسلمان معاشرن ۾ دولت عورت جي هٿ ۾ ڏيڻ تي مرد کي وڌيڪ ترجيح ڏني وئي آهي. باوجود ان جي تہ حالتون ان جي تقاضا ڪنديون هجن. جيتوڻيڪ قرآن ۾ عورتن جي لباس ۽ طور طريقن جي باري ۾ آيتن جو مقصد اهو هو تہ عورت کي پنهنجي روز جي ڪمن جي انجام ڏهيءَ ۾ (جيئن تہ ان کي نفعہ بخش سرگرمين جي اجازت ڏني وئي آهي) گهٽي کان گهٽو تحفظ حاصل هجي. اڪثر مسلمان معاشرن ۾ انهن جي عصمت جي حفاظت جي نالي تي عورتن کي نقاب پارائي ڇڏيا ويا آهن، برقعا پارايا ويا آهن ۽ گهرن جي اندر بند ڪيو ويو آهي. هتي اها ڳالهہ وساري پئي وئي آهي تہ قرآن مطابق پاڪباز عورتن جي لاءِ گهرن ۾ بند تي وڃڻ ڪابہ معمول جي سرگرمي نہ هئي، بلڪ اهڙو بَدي جي سزا جي طور تي ڪيو ويندو هو.

عورت ۽ مرد کي الله تعاليٰ پاران هڪجهڙو پيداڪيو ۽ انهن کي هڪجهڙو درجو ڏنو پر مسلمان معاشرن ۾ انهن کي نابرابريءَ واري حيثيت ڏني وئي. قرآن ۾ زال ۽ مڙس جو بيان ان ريت ڪيو ويو آهي تہ ”هو اوهان جو لباس آهن ۽ اوهان انهن جو لباس آهيو“. ان سان گڏيل تعلق ۽ برابري جي خبر پوندي آهي، پر مسلمان معاشرن ۾ جيڪڏهن سيني نہ تڏهن بہ گهڻين عورتن کي ڪٺ پتلي بڻايو ويو آهي يا غلامن جهڙي ڪا مخلوق بڻايو ويو آهي، جنهنجو صرف اهو ئي مقصد آهي تہ عورت صرف مرد جي ضرورتن ۽ خوشين کي پورو ڪري. صرف اهو نہ پر انهن ۾ اها جرئت بہ هئي تہ عورت کي الله سان سڌو سنئون رابطو رکڻ کان بہ محروم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اهو اسلام جي سنهري اصولن ۾ آهي تہ هر فرد, پوءِ اهو مرد هجي يا عورت پاڻ پنهنجي اعمالن جي لاءِ جوابده آهي. پلا پوءِ مڙس ڪيئن عورت جي لاءِ جنت يا دوزخ جو دروازو بڻجي سگهي ٿو.

اسلامي معاشرن جي پدري نظام جي ڪري بيشمار عورتن جي زندگين ۾ خرابين جي باوجود مستقبل جي لاءِ اميد موجود آهي. سموري دنيا ۾ اهي آثار ڏسڻ ۾ اچن ٿا تہ سرمائيداري، ڪميونزم ۽ مغربي جمهوريت کان بدظن ٿيڻ کان پوءِ مسلمانن قرآن جي تعليم تي غور ڪرڻ شروع ڪيو آهي. جيئن جيئن اها سوچ گهري ٿيندي ويندي، اميد آهي تہ اهو ادراڪ پيدا ٿيندو تہ الله تعاليٰ جي نائب ٿيڻ جو فرض صرف ۽ صرف انصاف ڪرڻ سان مڪمل ٿي سگهي ٿو.

## مسلمان عورتن جا معاشي حق

سترهين صديءَ جي عرب سماج ۾ عورت جي مراعات کان محروم حيثيت کي تسليم ڪندي قرآن عورتن جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ ڪيترا ئي قدم تجويز ڪيا. انهن مان سيني کان اهم معاشي

حق هئا، جيئن عورتن جي آزاديءَ جو حامي مصري ليکڪ قاسم امين پنهنجي ڪتاب ۾ چوي ٿو تہ مالي آزادي کان سواءِ ڪا بہ آزادي ممڪن نہ آهي.

## عورت جو ڪم ڪرڻ ۽ ڪمائڻ جو حق

قرآن جي تعليم مطابق مرد ۽ عورت کي ڪم ڪرڻ جو حق آهي، پوءِ اهو ڪم اجرت جي لاءِ ڪيو وڃي يا رضاڪارانہ طور تي. محنت جي ثمر تي ان جو ئي حق آهي، جنهن ان لاءِ ڪم ڪيو پوءِ اهو مرد هجي يا عورت. جيئن سورت النساءَ جي آيت نمبر ٣٢ ۾ چيو ويو آهي تہ: قرآن عورتن جي خصوصي ڪمن جي اهميت کي پڻ تسليم ڪري ٿو تہ اهي ٻارن کي جنم ڏين ٿيون ۽ هڪ وڏي وقت تائين ٻارن جي پرورش ڪن ٿيون. جيتوڻيڪ سورت النساءِ جي آيت ٣٤ انهن لفظن سان شروع ٿيندي آهي تہ مردن کي عورتن جي آڏو مضبوط بڻايو ويو آهي، ۽ انهن لفظن کي اهو ثابت ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي تہ عورتن کي محڪوم جو درجو ڏنو ويو آهي، پر قرآن جو مقصد اهو آهي تہ مرد عورتن کي تحفظ فراهم ڪرڻ وارا هجن. مردن کي حڪم آهي تہ اهي گذر سفر ڪرڻ جي لاءِ ڪمائڻ وارا بڻجن تہ جيئن عورتن تي ڪمائڻ جو بار ان وقت نہ پئي جڏهن اهي ٻار پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي پرورش ڪرڻ ۾ مصروف هجن. اها ڳالهہ بہ ڌيان جي قابل آهي تہ قرآن سمورن مردن کي مدد ڏيڻ وارن جو درجو ڏئي ٿو صرف مڙسن کي نہ.

## ٻار کي کير پيئاريندڙ عورتن جي مناسب سار سنڀال

قرآن اها ڳالهہ واضع طور تي چوي ٿو تہ ٻار کي کير پيئاريندڙ عورت جي سار سنڀال جي مڪمل ذميواري ٻار جي پيءُ تي ٿيندي آهي ۽

جيڪڏهن اهو فوت ٿي وڃي تہ اهڙي ذميواري پيءُ جي وارثن تي ٿيندي آهي. ان ۾ واضع طور تي چيو ويو آهي تہ والدين مان ڪنهن بہ هڪ کي بہ ٻار جي حوالي سان دٻاءُ جو شڪار نہ بڻايو وڃي. جيڪڏهن ماءُ کان سواءِ ڪنهن ٻي عورت جو کير پيئاريو وڃي تہ والدين گڏيل صلاح سان اهو طئي ڪن تہ ان سلسلي ۾ ڪهڙا انتظام ڪيا وڃن. لاڳاپيل سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

ماءُ کي کپي تہ اها ٻار کي پورن ٻن سالن تائين کير پيئاري (يعني) پوري مدت تائين کير پيئارڻ گهرجي. کير پيئاريندڙ ماءُ جو کاڌو پيتو ۽ لٽو ڪپڙو يقينن ٻار جي پيءُ جي ذمي هوندو. ڪنهن تي بہ ان جي قوت کان وڌيڪ ٻار نہ وجهڻ گهرجي. ڪنهن ماءُ کي ان جي ٻار جي ڪري مشڪل نہ وجهڻ گهرجي، نہ ان مرد کي مشڪل ۾ وڌو وڃي، جنهن جو ٻار آهي. ۽ والد جي وارثن تي اها ئي ذميواري عائد ٿيندي آهي، جيڪا والد تي هئي، جيڪڏهن اهي گڏيل صلاح سان ٻار جي پرورش ڪرڻ گهرن تہ ان ۾ ڪو بہ گناهہ نہ آهي، بشرطيڪ اوهان اهو ڪجهہ ادا ڪيو جيڪو رحمدليءَ سان اوهان تي عائد ٿئي ٿو. الله تعاليٰ ڏانهن ڀرين فرض پورا ڪريو ۽ ياد رکو تہ الله اهو ڪجهہ ڄاڻي ٿو جيڪو اوهان ڪندا آهيو. سورت البقره، آيت ٢٣٣

## لاڳاپيل عورتن جي سار سنڀال

نہ صرف شاديءَ جي سلسلي ۾ بلڪہ طلاق جي حوالي سان بہ قرآن اهو تجويز ڏئي ٿو تہ عورتن سان انصاف ۽ نرم دليءَ جو جو ورتاءُ ڪيو وڃي، جيئن هيٺين سٽن ۾ ظاهر آهي:

"جڏهن اوهان عورتن کي طلاق ڏيو ۽ اهي پنهنجي عدت جي مدت پوري ڪري ڇڏين تہ يا تہ انهن کي منصفاڻي شرطن تي واپس وٺي ڇڏيو پر انهن کي نقصان پهچائڻ ۽ ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ

اڻين نہ ڪريو جيڪڏهن ڪو اڻين ڪري ٿو تہ اهو پنهنجي پاڻ سان زيادتي ڪري ٿو. سورت البقره ٢٣١

ان ۾ اوهان جي لاءِ ڪو بہ گناهہ نہ آهي تہ اوهان عورت کي طلاق ڏئي ڇڏيو جڏهن تہ اوهان ان کي ڇهيو بہ نہ هجي نہ ئي ان جو ڪو حصو مقرر ڪيو. انهن جي ڪفالت ڪريو. امير پنهنجي گنجائش مطابق ۽ گهٽ آمدنيءَ وارا پنهنجي صلاحيت مطابق. اهو انهن جي لاءِ هڪ فرض آهي، جيڪي ڀلائيءَ ڪن ٿا. جيڪڏهن اوهان انهن کي طلاق ڏيو يا، ان کان اڳ جو اوهان انهن کي ڇهو ۽ اوهان انهن جي لاءِ حصو مقرر ڪري چڪا هجو تہ ان جو اڌ ادا ڪريَ ڇڏيو جيڪو اوهان مقرر ڪيو هو سواءِ ان جي تہ اها ان کي معاف ڪرڻ تي رضامند ٿي وڃي. معاف ڪرڻ نيڪي جي ويجهو آهي. الله ڇاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ اوهان ڪريو ٿا. (سورت البقره آيت ٢٣٦-٢٣٧)

لاڳاپيل عورتن جي لاءِ مناسب حد تائين خرچ ادا ڪرڻ گهرجي. اهو هڪ فرض آهي، نيڪ ماڻهن جي لاءِ. (سورت البقره ٢٤١)

جيڪڏهن اوهان فيصلو ڪريو تہ هڪ زال جي جاءِ تي ٻي زال آڻيو تہ جيڪڏهن اوهان پهرين کي پورو حق مهر ڏئي ڇڏيو آهي، ان مان ڪجهہ بہ واپس نہ وٺو ڇا اوهان اهو الزام تراشي ۽ واضح برائيءَ جي ذريعي واپس وٺندو. (سورت النساءِ ٢٠)

## عورتون وراثت

قرآن جي سڀ کان وڌيڪ انقلابي تعليم اها آهي تہ عورت کي پنهنجن سمورن مائٽن جي وراثت ۾ حصو ملندو. اسلام کان اڳ ڪنهن بہ مذهب پاران عورت کي اهو حق نہ ڏنو ويو هو. جڏهن تہ مسلمان معاشرن ۾ ان حڪم کي ناقص انداز ۾ عمل ۾ آندو ويو

آهي. (هتي ڪيترين ئي عورتن کي انهن جو پورو ورثو نہ ڏنو ويندو رهيو آهي) هيٺين قرآني آيت مسلمان عورتن جي معاشي حقن جي حوالي سان بيحد اهم آهي:

”جيڪو ڪجهہ والدين ۽ ويجھا عزيز ڇڏي ويا آهن ان ۾ مردن جو حصو آهي ۽ جيڪو ماڻهن ڇڏيو آهي، ان ۾ عورتن جي لاءِ حصو آهي، پوءِ ملڪيت گهٽ هجي يا وڌيڪ، هڪ مقرر حصو آهي (سورت النساءِ ٧)“

## عورتن جي وراثت ۾ حصي جي باري ۾ غلط فهميون

ڪيترن ئي مسلمانن جو عقيدو آهي تہ وراثت ۾ عورت جو حصو مرد جي مقابلي ۾ اڌ آهي. اها ڳالهہ صحيح نہ آهي. ڌيءَ جو حصو پٽ جي مقابلي ۾ اڌ آهي ۽ زال جو حصو مڙس جي مقابلي ۾ اڌ آهي. ان ڪري جيڪڏهن مرڻ واري جا ڪي بہ ٻار نہ آهن ۽ صرف والدين ئي وارث آهن تہ ان جي ماءُ کي پيءُ جي مقابلي ۾ ٻيڻو حصو ملندو. پيڻ جو حصو ايترو ئي آهي، جيترو ڀاءُ جو. اها ڳالهہ هيٺ ڏنل سٽن ۾ چٽي وئي آهي:
”الله اوهان کي اوهان جي ٻارن جي وراثت جي باري ۾ حڪم ڏئي ٿو تہ عورتن کي مردن جي برابر حصو ڏنو وڃي، جيڪڏهن صرف ٻہ يا ان کان وڌيڪ ڌيئرون هجن تہ انهن جو حصو ٻہ ڀاڱي ٽي آهي، جيڪڏهن هڪ ڌيءَ آهي تہ ان جو حصو اڌ آهي.“

والدين جي لاءِ وراثت جو ڇهون حصو آهي، جيڪڏهن مرڻ واري جا ٻار آهن. جيڪڏهن ان جا ٻار نہ آهن ۽ صرف والدين ئي وارث آهن، تہ ماءُ کي چوٿون حصو ملندو جيڪڏهن مرڻ واري جا ڀائر يا ڀيڻون موجود آهن تہ ماءُ کي ڪل وراثت جو ڇهون حصو ملندو وارثن جي

حصي جي ورهاست سمورن قرضن ۽ ذميوارين جي ادائيگيءَ کان پوءِ ٿيندي. (بنوڌج إللّبنا* ١٢-١١)

وراثت جي سلسلي ۾ اها ڳالهه نوٽ ڪئي وڃي ته قرآن ستين صديءَ جي عرب معاشي حقيقتن کي آڏو رکندي مردن کي خاندان جي سار سنڀال رکڻ جو ذميوار قرار ڏنو آهي، جنهن سان مردن تي معاشي بار عورتن کان گهڻو وڌيڪ آهي.

جيڪڏهن وراثت جي باري ۾ قرآني هدايتن کي انهن جي تاريخي ۽ ثقافتي حوالن سان سمجهيو وڃي ته ان ۾ عورتن لاءِ ڪو به فرق نه رکيو ويو آهي. جيڪڏهن انهن هدايتن تي صحيح نموني سان عمل ڪيو وڃي ته ان سان عورت جي معاشي خودمختياري ۾ گهڻو واڌارو ٿيندو.

# اجرت ڏيندڙ ۽ ڪارڪن جي لاڳاپي تي اسلامي نڪتئہ نظر

حسن خان

قرآن پاڪ ۾ چيو ويو آهي تہ اسان ئي آهيون جن هن دنيا جي جاندارن ۾ رزق تقسيم ڪيو آهي ۽ اسان ڪن ماڻهن کي ٻين تي مقرر ڪريون ٿا، تہ جيئن انهن مان ڪي ماڻهو ٻين جي ڪمن جي نگراني ڪن (٣٢: ٤٣)

مٿي ڄاڻايل آيتن ۾ ڪنهن بہ سماجي نظام جي معاشي ادارن ۾ هلندڙ درجہ بندي کي بيان ڪيو ويو آهي. مختلف مروج انتظامي طريقن جو تجزيو ڪيو وڃي تہ اجرت ڏيندڙ ۽ ڪارڪن وچ ۾ لاڳاپي جي باري ۾ گهڻائي نڪتہ نظر آڏو آيا آهن. انهن مان مختلف ثقافتن ۾ ملندڙ معاشي نظرين جي خبر پوندي آهي.

آمريڪا ۾ سرمائيدارانہ نظام تي ڪم ٿيندو آهي، سرمايہ داريءَ جي نظريي جو بنياد اهو آهي تہ انسان بنيادي طور تي انفراديت پسند آهي ۽ پنهنجي لاءِ گهٽي کان گهٽو حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي. کليل منڊيءَ ۾ اجرت ڏيندڙ ۽ ڪارڪن جو لاڳاپو گڏيل شرطن کي قبول ڪندي، هڪ ٻئي جي قدرن جو رضاڪارانہ تبادلو آهي. جڏهن تہ ڪاروباري اخلاقيات بابت سمورن تحريرن ۾ مفروضو اهو آهي تہ سوديبازيءَ جي سلسلي ۾ ڪارڪن اجرت ڏيندڙ جي مقابلي ۾ ڪمزور ترين پوزيشن ۾ هوندو آهي ۽ ان لاءِ حڪومت پاران دٻاءُ هوندو آهي تہ ڪارڪن کيً بهتر مراعاتون ڏنيون وڃن. انهن ۾ ڪيترن ئي يونينن ۾ اجاراداري اختيار ڏيڻ بہ شامل آهي، جيڪا عورتن ۽ اقليتي گروهن جي ماڻهن لاءِ مثبت نموني ڪم ڪري ٿي، تہ جيئن گهٽ پگهار، پگهار سان گڏ موڪلون ۽ صحت جي ويمي

ڪي لازمي قرار ڏئي سگهجي. ٻين معاملن ۾ رازداريءَ جا حق (مثال، ڇا اجرت ڏيندڙ کي اهو حق آهي تہ اهو ڪارڪن جي منشيات جي استعمال جي لاءِ ٽيسٽ ڪرائي) اهڙن ڪارڪنن کي ڪهڙيءَ ريت تحفظ ڏنو وڃي، جيڪي ڪنهن ڪمپنيءَ جي غير قانوني سرگرمين کي بي نقاب ڪن ٿا ۽ جنسي طور تي ڊيڄارڻ ۽ آفيسرن پاران پنهنجن ماتحتن جي ڪيل ڪم جو ڪريڊٽ وٺڻ جي مسئلن کي ڪهڙي ريت حل ڪيو وڃي. اولهہ جي معاشرن ۾ ملازمت هڪ مقصد کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. يعني هڪ شخص نوڪريءَ جي ذريعي پنهنجي ڪٽنب کي پالي ٿو. آمريڪا ۾ ڪارڪن، اجرت ڏيندڙ آڏو ٻڌل نہ هوندو آهي، پر ان کي پنهنجي فائدي لاءِ ٻئي پاسي ڪم ڪرڻ جي پڻ اجازت هوندي آهي. ملازمتن ۾ تبديليءَ کي ڪنهن شخص جي خوبين ۾ ڳڻيو ويندو آهي، نہ اهو تہ هو پنهنجي اجرت ڏيندڙ سان وفادار نہ رهيو آهي.

آمريڪا ۾ گهٽ صلاحيتن وارن ڪارڪنن کي نوڪرين مان ڪڍيو ويندو رهيو آهي، ان سلسلي ۾ شايد ئي ڪڏهن غور ڪيو ويندو آهي تہ ان کي ڪنهن آسانءَ ۽ ٻئي ڪم تي لڳايو وڃي. اهڙيءَ ريت گهٽي کان گهٽي منافعي ڪمائڻ جي نڪتہ نظر کان اجرت ڏيندڙ ڪيترن ئي ڪارڪنن کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندو آهي، جڏهن ڪم گهٽجي ويندو آهي.

جاپاني ثقافت ۾ وڏي مدت وارن هدفن ۽ وفاداريءَ کي گهٽي اهميت ڏني ويندي رهي آهي. اجرت ڏيندڙ ۽ ڪارڪن کي هڪ خاندان جي فرد وانگر ڏٺو ويندو آهي. جاپاني ڪارڪن کي پنهنجي اجرت ڏيندڙ يا ڪمپنيءَ جو نمائندو سمجهيو ويندو آهي ۽ توقع ڪئي ويندي آهي تہ اهو ڪارڪن پنهنجي اداريءَ جي لاءِ عزت ڪمائيندو. وفاداري ۽ مناسب تربيت کي يقيني بنائڻ جي لاءِ

ڪارڪنن جي تعليم جي تڪميل ڪان جلد ئي پوءِ ڪاروباري اداري جي لاءِ چونڊيو وڃي ٿو تہ جيئن ٻاهريان اثر ان کي بگاڙي نہ سگهن.

انتظاميہ جو طريقہ ڪار هڪ حلقي جي اندر ذاتي وفاداري ۽ سينيارٽي تي قائم آهي. انهن جي ڪارڪنن لاءِ اهو ڏکيو ٿيندو آهي تہ اهي ڪنهن هڪ اداري جي اندر هڪ ئي ملازمت مان ٻي ملازمت ڏانهن هليا وڃن يا ڪنهن ٻئي اداري ڏانهن هليا وڃن. جيڪڏهن ڪو بہ ڪارڪن ڪا نوڪري ڇڏي ٿو تہ ان لاءِ اهو نهايت ڏکيو ڪم هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان کي نئون حلقو ٺاهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي ۽ ترقي حاصل ڪرڻ مشڪل بڻجي ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن وفاداري جي اصول کي ٽوڙي ڇڏيو آهي.

انتظاميہ ۾ مجموعي طور تي ڪمپني اهڙي ريت هوندي آهي، جيئن ماءُ، ٻار جي لاءِ. ڪمپني پاران ملندڙ سهوليتن ۾ گهر يا رعايتي رهائش، ٽرانسپورٽ الائونس، فيملي الائونس، صحت جون سهوليتون، مفت تفريحي سهوليون، تعليم جا موقعا، رٽائرمينٽ جا فنڊ ۽ بونس شامل هوندا آهن. ڪارڪنن جي پگهارن جو اسڪيل ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي انداز کي نظر ۾ رکي مقرر ڪيو ويندو آهي، مثال طور اهي ملازم جن جا ٻار ٻچا آهن، انهن جون پگهارون اهڙن ماڻهن جي نسبت وڌيڪ هونديون، جيڪي رٽائر ٿيڻ وارا آهن. پگهارون گهٽ مان آهستي آهستي وڌيڪ ٿينديون آهن ۽ پوءِ ٻيهر گهٽ ٿينديون وينديون آهن. رٽائرڊ منتظمين کي اهڙين گهٽ جاين تي بدلي ڪيو ويندو آهي، جتي اهي فعال طريقي سان ڪم بہ ڪندا رهن ۽ پنهنجي حيثيت کي برقرار بہ رکي سگهن.

هن نظام هيٺ وڏين ڪمپنين ۽ سرڪاري ادارن جي سمورن پڪن ملازمن ۾ عام طور تي سموري زندگي جي لاءِ ملازمت ڏني ويندي

آهي. اهي ادارا عام طور تي هر سال ۾ هڪ پيرو تعليمي ادارن مان ئي نوڪرين جي لاءِ ماڻهن کي چونڊي ڇڏيندا آهن. اجرت ڏيندڙ کي والدين وانگر سمجهيو ويندو آهي ۽ ڪارڪن ٻارن وانگر هوندا آهن. جڏهن هڪ پيرو ڪارڪن چونڊيا وڃن ته انهن کان اها توقع ڪئي ويندي آهي ته اهي پوري طرح ڪمپني سان وفادار هجن. ان جي بدلي ۾ ڪمپني مرڻ تائين سمورن ڪارڪنن جي سار سنڀال جو ذمو کڻي ٿي. سموري زندگي جي ملازمت جو اصول سينيارٽي جي بنياد تي پگهار ۽ تقريباً پاڻمرادو ترقي جي عمل جپاني ڪمپنين کي ترقي ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏني آهي.

معاشيات جي جديد ماهرن انسان کي معاشي مخلوق قرار ڏنو آهي جڏهن ته اسلام ۾ انسان اسلامي مخلوق آهن ۽ هميشه رهندا. معاشي مخلوق هميشه پنهنجي ذاتي مفادن جي مقصد جي پويان ڊوڙندي رهندي آهي، جڏهن ته اسلامي مخلوق جي رهنمائي ۽ سماجي بهبود جي امڪانن سان ٿيندي آهي. اسلامي مخلوق جي لاءِ ملازم جي حيثيت ڀاءُ جهڙي آهي، جڏهن معاشي مخلوق جي لاءِ ڪارڪن پيداواري مشين جو هڪ پرزو هوندو آهي، جنهن کي گهٽ کان گهٽ اجرت ۾ گهڻي کان گهڻو استعمال ڪيو ويندو آهي. اسلام نقطه نظر جي مطابق دولت ۽ جائيداد انسان جي صلاحيتن سان حاصل نه ٿيندي آهي بلڪه الله تعاليٰ جي مرضي ۽ ان جي اجازت سان ملندي آهي.

ان لاءِ جيڪو ڪجهه اسان وٽ آهي، اهو خدا جي امانت آهي. اجرت ڏيندڙ جي حيثيت سان اسان کي پنهنجي ذميواري شفقت ۽ انصاف سان نڀائڻ گهرجي. قرآن پاڪ ۾ چيو ويو آهي ته ”اي ايمان وارو! پنهنجي ملڪيت کي پاڻ ۾ غلط طريقي سان خرچ نه ڪريو بلڪه گڏيل رضامنديءَ سان تبادلو ڪريو ۽ پاڻ کي تڪليف نه ڏيو“.

ايمان وارن کي هر قسم جي ڏاڍ کان روڪيو ويو آهي پوءِ ڀيو ماڻهو ڪمزور حيثيت ۾ هجڻ جي ڪري حالتن جي دٻاءَ هيٺ ان محرومي يا ڏاڍ کي قبول ڪرڻ تي رضامند ٿي ڇو نه هجي.

اسلام جي سماجي ۽ معاشي نظام ۾ اجرت ڏيندڙ ۽ ڪارڪن پاڻ ۾ ڀائر آهن. اجرت ڏيندڙ جي لاءِ لازمي آهي ته اهو ڪارڪنن سان عزت ۽ احترام سان پيش اچي. ڪارڪنن جي اجرت ايتري ٿيڻ جي گهرجي جنهن ۾ اهي عزت سان گذر سفر ڪري سگهن. ڪارڪن تي هڪ حد کان وڌيڪ وقت جو بار نه وجهڻ گهرجي. پاڻ سڳورن ﷺ جي لفظن ۾ ته "اهي اوهان جا ڀائر آهن، جن کي الله اوهان جي حوالي ڪيو آهي. اهو جنهن کي الله پنهنجي ڀاءُ جو مددگار بڻايو آهي، ان کي گهرجي ته جيڪو پاڻ کائي، اهو هن کي به کارائي، جيڪو پاڻ پائي، اهو هن کي به پارائي ۽ انهن تي ڪم جو ايترو بار نه وجهو جنهن کي اهي ڪٽي نه سگهن." (بخاري ۽ مسلم)

ان لاءِ اسلام جي معاشي نظام ۾ معاشي سست بازاري جي زماني ۾ ماڻهن کي نوڪرين مان ڪڍي ڇڏڻ جائز قرار نه ٿو ڏئي سگهي بلڪ اهڙي صورتحال ۾ ڪارڪنن کي ڪي پيڪيج ملڻ گهرجن. اهڙي ريت قوت خريد جي هڪ گهٽ کان گهٽ سطح قائم ٿيندي، جنهن سان انتهائي شديد سست بازاري جي دور ۾ به ڪنهن حد تائين طلب قائم رهي سگهي ٿي ۽ اهو عمل سست بازاري کي ٽوڙڻ ۾ مدد ڏيندو. ان کان سواءِ پاڻ سڳورن فرمايو ته "اهو شخص جنت ۾ داخل نه ٿيندو، جيڪو پنهنجي ماتحتن سان سٺو سلوڪ نه ٿو ڪري" (ترمذي)

پنهنجي ملازمن سان سنو سلوڪ ڪرڻ حقوق العباد ۾ عبادت جو درجو رکي ٿو. اهي حق عدل ۽ احسان تي مبني آهن ۽ انهن جي خلاف ورزي ڪرڻ وارو جنت ۾ داخل نہ ٿي سگهندو

رسول الله ﷺ انهن ڳالهين تي خاص طور تي زور ڏنو آهي ۽ چيو آهي تہ:"پنهنجن ماتحتن سان سنو ورتاءُ خوشقسمتيءَ جو باعث بڻجي ٿو جڏهن تہ خراب سلوڪ بدنصيبي آڻي ٿو." (ابو داؤد)

ملازمن کي انهن جي ڪم جي اجرت ضرور ملڻ گهرجي، اهي پنهنجي قدر کان وڌيڪ مطالبو نٿا ڪري سگهن، پر اسلامي قانون مطابق ان جي اجرت ايتري ٿيڻ گهرجي، جنهن سان اهو پنهنجون لازمي بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهي.

چوٿين خليفي حضرت رضہ جو قول آهي تہ:
"الله تعاليٰ اميرن تي اهو فرض ڪيو آهي تہ اهي غريبن جون معاشي ضرورتون ۽ انهن جي لازمي ضرورتون ڪنهن حد تائين پوريون ڪن، جيڪڏهن اهي بکيا آهن ۽ لباس کان بغير آهي، يا ٻين مالي مشڪلن جو شڪار آهن، تہ انهن جو ڪارڻ صرف اهو هوندو تہ امير پنهنجا فرض پورا نٿا ڪن.

حضرت انس رضہ جيڪو رسول الله سان گڏ ڪيتري ئي عرصي کان وٽي رهيو چوي ٿو تہ:
"پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن بہ ڪنهن شخص کي گهٽ اجرت نہ ڏني آهي." (بخاري)

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ: "قيامت جي ڏينهن الله ٽن قسمن جي ماڻهن جو دشمن هوندو. انهن مان ٽيون شخص اهو هوندو . جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ کان مزدوري ڪرائي، ڪم بہ پورو ڪرائي ۽ ان جي اجرت ادا نہ ڪري." (بخاري)

ملازمن سان منصفاڻي سلوڪ تي گھڻو زور ڏيندي، اسلام پاران ڪارڪن جي لاءِ اهو لازمي قرار ڏنو ويو آهي تہ اهي ڪم جي قدر ڪي سڃاڻين ۽ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪن. انهن کي پنهنجا فرض ايمانداري، پابندي ۽ محنت سان ادا ڪرڻا آهن. قرآن پاڪ ۾ انهن خاصيتن جو ذڪر انهن لفظن ۾ ڪيو ويو آهي تہ:

"شعيب عليہ جي ہن ڌيئرن مان هڪ چيو: اي منهنجا پيءُ، ان کي ملازم رکي ڇڏيو يقينن ملازم رکڻ جي لاءِ اوهان جي لاءِ سڀنيءَ کان مناسب اهي ماڻهو آهن، جيڪي سگھا متارا هجن ۽ قابل اعتبار هجن." (٢٨: ٣٦)

ڪم ڪرڻ عبادت آهي، جنهن جي لاءِ خلوص ۽ لگن جي ضرورت آهي. ڪارڪن ۾ اهي صلاحيت هجڻ گھرجي تہ اهو پنهنجي اجرت ڏيندڙ جو اعتبار جيتي وٺي. پاڻ سڳورن ﷺ چيو تہ:

"ان شخص جي اعتماد تي پورا لهو جنهن اوهان تي اعتبار ڪيو ۽ ان شخص سان بي ايماني نہ ڪريو جنهن اوهان کي دوکو ڏنو."

وقت ۽ ان جي پابندي هڪ امانت آهي، اجرت ڏيندڙ جو وقت امانت آهي، ڪم کان پٺي ويڃڻ، وقت ضايع ڪرڻ ۽ خراب ڪارڪردگي اجرت ڏيندڙ جو دوکو ڏيڻ جي مترادف آهي.

جتي ملازمن سان شفقت ۽ انهن کي معاوضي جي ادائگي اسلام ۾ لازمي اصول آهن، اتي ميرٽ جي سختيءَ سان پابندي ۽ سٺي ڪارڪردگي تي انعام ان جون نمايان خاصيتون آهن. قرآن پاڪ ۾ واضح لفظن ۾ چيو ويو آهي تہ:

"انسان ان کان وڌيڪ جو حقدار نہ آهي، جيترو اهو ڪم ڪري تو" (٥٣: ٩٣)

آخر ۾ اهو تہ هڪ لازمي اداري پاران تيار ڪيل هيٺيون معاهدو اسلامي نڪتہ نظر سان اجرت جي ڪارڪن سان لاڳاپي جي وضاحت ڪري ٿو:

”هر ڪارڪن محفوظ ۽ صاف سٿري ماحول ۾ ڪم ڪندو ۽ ان کي پنهنجي ڪم جي مناسب ۽ منصفاڻي اجرت ملندي. اسان انهن جي ڪٽنب جي ضرورت جي لاءِ انهن جي نجي وقت جو احترام ڪنداسون ۽ انهن کي پنهنجن صلاحيتن کي بهتر بنائڻ جا ڪيترائي موقعا ملندا. انهن کي تجويزن ڏيڻ، يا شڪايت ڪرڻ جي آزادي حاصل هوندي. اسان انهن تي ان کان وڌيڪ بار نہ وجهون، جيترو اهو برداشت نہ ڪري سگهن. اسان انهن جي هر وقت عزت ڪنداسين. سمورن ڳالهين ۾ اسان نيڪ نيتيءَ سان قدم کڻنداسين ۽ انهن جي حقن جو احترام ڪنداسين. اسان ان ڳالهہ کي يقيني بڻائينداسين تہ اسان جا قدم اسلامي قدرن جي مطابق هجن ۽ اهو تہ اسان جي منصفاڻي طرز عمل جي ذريعي اسلام انهن تائين پهچي.“

# پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئـي وقـت اُداس ۾ پڙهنـدڙ، پَرنـدڙ ۾ پڙهنـدڙ، سُسـت ۾ پڙهنـدڙ يـا وِڙهنـدڙ ۾ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَـنَ کـا خُصوصي ۽ تـالي لڳـل کِلَـب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هونـدي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَ پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪـرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪـوشش نـہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽـائِيز ڪـرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿـو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَـنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿـي تـہ هـو وَسَ پٽانـدڙ وڌِ کـان وَڌِ ڪتـاب خريـد ڪَـري ڪتـابن جـي ليکَڪَـن، ڇپائينـدڙن ۽ ڇاپينـدڙن کـي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائـڻ جي ڪـوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻَ، سمجھهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄ‌ڪالهہ جي ٻارن تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄ‌ڪالهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهن نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوِ، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)